روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو- 19

Discussion Paper-VIII

# مستقبل جي ڳولا

مارڪسزم جي روشنيءَ ۾

جاويد راڄپر

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

# مستقبل جي ڳولا

## (مارڪسزم جي روشنيءَ ۾)

جاويد راڄپر

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
A-89/11، گلشنِ سحر، باءِ لِڱ پاس گيٽ، واڌو واهه،
قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92–22–2652401, Fax: +92–22–2652401
E–Mail: info@cpcs.org.pk
www.cpcs.org.pk

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

42

ڪتاب جو نالو: مستقبل جي ڳولا
موضوع: روشن خيال تعليمي سلسلو
ليکڪ: جاويد راڄپر
ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل ڊزائننگ: سليمان سميجو،
آفتاب حسين ڪوهارو

ڇاپو پهريون فيبروري 2012ع
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس
مُلهه: 80 رپيا

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

All Rights Reserved
**"Mustaqbal Ji Gola"**
Wrritten by: Javed Rajpar
1st Edition: February 2012
Subject: Civil Society Education Series
Author: Abdul Khalique Junejo
Published by: CPCS

**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو**

- ويهين صدي: اولهه جي زوال ۽ اوڀر جي اڀار جي صدي 06
- ڇا مارڪس ۽ لينن اڳيان ڪو سوشلسٽ ماڊل هو؟ 26
- سرمائيداري بمقابله سوشلزم 40
- مستقبل ماضيءَ مان ئي ڦٽي ٿو 61
- مارڪسزم ۽ سنڌ 73

”ماضيءَ ڏانهن پوئتي نهاريندؤ ته توهان کي عظيم سلطنتن جو
عروج ۽ زوال ڏسڻ ۾ ايندو. تنهن ڪانپوءِ توهين
مستقبل بابت اڳڪتي ڪري سگهندو.“
مارڪيوس اريليوس

”جيڪڏهن اوهين مستقبل جي غيب کي ڄاڻڻ چاهيو ٿا
ته ماضيءَ جو مطالعو ڪريو.“ ڪنفيوشس

”مونکي ان ماڻهوءَ تي حيرانگي نه ٿي ٿئي
جيڪو اوندهه کان ڊڄي ٿو
پر ان تي ٿئي ٿي جيڪو روشنيءَ کان ڊڄي ٿو.“ نامعلوم

# ويهين صدي: اوله جي زوال ۽ اوير جي اڀار جي صدي

”گاديءَ جي هنڌ واري ٽڪري، جيڪا اڳوڻي رومي سلطنت جو مرڪز هئي، سا دنيا جو قلعو هئي، بادشاهن جي دهشت هئي، جتي ڪيترين ئي سوڀن جي قدمن جا نشان ملن ٿا، جيڪا ڪيترن ئي قومن جي مال غنيمت سان مالامال هئي. دنيا جو اهو صاف نظارو، ڪيئن ڊير ٿيو! ڪيئن تبديل ٿيو! ڪيئن بگڙيو! فتح جي رستي کي ول ڍڪي ڇڏيو آهي، ۽ سينيٽرن جون بينچون جيٽن جي ڊير ۾ غائب ٿي ويون آهن..... رومي ماڻهن جو فورم جتي اُهي پنهنجا قانون ناهڻ لاءِ گڏجندا هئا ۽ پنهنجا ميجسٽريٽ چوندبندا هئا، هاڻي ان کي ڀنگ جي فصل ويڙهي ڇڏيو آهي، يا (ان کي) سوئرن ۽ مينهن (جانورن) جي پليڪار لاءِ کليل ڇڏيو ويو آهي. سرڪاري ۽ ذاتي عمارتون (محل) جيڪي ابد تائين قائم رهڻ لاءِ ٺاهيون ويون هيون، اهي طاقتور ديو (راڪاس) جي عُضون وانگر، ليٽيون، اگهاڙيون ۽ ڀڳيون پيون آهن.“[1]

ايڊورڊ گبن (ڪتاب ”رومي سلطنت جو زوال ۽ ناڪامي“)

### زوال مان اُڀار جنم وٺي ٿو!

”انگريز وڏا حرامي آهن!“ اسانجي سماج ۾ ڪيترن (پڙهيل لکيل ۽ اڻپڙهيل) ماڻهن جي گفتگو ۾ هي جملو ورجايو ويندو آهي. هتي ”حرامي“ مان مراد ڪا گار ناهي پر ”چالاڪي ۽ هوشياري“ ورتي ويندي آهي ۽ هتي هيٺين سطح تي قدر شناسيءَ جو هڪڙو انداز اهو بہ هوندو آهي مثال طور جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي تعريف ڪرڻي هوندي تہ چوندا ”سوئر منڊي“ آهي. (ٻيو تہ ان جملي ۾ ”انگريز“ جي

معنیٰ ”يورپي“ ورتي وجي ٿي.) جتيوٽيڪ، ان جملي ذريعي انگريزن جي هوشياري، چالاڪي ۽ برتريءَ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو پر ان قسم جي اظهار پٺيان اهو احساس بہ هوندو آهي تہ ”اسين ڪمتر آهيون.“ حقيقت ۾، اهو احساس اجايو ناهي ڇاڪاڻ تہ ان جي پٺيان 500 سالا تاريخ آهي جنهن دوران يورپي (بعد ۾ آمريڪي) قومن دنيا جي وڏي حصي تي حاڪميت ڪئي ۽ انهيءَ بالادستي، تسلط ۽ اجاراداري سبب آفريڪا ۽ ايشيا، خاص ڪري ڏکڻ ايشيا، جي ماڻهن ۾ اهو احساس بہ موجود آهي تہ ”شايد اسين انهن جهڙا نٿا ٿي سگهون!“

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اسان يورپ ۽ آمريڪا جهڙي ۽ ان کان بهترين معاشي ترقي نٿا ڪري سگهون؟ ڇا اسان روسو، والٽيئر، هيگل، فيوئر باخ، مارڪس ۽ اينگلس جهڙا فلسفي پيدا نٿا ڪري سگهون؟ ڇا اسان وٽ ڊارون، نيوٽن ۽ آئن اسٽائين جهڙا سائنسدان جنم نٿا وٺي سگهن؟ ڇا اسان وٽ صنعتي انقلاب، فرينچ انقلاب، يورپي جمهوري انقلاب (1848) ۽ جديد سوشلسٽ انقلاب نٿا اچي سگهن؟ انهن سوالن جي جواب لاءِ يورپ جي زوال ۽ عروج جو جائزو وٺڻو پوندو.

سن 1453ع ۾ هڪ تاريخي واقعو پيش آيو ۽ ان واقعي (زلزلي) جا جهٽڪا اجاتائين محسوس ڪيا وڃن ٿا. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سال تُرڪن طرفان قسطنطنيہ (هاڻوڪي استنبول) تي قبضو ڪيو ويو هو. ان واقعي يورپ ۽ ايشيا جي تاريخ جو رُخ موڙي ڇڏيو. اُنهيءَ سال جتي قسطنطنيہ جي شڪست سبب رومي سلطنت جو مڪمل خاتمو ٿي ويو، اُتان ئي وري يورپ قرون وسطیٰ واري اونداهي دور مان نڪري نئين سجاڳيءَ طرف وڌڻ شروع ڪيو ۽ موجوده يورپي عالمي بالادستيءَ ۽ تسلط جو آغاز بہ اتان کان ئي ٿيو ۽. قسطنطنيہ (استنبول) تي قبضي سبب يورپ جي واپار ۽ تجارت جا رستا بند ٿي ويا. نون رستن جي ڳولا جي نتيجي ۾ يورپي قومون جيڪي هڪ هزار سالن کان اونداهي دور ۾ زندگي گذاري رهيون هيون، سي سجاڳ ٿي پيون ۽ ڏسندي ڏسندي پوري دنيا تي ڇانئجي ويون. انهيءَ ڳولا دوران هنن آمريڪا بہ دريافت ڪري ورتو ۽ گذريل 500 سالن کان پوري دنيا تي راڄ ڪنديون پيون اچن. پر ڇا 500 سالن کان هلندڙ يورپي ۽ بعد ۾

آمريڪي عالمي حاڪميت سدائين ساڳئي جاھ ۽ جلال سان هلندي رهندي؟ ۽ ڇا آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۽ خاص ڪري ايشيا، جا ماڻهو ائين ميسوٽا ۽ ويچارا رهنداسين؟ ۽ ڇا سدائين اسانکي ائين ئي نيشنل جيوگرافي جي پروگرامن ۾ ”عجيب مخلوق“ طور پيش ڪيو ويندو؟ ماضي ڏانهن نظر ڦيرائي ڏسبي تہ جواب ملندو ”نہ“. انهيءَ تاريخي يورپي بالادستي ۽ تسلط جو عروج ويهين صديءَ ڏٺو آهي ۽ ان جي زوال جي ابتدا بہ انهيءَ صديءَ ۾ ٿي آهي.

## ويهين صديءَ ۾ دنيا تي حڪمرانيءَ جي جنگ ڪنهن کٽي؟

عام طور تي سمجهيو ويندو آهي تہ ”اولهہ“ (يورپ ۽ آمريڪا) ويهين صديءَ جي لڙائيءَ ۾ سوڀ ماڻي ۽ پوري دنيا تي اڄ ڏينهن تائين حاڪميت ڪندو اچي پيو. ڪجھ ماڻهو چون ٿا تہ ”ويهين صدي فقط آمريڪي صدي هئي.“ ان يورپي ۽ آمريڪي بالادستيءَ جو بنيادي سبب جديد سرمائيداري آهي جنهن جي تاريخي طور تي ابتدا يورپ کان ٿي.

جڏهن تہ ٻئي طرف، آڪٽوبر انقلاب (1917) کان وٺي کاٻي ڌر دعویٰ ڪندي رهي آهي تہ ”سرمائيداري نظام اوس ڊهڻو آهي“ ۽ ”عالمي سامراج کي شڪست اچڻي آهي.“ ”هي دور سامراج جي خاتمي جو دور آهي“ وغيره. نو (9) ڏهاڪن کانپوءِ صورتحال اها وڃي بيٺي جو خود کاٻي ڌر ڊهي پئي ۽ سوشلزم جو سوويت ماڊل ڊهي پيو. ٻئي طرف، سرمائيدار آمريڪا، برطانيہ، فرانس، جرمني وغيره، بظاهر ڪامياب ٿيندي نظر اچن ٿا. پر ان باوجود، کاٻي ڌر جي سياست ڪندڙ ڪيتريون ئي ڌريون ساڳئي قسم جا جملا اڄ سوڌو ورجائيندي نظر اچن ٿيون. مثال طور، ”آمريڪي سامراج زوال طرف وڌي رهيو آهي“ ”دشمن ڪمزور آهي“ ”ڪنهن وڏي تبديليءَ لاءِ حالتون تيار آهن.“ جيتوڻيڪ، کاٻي ڌر سان تعلق رکندڙ ڌرين جي دليل ۽ منطق کي رد ڪرڻ آسان ناهي. ٿين دنيا سان تعلق رکندڙ ڪيترائي ماڻهو انهن جي دليلن، راين ۽ منطق کي قبول ڪن ٿا پر انهن دليلن جي بنياد تي سندن اندر ۾ ويساهہ، ايمان ۽ ڀروسو جنم نٿو وٺي. ان جا ڪهڙا سبب آهن؟

موجوده نسل جي ابتڙ، پوين نسل، جيڪو 60 ۽ 70 وارن ڏهاڪن ۾ پيدا ٿيو، ان جي اندر ۾ انقلاب، تبديلي ۽ جدت لاءِ جوش، جذبو ۽

ايمان ئي ٻئي قسم جو هو ۽ ڪجهه بہ ڪرڻ لاءِ تيار هو. ان جو سبب هي هو تہ ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ وارا ٻہ ڏهاڪا تمام وڏين تبديلين ۽ اٿلن پٿلن وارا زمانا هئا. ان دور ۾ سوويت يونين ۽ سوشلسٽ بلاڪ موجود هئا. (جيتوڻيڪ، اهو دور سوويت يونين جي عروج جي زوال جي ابتدا جو دور بہ هو) هي اهو دور هو جنهن دوران عالمي سياسي منظرنامي ۾ ڪيترين ئي عوامي، قومي ۽ جمهوري ۽ سامراج مخالف تحريڪون ۽ وڏا عوامي ۽ سامراج مخالف ڪردار نظر اچن ٿا. مثال طور، چين، ويٽنام، ڪيوبا، مصر، بنگلاديش، انڊيا، پاڪستان، عراق، شام، ڪمبوڊيا، لائوس، الجيريا، غني بسائو، انگولا ۾ ترقي پسند، قومي ۽ جمهوري تحريڪون هلي رهيون هيون ۽ انهن جي اڳواڻي مائوزيتنگ، ڪم ال سنگ، هوچي منهہ، گياپ، فيدل ڪاسترو ۽ چي گويرا جهڙا انقلابي ڪري رهيا هئا تہ ٻئي طرف جمال عبدالناصر، مجيب الرحمان، نجيب الله، اندرا گانڌي، ذوالفقار ڀٽو، سوئيڪارنو، ڪرنل قذافي ۽ صدام حسين جهڙا قومي، عوامي ۽ سامراج مخالف رهنما موجود هئا. (توڻي جو، انهن مٿين اڳواڻن مان ڪجهه سچ پچ ۽ ڪجهه ظاهري طور عالمي سامراج جي مخالفت ڪري رهيا هئا). 70ع واري ڏهاڪي جون اخبارون، رسالا، ڪتاب، ڊراما، فلمون ۽ موسيقي جي مواد ۽ صورت ۾ انقلابي تحريڪن جو عڪس هوندو هو. ان وقت، عالمي توڙي ملڪي تضاد چٽا ۽ نروار هئا. اهي سبب هئا جنهن ڪري ان دور جو انقلابي "ڪنهن بہ حد تائين" وڃڻ لاءِ نفسياتي طور تي تيار هوندو هو. پر هن دور جي (ڪجهه ماڻهن کي ڇڏي ڪري باقي) ماڻهن ۾ اهو ايمان ۽ جذبو گهٽ نظر اچي ٿو. ائين ڇو آهي؟

### "ڪشمير جي آزاديءَ تائين اوڏر بند آهي!"

دانشور، مفڪر ۽ عالم پنهنجي اٿاهہ علم ۽ تجربي سبب نہ فقط ماضي ۽ حال جي باري ۾ حقيقتن جي نشاندهي ڪندا آهن پر مستقبل (اڻ ڏٺل) بابت پڻ اڳڪٿيون ڪري سگهندا آهن. پر انهن جي ڀيٽ ۾، ٿورو پڙهيل لکيل ۽ عام ماڻهو ماضي ۽ مستقبل نہ پر روزمره جي واقعن، اندروني حقيقتن بدران ظاهري لقائن کي ڏسي، ان مان نتيجا ڪڍندا آهن، ان مان اتساهہ، توانائي ۽ جذبو حاصل ڪندا آهن. اهي عام ماڻهو جنهن جي ڄمار 30 کان 40 سال آهي انهن پنهنجي زندگيءَ جي

سموري عرصي ۾ عالمي سياسي منظرنامي ۾ ڪابہ نمايان عوامي اٿل پٿل نہ ڏٺي آهي. اهو گذريل ٽن ڏهاڪن کان ڪشمير، فلسطين، عراق ۽ افغانستان، روانڊا سميت آفريڪا جي ٻين ملڪن ۾ ٽيندڙ وحشيانيت ڪي ئي ڏسندو رهيو آهي جنهن جو بظاهر ڪيس ڪو انت نظر نٿو اچي. ايتريقدر، پاڪستان ۾ دڪاندار قرض تي سامان ڏيڻ کان روڪڻ لاءِ "ڪشمير جي آزاديءَ تائين اوڌر بند آهي" جهڙا جملا لکرائين ٿا. اهو عام ماڻهو ڏسي ٿو تہ هن وقت دنيا جا سوين ملڪ ۽ انهن جا هزارين حڪمران آهن پر ان باوجود عالمي سامراج خلاف آڳرين تي ڳڻڻ جهڙن فردن ۽ ادارن ڪانسواءِ ٻي وڏي اڪثريت اکر بہ نٿي ڳالهائي ۽ ٻئي طرف موجوده دور جون اخبارون، رسالا، ڪتاب، ڊراما، فلمون ۽ موسيقي غيرسائنسي، ديومالائي ۽ هالو چالو قسم جي مواد سان پريون پيون آهن جيڪي رجعت پرست عالمي سامراج جي چنبي هيٺ آهن. مطلب تہ گذريل چار ڏهاڪا، 1970 کان 2010ع تائين، دنيا جي عالمي سياسي منظرنامي ۾ نہ ڪي وڏيون ڪامياب عوامي سياسي اٿلون پٿلون ۽ نہ تحريڪون نظر اچن ٿيون ۽ نہ ئي ڪي وڏا سياسي ڪردار. موجوده نوجوان نسل، جن انهن چار ڏهاڪن ۾ پرورش ورتي آهي جيڪي ظاهري طور تي عالمي سامراجي رجعت پرست قوتن جي حاڪميت جو دور ۾ رهيا آهن. هن نسل جي نوجوان اڳيان ڪوبہ طاقتور ماڊل موجود ناهي سواءِ فيڊل ڪاسترو ۽ هوگوشاويز جهڙن سامراج مخالف اڳواڻن جي. ان سموري دور ۾، پرورش ورتل نسل جو ڪنهن وڏي تبديليءَ ۾ ايمان ۽ ويساهہ جنم وٺڻ لاءِ ظاهري طور تي ڪي بہ حالتون بظاهر نظر نٿيون اچن. جنهنڪري، عام ماڻهو دليل ۽ منطق تہ قبول ڪري ٿو پر نتيجا پنهنجا ڪڍي ٿو ۽ ان جي اندر ۾ تبديليءَ لاءِ ايمان نٿو پيدا ٿئي. ان جا مکيہ سبب هي آهن (1) عام ماڻهوءَ جي سوچ روزمرهہ جي واقعن تائين محدود هجي ٿي، جيستائين هو پنهنجي اکين ۽ ڪنن سان ڏسي ۽ ٻڌي نٿو تيسين سندس اندر ۾ ويساهہ جنم نٿو وٺي (2) موجوده نسل جي سياسي ڄمار 20 يا 30 سال مس هوندي، مطلب تہ انهن جي اڪثريت 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي وارو انقلابي ۽ عوامي اڀار جو دور ڏٺو ئي ڪونہ، فقط دنيا جا اڻ حل ٿيل تڪرار ئي ڏٺا آهن.

## ڇا واقعي سامراج زوال پذير آهي؟

گذريل چار ڏهاڪن کان ٻڌون پيا ته آمريڪي سامراج زوال پذير آهي پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته اجاتائين ته سامراج کي ظاهري طور تي نه ڪو لهر نه ڪو لوڏو! حقيقت ۾، عالمي منظرنامي ۾ تبديلي ڏينهن ٻن ۾ نه ايندي آهي. سامراج جي شڪست ۾ ضرور ڪجهه عرصو لڳندو. چاڪاڻ ته وڏيون ۽ ڳريون شيون، مثال طور ريل گاڏي، آهستي آهستي رفتار پڪڙينديون ۽ جهڪيون به آهستي آهستي ٿينديون آهن. ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ ٿورو تاريخ تي نظر ڦيرائي ڏسبي ته معلوم ٿيندو ته دنيا جي تاريخ جي مختلف دورن ۾ قائم ٿيل سلطنتون ۽ شهنشاهيتون ڪو ڏينهن ٻن يا سال ٻن ۾ ڊير نه ٿيون پر صدين تائين قائم رهيون. سڀ کان گهڻو عرصو قائم رهندڙ رومي سلطنت جيڪا 800ع کان وٺي 1806ع تائين ظاهري طور تي، هڪ هزار سال قائم رهي. چين جي منگ سلطنت 1368ع کان 1644ع تائين ۽ ان ڪانپوءِ، مانچو يا ڪنگ بادشاهت اٽڪل پنج سو سالن تائين هلنديون رهيون. مغلن هندستان جي ڳچ حصي تي اٽڪل ٻه سو سالن تائين راڄ ڪيو. ساڳئي ريت، مصر ۾ مملوڪن 1250ع کان 1517ع تائين ۽ ايران ۾ صفيون 1501ع کان 1736ع تائين حڪومتون ڪيون. عباسيه سلطنت 750ع کان 1258ع تائين ۽ عثمانيه سلطنت 1453ع کان 1922ع تائين دنيا جي وڏي حصي تي بادشاهتون هلايون. بعد ۾ سامونڊي طاقتون، فرانسيسي، اسپيني ۽ ڊچ اٽڪل ٽي ٽي سو سالن تائين راڄ ڪنديون رهيون. انگريز بادشاهت 1620ع کان 1956ع تائين هلي جنهن جي سلطنت تان سج ئي نه لهندو هو. جڏهن ته پورچوگيز سلطنت اٽڪل 500 سالن تائين قائم رهي. آسٽرين هبسبرگ سلطنت 1526ع کان 1918ع ۽ رومانوو سلطنت اٽڪل 3 صديون هلنديون رهيون جيڪي پهرين عالمي جنگ تي ڊير ٿيون. جيتوڻيڪ، مٿي بيان ڪيل بادشاهتون، شهنشاهيتون ۽ سلطنتون ڪيترائي پيرا ڊهڻ ۽ وري نهڻ جي عمل مان پڻ گذرنديون رهيون. پر ماضي جي ڊگهين بادشاهتن ۽ شهنشايتن جي ڀيٽ ۾، جديد دور جون سلطنتون ۽ بادشاهتون ٿورو عرصو هليون. مثال طور؛ پهرين جرمن سلطنت 1871ع کان 1918ع تائين، فقط 47 سال زنده رهي. جاپاني سلطنت جيڪا 1905ع ۾ قائم ٿي اها فقط 40 سال

زندهہ رهي سگهي ۽ 1945ع ۾ ڊير تي پيئي. هٽلر انتهائي جذباتي ۽ ناٽڪي تقريرن ۾ چوندو هو تہ نازي سلطنت هزار سالن تائين قائم رهندي اها هٽلري سلطنت سڀ کان قليل عرصو قائم رهندڙ سلطنت ثابت ٿي. هٽلر 1933ع ۾ اقتدار سنڀاليو پر سندس سامراجي سلطنت 1938ع کان 1945ع تائين مس هلي سگهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ وڏين ۽ ڊگهو عرصو قائم رهندڙ شهنشاهيتن جو زمانو گذري ويو ۽ جيڪڏهن ان قسم جي ڪوشش وري ٿي تڏهن بہ گهڻو عرصو جٽاءُ نہ ڪري سگهندي.

## آمريڪي سامراج جي زوال جون علامتون

جهڙي ريت، ڊاڪٽر مريض جي جسم تي ظاهري علامتون ڏسي اصل مرض جي تشخيص ڪري وٺندو آهي. اهڙي ريت، سماجي سائنسدان، مفڪر ۽ عالم بہ سماجي ۽ سياسي نظام جي، ظاهري علامتن کي ڏسي، اصل مرضن جي تشخيص ڪري سگهندا آهن. جيتوڻيڪ، ميڊيڪل سائنس جي ڀيٽ ۾ سماجي سائنس وڌيڪ پيچيده هجي ٿي. تنهنڪري ان ۾ ٺُڪ ۽ چٽيون اڳڪٿيون ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم هجي ٿو. پر ان باوجود، عام رخ جي اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان حوالي سان آمريڪي سامراج ۽ ان جي عالمي هڪ هٽي ڪيستائين قائم رهندي؟ ان جو اندازو عام رخ ۾ ٿيندڙ تبديلن مان لڳائي سگهجي ٿو. جيڪي هيٺين ريت آهن:

## خام مال، سستو مزدور ۽ مارڪيٽ ايشيا ڏانهن ملن ٿا

آمريڪا جيڪو يورپ جي دربدر مهاجرن لاءِ پناهہ گاهہ بڻيو، اهو پاڻ هن وقت ٻي دنيا کي غلام بنائڻ جي چڪر ۾ آهي. چاڪاڻ تہ اها انهن جي سامراجي نظام جي گهرج آهي. سرمائيداريءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سرمائيداري نظام جڏهن سامراج جو روپ ورتو تڏهن سامراجي قوتن کي پنهنجي ڦرلٽ جي نظام کي برقرار رکڻ لاءِ ٽن شين جي ضرورت هئي (1) خام مال (2) سستو مزدور ۽ (3) کپت لاءِ مارڪيٽ. انهن ٽنهين شين کي حاصل ڪرڻ لاءِ هنن پوري دنيا تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. انهيءَ لالچ ۽ ڊوڙ جي نتيجي ۾ عياشيون بہ ڪيائون پر پاڻ ۾ وڙهي هڪٻئي جي سلطنتن کي ڊاهي بہ ڇڏيائون. جنهن جا وڏا مثال پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ آهن.

ساڳئي ريت، آمريڪي سامراج لاءِ بہ ساڳيا ئي مسئلا آهن. ڇاڪاڻ تہ سامراجيت جي وجود جا شرط خام مال، سستو مزدور ۽ مارڪيٽ آهن جيڪي هن وقت آهستي آهستي اوڀر (چين، انڊيا، ملائيشيا، جاپان، ڪوريا، وينزئلا، ايران وغيره) ڏانهن منتقل ٿيندا پيا وڃن. اهوئي سبب آهي جو آمريڪا عراق، افغانستان ۽ لبيا تي خام مال (تيل) لاءِ جنگيون ڪري رهيو آهي ۽ اڄان تائين پنهنجن وسيلن مطابق مقرر هدف ڪي حاصل نہ ڪري سگهيو آهي. هن وقت بہ اٽڪل پنجاهہ جاين تي ان جون فوجون مقرر آهن. انهيءَ عالمي بالادستيءَ واري لالچ ۾ اچي وڏيڪ پڪيڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو جيڪو ”گرهہ ان جي نڙي ۾ ڦاسي پوندو يا هضم نہ ٿيندو“ جيئن ماضيءَ جي وڏين طاقتن سان ٿيندو رهيو آهي.

## يورپي ۽ آمريڪي علم ۽ ٽيڪنالوجيءَ جو اوڀر ڏانهن منتقل ٿيڻ

جڏهن انگريزن انڊيا کي پنهنجي ڪالوني بڻايو تڏهن پنهنجي ڦرلٽ کي منظم انداز سان سرانجام ڏيڻ لاءِ هتي يونيورسٽيون کولڻ تي مجبور ٿيا تہ جيئن پڙهيل لکيل ڪلارڪ ۽ آفيسر پيدا ڪري انتظام هلائي سگهن، ۽ مختلف بغاوتن کي ڪچلڻ ۽ پنهنجي طاقت کي برقرار رکڻ لاءِ فوج ۾ هتان جي ماڻهن کي ڀرتي ڪيائون ۽ معاشي طور تي منظم ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ ريل رستا، پليون ۽ روڊ نهرايائون پر اهي سڀ شيون اڳتي هلي سندن ڳچيءَ ۾ پيون. جنهن لاءِ خود ڪارل مارڪس بہ اڳڪٿي ڪئي هئي. مطلب تہ سامراجي نظام پنهنجو پاڻ کي جيئرو رکڻ لاءِ غلامن کي جيڪو سامان مهيا ڪري ٿو اهوئي سندس انت جو سبب پڻ بڻجي ٿو.

يورپي ۽ آمريڪي سرمائيدار تہ منافعي سبب ائين ڪرڻ تي مجبور ٿيندا رهيا آهن پر انهن کان اڳ بين الاقوامي ڀائيچاري لاءِ سوويت يونين ايشيا، لاطيني آمريڪا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ملڪن جي مالي ۽ فڪري مدد ڪري ڇڏي هئي جنهن کي ڪسڻ ناممڪن ٿي چڪو آهي ۽ انهيءَ مدد جي نتيجي ۾ انهن ملڪن ۾ عوامي، جمهوري ۽ قومي آزاديءَ جون تحريڪون هليون جن ڏسندي ڏسندي يورپي سامراجي قوتن جي تڏا ويڙهہ ڪري ڇڏي هئي.

هن وقت بہ آمريڪي سامراج پنهنجي ڦرلٽ کي برقرار رکڻ لاءِ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ڏانهن مادي ۽ شعوري ترقي متعارف

ڪرائي رهيو آهي. ڪمپيوٽر، موبائل، انٽرنيٽ، ٽيليوزن، آٽوموبائل کان ويندي جنگي جهازن ۽ هٿيارن تائين سموريون جديد شيون پوري دنيا، خاص ڪري ايشيا کنڊ، ڏانهن تيزيءَ سان اُماٽي رهيو آهي.

## آمريڪا چوطرف گهيري ۾

بين الاقوامي سياست ۽ سفارتڪاريءَ جي معاملي ۾ آمريڪا جي حالت بلڪل خراب آهي. بين الاقوامي برادريءَ ۾ ان جي مخالفت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. هن وقت جهڙي صورتحال آمريڪي سامراج سان آهي اهڙي صورتحال دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن به عظيم سلطنت ۽ سامراجي طاقت سان نه هئي.

آمريڪا هن وقت چوطرف گهيري هيٺ آهي. هڪ طرف، عراق، افغانستان ۽ لبيا ۾ جنگ هلندڙ آهي. ڪيتري عرصي کان ايران سان سرد جنگ جاري آهي. ٻئي طرف، انهيءَ ردعمل ۾ پاڪستان سميت پوري مسلم دنيا ۾ آمريڪا مخالف تحريڪون ۽ فڪر زور وٺي رهيو آهي (تازو عرب دنيا ۾ آيل تحريڪون ان جي علامت آهن. هي مضمون انهن تحريڪن کان اڳ جو لکيل آهي.) ٽئين طرف، چين ۽ روس آهن جن جي آمريڪا سان پراڻي ويڙهه آهي. هوڏانهن لاطيني آمريڪا جا ملڪ آهن ۽ چوٿين طرف اهي ڌريون آهن جيڪي هن وقت سڌي ريت آمريڪا سان ٽڪر ۾ ناهن پر مستقبل جي طاقت جي توازن هيٺ مٿي ٿيڻ سان آمريڪا جون امڪاني دشمن قوتون ٿي اڀري سگهن ٿيون. جن ۾ جاپان، ويٽنام، ٿائيلينڊ ۽ هڪ حد تائين يورپي قوتون پڻ ان قسم جي ڌرين ۾ شامل ٿي سگهن ٿيون.

اهوئي سبب آهي جو موجوده دنيا ۾ آمريڪا جي حيثيت ”سپر پاور“ هجڻ باوجود سندس شهري (آمريڪي) دنيا جي ٻين علائقن ۾ آزاديءَ سان وڃي نٿا سگهن يعني هڪڙو ماڻهو پنهنجي گهر (دنيا) جو ”سپر پاور“ هجي پر اهو ماڻهو گهر جي رڌڻي، اڱڻ يا باٿ روم ۾ وڃي نه سگهي ته اها ”سپرپاوري“ ڪهڙي ڪم جي؟ ٻيو ته ٺهيو پر پنهنجي گهر (آمريڪا) ۾ به هي پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن. جڏهن به ڪو ڏاڙهي وارو مرد يا برقعي واري عورت ڏسن ٿا پريشان ٿي وڃن ٿا. اها آهي ”سپر پاوري!“

## ”ناقابل شڪست قوت“ هجڻ جو خمار

جيڪڏهن انساني تاريخ جو مختصر جائزو وٺي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هر دور جي عظيم سلطنت جي تخليق ڪندڙ بادشاهن،

شهنشاهن، جنرلن ۽ اڳواڻن جيڪي فتحون ۽ سوڀون ماڻيون ان جي نتيجي ۾ هو "ناقابل شڪست قوت" هجڻ جي خمار ۽ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي وجن ٿا. جنهن ڪري سندن عقل ۽ سمجھ جا دروازا بند ٿي وجن ٿا. مثال طور، چنگيز خان، نيپولين، هٽلر ۽ مسوليني وغيره، تيز رفتار ڪاميابي ملڻ سبب وڌ کان وڌ علائقا فتح ڪرڻ جي نشي ۾ مبتلا ٿي ويا، ان نشي ڪائن جنگي حڪمت عمليءَ واري نظر کسي ورتي. نتيجي طور، اهي عظيم سلطنتون ٿوري عرصي ۾ ئي ڍير ٿي ويون.

ساڳئي ريت، آمريڪا به پاڻ کي "ڪڏهن به نه هاريندڙ" قوت سمجهي دنيا جهان کي دڙڪا ڏئي، نونشا هٽي ۽ ايتريقدر جو جنگيون به ڪري ٿو. جيتوڻيڪ، ويٽنامي جدوجهد آمريڪا جي "ناقابل شڪست" هجڻ واري دعوىٰ کي تباه ڪري ڇڏيو هو. پر هن وقت به افغانستان، عراق ۾ ان سان ساڳي صورتحال آهي.

## مالي گهوٽالو

مٿيان چارئي عنصر ٻاهريان معاملا آهن جڏهن ته اندروني طور تي آمريڪا ۾ مالي بحران جنم وٺي رهيا آهن. اتي ڏينهون ڏينهن بيروزگاريءَ جو تناسب وڌي رهيو آهي. سيپٽمبر 2010ع ۾ آمريڪا اندر بيروزگاري اٽڪل 9.2 سيڪڙو تائين پهتي هئي. آمريڪا هر سال اٽڪل 87 بلين ڊالر ملڪ کان ٻاهر خرچ ڪري ٿو. عراق ۽ افغانستان ۾ هلندڙ جنگ لاءِ ڪانگريس اڳ ۾ ئي 700 بلين ڊالر منظور ڪري چڪي هئي. 2009ع دوران دنيا جي ڪُل فوجي خرچن جو 46 سيڪڙو فقط آمريڪا خرچ ڪيو. ڪجھ ماهرن جي خيال مطابق آمريڪا 2007ع کان 2010ع تائين جنهن مالي گهوٽالي جو شڪار رهيو آهي اهو 1930ع دوران ٿيل گهوٽالي جي برابر حيثيت رکي ٿو. ڪن آمريڪي ماهرن جو خيال آهي ته 2015 تائين چين جي معاشي طاقت جيڪا هن وقت آمريڪا کان گهٽ آهي سا ان کان وڌي ويندي. هن وقت به آمريڪا اندروني ۽ ٻاهرين ماڻهن ۽ ادارن جو قرضي ملڪ آهي.

## برگر ثقافت ۽ سماجي شعور جو ڏيوالپڻو

آمريڪا مادي ترقي ته تمام گهڻي ڪئي آهي پر سماجي شعور جي حوالي سان پنتي پئجي رهيو آهي. عام آمريڪي شهري زندگيءَ جون سموريون بنيادي ضرورتون هڪ حد تائين پوريون هجڻ ۽ سهولتن جو

عادي ٿيڻ سبب ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ ڪانسواءِ ٻيون سرگرميون نٿو ڪري جنهن ڪري عام آمريڪي شهري جي شعوري سطح پنتي پيل ۽ سطحي قسم جي ٿي وئي آهي. جنهن جو اظهار هالي ووڊ جي فلمن ۾ لکجنڊڙ ادب مان لڳائي سگهجي ٿو. هالي ووڊ جي فلمن ۽ ڪتابن جو وڏو تعداد جنن، ڀوتن، پرين ۽ ديون جي قصن يا وڏين آسماني ۽ خلائي تباهين، بلائن، زلزلن ۽ طوفانن، دهشتگرد ڪارروائين جي داستانن تي لکيل ۽ نهيل آهن. مثال طور جڳ مشهور ڪتاب ۽ فلم هيري پوٽر جيڪا جادوءَ تي ٺهيل آهي ان آمريڪا ۾ ڪروڙين ڊالرن جو ڪاروبار ڪيو.

## آباديءَ جو گهٽجڻ ۽ ڏاري آباديءَ جو وڌڻ

اڄڪلهه پوري دنيا، خاص طور تي ٽين دنيا جي ملڪن جا شاهوڪار، ماهر، هنرمند توڙي بيروزگار ماڻهو، وڏي تعداد ۾ آمريڪا ڏانهن منتقل ٿي چڪا آهن ۽ ٿي رهيا آهن. جنهن جو هڪ حصو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويندڙ شاگردن جو به آهي جيڪي ڪجهه عرصي ڪانپوءِ پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس نٿا وڃن. اهي ماهر ۽ اسپيشلسٽ، ڊاڪٽر، انجنيئر، بئنڪار، ٽيڪنيشن وغيره آمريڪي رهواسين جي ٽوٽپائي سبب تيزيءَ سان جاءِ والاري رهيا آهن. پر اهم مسئلو هي آهي ته يورپ وانگر آمريڪا جون عورتون ٻن ٻار ڄڻڻ کان لنوائين ٿيون جنهن جي ڪري مغربي ملڪن جي آبادي ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي جڏهن ته ايشيائي، آفريڪي ملڪن ۾ آبادي جي شرح ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي جيڪا، سيميوئل پي هنگٽنگن جي خيال مطابق اڳتي هلي مغرب لاءِ وڏا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي. هن وقت به، هڪ اندازي مطابق دنيا جي نوجوانن جو وڏو تعداد مسلمان ملڪن جو رهواسي آهي. جڏهن ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڏينهون ڏينهن پوڙهن جو تعداد وڌي رهيو آهي.

## فوجي طاقت يا ڪمزوري؟

دنيا جي تاريخ ۾ جيڪي به وڏيون عالمي طاقتون رهيون آهن انهن جي طاقت جو هڪڙو معيار ۽ ماپو فوجي قوت پئي رهيو آهي. هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽم بم ڪيرائڻ ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ فاتح ٿيڻ ڪانپوءِ آمريڪا کي طاقتور فوجي قوت سمجهيو ويندو رهيو آهي جنهن وٽ جديد ائٽمي هٿيارن سميت جديد جنگي جهازن، ميزائلن،

هٿيارن ۽ بمن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. جديد دور ۾ جنگي طاقت جو اهم ماپو ائٽمي هٿيار سمجهيا وڃن ٿا. پر هن وقت هڪ اندازي مطابق نہ رڳو آمريڪا پر روس، چين، فرانس، برطانيہ، انڊيا، پاڪستان، ايران ۽ اسرائيل وغيره وٽ بہ ائٽمي هٿيار ڪافي مقدار ۾ موجود آهن. تنهنڪري، اهم ڳالهہ اها ناهي تہ ڪنهن وٽ گهٽي ڪان گهٽا ائٽمي هٿيار آهن پر مسئلو هي آهي تہ هي اهڙو هٿيار آهي جيڪو هن وقت ڪابہ ڌر استعمال ڪرڻ نہ چاهيندي. ڇو تہ جيڪڏهن ڪابہ ڌر ائٽم بم استعمال ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪندي تيستائين سامهون واري ڌر بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڪندي ۽ ان صورت ۾ دفاع ڪندڙ جو نقصان تہ ٿيندو ئي ٿيندو پر خود حملي آور بہ بچي نہ سگهندو. يعني هي اهڙي طاقت آهي جيڪا استعمال نٿي ڪري سگهجي. تنهنڪري آمريڪا جي اها طاقت بہ خود ڪمزوري بڻجي وئي آهي.

ٻيو تہ جنگي حوالي سان، آمريڪا کي هن مهل تائين سندس جاگرافيائي بيهڪ بچائي رکيو هو. پر جديد دور جي ٽيڪنالوجي ڊگهن مفاصلن کي گهٽائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري، آمريڪا سياڻي جي ڪنهن بہ عالمي تڪرار جي صورت ۾ آسانيءَ سان هدف بڻجي سگهي ٿو. جيڪو هن مهل تائين ممڪن نہ هو.

آمريڪي معاشري جا اهي سفارتي، سياسي، معاشي، سماجي، فڪري ۽ فوجي عنصر جنهن رخ ۾ وڃن پيا ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته گاڏيءَ جو گس ڪهڙي طرف آهي؟ پر انهن جا نتيجا تڪڙ ۾ ظاهر نہ ٿيندا. ڇاڪاڻ تہ انهن منفي عنصرن باوجود آمريڪا کي ڪيترائي فائديمند عنصر بہ موجود آهن جيڪي اڳ ۾ ڪنهن بہ وڏي طاقت وٽ نہ رهيا آهن. انهن عنصرن ۾:

- آمريڪا خالص سرمائيدار ملڪ آهي جيڪو تاريخ جي مرحيلوار ڊگهو ٿڪائيندڙ سفر ڪري اتي نہ پهتو آهي. ان حوالي سان اينگلس لکيو تہ ”آمريڪا ايترو تہ خالص سرمائيدار (بورجوا) رهيو آهي جو اهو مڪمل طور تي ڪنهن بہ ماضيءَ جي جاگيرداري نظام ڪان آجو رهيو آهي. تنهنڪري، اُهي ان پراڻي (جاگيردار) روايتي گندي ذهنيت مان، فقط عملي تجربي ذريعي، پنهنجي جان آجي ڪرائي ونندا.“[2]

- آمريڪا دنيا جو اهو خطو آهي جيڪو سڄي ريت دنيا ۾ ٿيل وڏين تباهين (پهرين ۽ ٻي عالمي جنگين) کان بچيل رهيو آهي.
- ان جي تاريخ ڪي اجا فقط ٽي چار صديون مس گذريون آهن جڏهن ته ان جي بلڪل ابتڙ برطانيه، فرانس، جرمني جهڙن ملڪن جي تاريخ هزارين سالن تي مشتمل آهي ۽ سندن سلطنتون به ٽي سو سالن کان وڙهنديون، قڏا ڪنديون، قبضا ۽ جنگيون ڪنديون پنهنجا وسيلا خرچ ڪنديون، ماڻهو مارينديون ۽ مارائينديون رهيون آهن. جنهنڪري، سندن توانائي ۽ وسيلا ۽ امڪاني سگهه، جڻ ته، هڪ حد تائين خرچ ٿيل آهن. جڏهن ته آمريڪا جي عمر بلڪل ٿوري آهي.
- آمريڪا کي ٻين عظيم يورپي قوتن جي پيٽ ۾ بلڪل مفت ۾ وسيع ايراضي ۽ وسيلا حاصل ٿيا. جڏهن ته ٻيا يورپي ملڪ وڏيڪ ايراضي، خام مال ۽ مارڪيٽ لاءِ گذريل پنج سو سالن کان دنيا تي حملا ڪندا ۽ حاڪميت ڪندا رهيا آهن. جن جي زوال جون صورتون فقط سو سال اڳ پوري دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيون هيون.
- آمريڪا بنيادي طور تي يورپ جي مهاجرن ۽ شيدي غلامن جي رت سان ٺاهيل ملڪ آهي، جنهن کي ٿوري عمر ۾ تمام وڏي تعداد ۾ غلام پورهيت مليا.
- آمريڪا جي جاگرافيائي بيهڪ هيستائين آمريڪا کي بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. جنهن ريت، برطانيه ڪيتري عرصي تائين دنيا تي حڪمراني ڪندو رهيو ڇاڪاڻ ته سندس همعصر وڏيون طاقتون مٿس سڌي ريت حملا نه پئي ڪري سگهيون ڇاڪاڻ ته برطانيه جي جاگرافيائي بيهڪ هڪ جزيري واري آهي. ايتريقدر جو نيپولين بوناپارٽ به مٿس حملو نه ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ ته ان وٽ بحري قوت نه هئي.

تنهنڪري، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ائين سمجهي ٿو ته آمريڪا جو زوال ٿيندو ته آمريڪا صفا پنڻ جهڙو ٿي ويندو ته اهو پليل آهي ۽ خوشفهميءَ جو شڪار آهي. هتي زوال مان مراد ڪنهن وڏي سلطنت ۽ عالمي طاقت جي حيثيت ٻڙي ٿي وڃڻ ناهي. پر فقط ان جي بين الاقوامي تسلط، بالادستي ۽ هڪ هٽي جو ختم ٿيڻ آهي. ڇاڪاڻ ته ماضي جي پيٽ ۾، ويهين صديءَ دوران جن عظيم طاقتن جو زوال

ٿيو انهن ۾ آسٽرين هبسبرگ، نازي جرمني، فاشسٽ اٽلي، سرمائيدار فرانس ۽ برطانيہ، زار شاهي روس ۽ عثمانيہ سلطنت وغيره شامل هئا. پر انهن پنهنجيون عظيم سامراجي سلطنتون وڃائڻ باوجود هڪڙي ملڪ بہ پنهنجي ملڪي طاقت نہ وڃائي آهي. انهن ۾ سڀ کان وڏو مثال جرمني جو آهي جنهن ان عرصي ۾ ٽي ڀيرا وڏيون سلطنتون ٺاهيون، جنگيون ڪيون، تباهيون ۽ زوال ڏٺا پر ان باوجود هر ڀيري اُهو اٿيو ۽ پاڻ سنڀالي ويو. اهڙي ئي تاريخ فرانس جي بہ رهي آهي جيڪو گذريل ٻن صدين کان وڏيون اٿلون پٿلون، جنگيون، عروج ۽ زوال ڏسي چڪو آهي پر ان باوجود هن وقت بہ اهو طاقتور ملڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن مُلڪن جي سماجن صدين جي سفر ۾ ڌڪا ٿاٻا، ظلم ۽ زيادتيون، سمجهہ ۽ طاقت جون انتهائون ڏسي، گهڻو ڪجهہ سکي ورتو. ان سکيا ۾ پرانتشار ۽ ڇڙوڇڙ بدران انتهائي منظم انداز سان پنتي هٽڻ جو فن بہ شامل آهي. ساڳئي ريت، آمريڪي سماج پڻ تمام گهڻا ڌڪا ٿاٻا ڪاڌا آهن تنهنڪري، لڳي ٿو تہ اُهي پنهنجي زوال کي انتهائي منظم انداز سان منهن ڏئي پنهنجو سر بچائي ويندا.

ان عالمي بالادستي ۽ هڪ هٽي جي ڊهڻ جا تمام وڏا فائدا ٿين ٿا. خاص ڪري، ڪمزور ۽ پنتي پيل ملڪن جي ماڻهن کي وڏو فائدو ٿيندو آهي ڇاڪاڻ تہ اتان جا ماڻهو جيڪڏهن پنهنجن ظالم حڪمرانن خلاف ويڙهہ ڪرڻ چاهيندا آهن تہ وري سامراجي طاقتون انهن جو ساٿ ڏينديون آهن. پر جيڪڏهن سامراجي بالادستي ۽ اجاراداري نہ رهندي يا ڪمزور ٿي ويندي تہ انهن ڪمزور ملڪن جي ماڻهن کي هڪ ئي وقت گهڻن دشمنن کي منهن نہ ڏيڻو پوندو.

اصل ۾، اها ڳالهہ ايتري اهم ناهي تہ آمريڪي سامراج زوال طرف وڃي رهيو آهي يا نہ، پر اهم ۽ تاريخي ڳالهہ هي آهي تہ اوير سجاڳ ٿيو آهي يا نہ؟

### هڪ، ٻہ ۽ گهڻين قوتن واري دنيا کان ڪنڊن جي اتحاد تائين

دنيا جي تاريخ ۾ سماجي، معاشي ۽ سياسي تبديلين جا مختلف دور رهيا آهن، جنهن کي مختلف انداز سان ڏٺو ويندو رهيو آهي. اڄ کان ٻہ ٽي هزار سال اڳ دنيا جي اڪثريت کي پاڻ ڪانسواءِ ٻي دنيا جي خبرچار ئي نہ هئي. دنيا جي ٽن ڪنڊن (يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا) کي

ڳنڍڻ جي ابتدا سڪندر اعظم ڪئي، پر سندس قائم ڪيل سلطنت گهڻو عرصو جٽاءُ نه ڪري سگهي. جديد سرمائيداري نظام کان اڳ دنيا جي گولي تي هر هڪ خطي ۾ هڪ سپرپاور پئي رهيو آهي، پر جيئن جيئن دنيا ۾ سرمائيداري وڌندي رهي تيئن تيئن دنيا جي ڳنڍجڻ ۽ هڪ ٿيڻ وارو عمل پڻ تيز ٿيندو رهيو ۽ ائين دنيا جي نقشي تان گهڻين سپرپاور قوتن جو تعداد به گهٽجندو ويو. اڄ کان سو (100) سال يا پنجاهه (50) سال اڳ دنيا تي پنج ڇهه (برطانيه، فرانس، روس، ترڪي، آسٽريا هبسبرگ، جرمني، جاپان) عظيم طاقتن جو راڄ هو جيڪو ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ ڍير ٿي پيو ۽ گهڻين قوتن واري دنيا (Multi-polar) جي جاءِ تي ٻه طرفي (Bi-polar) دنيا اڀري وئي جنهن ۾ هڪ طرف آمريڪا ۽ سندس ساٿين جو سرمائيدار بلاڪ هو ته ٻئي طرف سوويت يونين وارو سوشلسٽ بلاڪ هو. 1990ع تائين اهو سلسلو هلندو رهيو. پر گذريل ٻن ڏهاڪن کان (موجوده دور تائين) هڪ طرفي سپرپاور (Uni-polar) يعني آمريڪا، جو دور سمجهيو وڃي ٿو. جنهن جي عمر اٽڪل ٻه ڏهاڪا مس آهي.

جديد دور جي گلوبلائيزيشن، گڏيل قومن، سارڪ، اوپيڪ، شنگهائي يونين، عرب ليگ، جهڙا ادارا، بين الاقوامي قانون، خلائي طاقت، اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا سميت صنعت جو اوڀر ڏانهن وڌڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿا ته ايندڙ دور ۾ هڪ يا ٻه سپرپاور هن دنيا کي منهن نٿا ڏئي سگهن. هاڻي ايندڙ دور هڪ طرفي (Uni-polar) يا ٻه طرفي (Bi-polar) دنيا جو نه هوندو پر گهڻ طرفي توازن (Multi-polar) جو هوندو، جيڪو آهستي آهستي سپرپاور واري حيثيت کي ئي ختم ڪري ڇڏيندو. ان جو وڏو مثال يورپي يونين جو نهڻ آهي. هاڻي دنيا ۾ هڪ يا ٻه ملڪ نه پر سڄي جا سڄي کنڊ يا خطا ڳنڍجڻ طرف وڌي رهيا آهن. ان مان پڻ اهو ثابت ٿئي ٿو ته آمريڪا جي عالمي اجاراداري گهڻو وقت نه هلي سگهندي.

هڪ، ٻن يا پنجن سپرپاور قوتن واري دنيا جي خاتمي ۽ بين الاقوامي پائيچاري جي شروعات ان ڏينهن کان ٿي جنهن ڏينهن ڪارل مارڪس جهڙن پورهيت بين الاقواميت پسندن، سيني ملڪن جي مزدورن جي فرسٽ انٽرنيشنل جو بنياد وڌو هو جنهن اڳتي هلي ٿين

انٽرنيشنل جي صورت ورتي جنهن عالمي سطح تي بين الاقوامي امن، پائيچاري ۽ برابريءَ لاءِ جدوجهد ڪئي. جنهن جي ردعمل ۾ سرمائيدار دنيا ڪي ليگ آف نيشنز (League of Nations) ناهٽي پئي جنهن بعد ۾ يونائيٽيڊ نيشن (United Nation) جي صورت ورتي. اهم ڳالهه ته پوري انساني تاريخ ۾ عالمي سطح تي ان قسم جا ادارا ڪڏهن به نه رهيا آهن.

### "تاريخ جو خاتمو" نه پر مغربي حاڪميت جو خاتمو

سرد جنگ جي پڄاڻي تي فرانسس فوڪوياما "تاريخ جي خاتمي" جو اعلان ڪيو جيڪو دراصل 500 سالا مغربي حاڪميت ۽ بالادستيءَ جي خاتمي جو اعلان هو. ڇاڪاڻ ته عالمي طاقت جو توازن اوپر طرف وڃي رهيو هو جيڪو فرانسس فوڪوياما کي ڏسڻ ۾ نه آيو ۽ هن يورپي سامراجيت جي زوال کي "تاريخ جو خاتمو" سمجهيو.

ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ دنيا ۾ "مغرب جي فتح" نه ٿي پر، اصل ۾، يورپي سلطنت جي زوال جي نتيجي ۾ ايشيائي طاقتن جي اڀار ۽ مغربي طاقتن جو زوال ٿيو. 1922ع ڌاري برطانيه جي سلطنت اٽڪل 458 ملين انسانن مٿان حاڪميت ڪندي هئي ۽ اٽڪل 1 ڪروڙ 30 لک چورس ميل جي علائقي تي ڦهليل هئي جيڪو ڌرتيءَ جي ڪل زمين جو چوٿون حصو ٿيندو جنهن لاءِ مشهور هو ته "انگريز سلطنت تان سج ڪڏهن به نه لهندو آهي." برطانيه جنهن جي سلطنت تان سج نه لهندو هو. ان جو عالمي محل ڏسندي ڏسندي پيچي پري پيو. ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ برطانوي سلطنت جو ڏيوالو نڪري ويو، 1946ع ۾ آمريڪا کان 3.5 ارب ڊالر قرض وٺي پاڻ کي بچائي ورتو. ان قرض جي آخري قسط 2006ع ۾ ادا ڪئي وئي. انگريز سلطنت ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي وڏي ۾ وڏي ايراضي تي قابض فرانسيسي سلطنت هئي. 1920ع کان 1930ع واري ڏهاڪي ۾ فرانس جي سلطنت 47 لک 67 هزار چورس ميلن تائين پکڙيل هئي جيڪو علائقو ڌرتيءَ جو 8.6 سيڪڙو ٿئي ٿو. اها سڪڙجي فقط پنهنجي ملڪي سرحدن تائين محدود ٿي وئي.

ٻئي طرف، ٻي عالمي جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ ترت ايشيا ۽ وچ اوڀر ۾ هڪ لهر ايري جنهن کي بينڪيتن جي آزادي (Decolonization) جو دور سڏيو ويو، جنهن ۾ خانگي ۽ ٻاهريون جنگيون به ٿيون. ان بين الاقوامي لهر دوران هندستان، چين، ڪوريا ۽ انڊوچائينا سميت

ڪيترن ملڪ کي آزادي ملي. ائين عالمي تڪرار جو مرڪز اوير ۽ مرڪزي يورپ کان ڦري منچوريا ۽ ڪوريا کان ٿيندو لاطيني آمريڪا، انڊو چائينا ۽ آفريڪا طرف منتقل ٿيڻ شروع ٿيو.

جيڪو لقاءُ ڏهه سال اڳ دائمي ۽ يقيني لڳندو آهي اهو بدلجي بلڪل ابتڙ ٿي سگهي ٿو. مثال طور، 1901 کان 1914ع وارو دور، اقتصادي ماهرن موجب، يورپ لاءِ زبردست ترقيءَ جو دور هو. 1901ع واري دور ۾ رهندڙ انسان ان دور کي دائمي ۽ يقيني سمجهيو پئي. جيڪو 1914ع ڌاري پهرين عالمي جنگ لڳڻ سان ڊهي پيو. اقتصادي ماهر جان مينارڊ ڪينز لکيو ته "زبردست اقتصادي ترقي جي حوالي سان ڪيترو نه غيرمعمولي دور هو جيڪو آگسٽ 1914ع جي آخر ۾ پڄاڻي تي پهتو."

انهن سمورن دليلن باوجود فڪري طور تي پنتي پيل ايشيائي سماج سان واسطو رکندڙ فرد، اداري، گروهه، طبقي يا قوم کي شايد اجان به پڪ نه ٿئي. ان جو هڪڙو سبب پڻ 500 سالا يورپي ۽ بعد ۾ آمريڪي گهڻ طرفي بالادستي ۽ اجاراداري آهي. هڪڙي ماڻهوءَ جا ڪيترائي نسل ائين ئي ڏسندا رهيا آهن تنهنڪري هو به ائين ئي سمجهي ٿو. دنيا جون وڏيون عظيم سلطنتون پنهنجي سموري تاريخ ۾ صرف ٿورو عرصو حقيقي طور قائم رهن ٿيون ۽ ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ اندران ئي اندران کوکليون ٿي وڃن ٿيون. باقي پويون عرصو انهن جي ماضيءَ جو روب تاب، دهشت ۽ ساک وغيره جي ڪري قائم رهن ٿيون ۽ نتيجي طور ڪا بي طاقت ان جي ماضيءَ کي ڏسي مقابلي ڪرڻ جي همت به ناهي ڪري سگهندي. پر جيڪڏهن ڪا به طاقت ان عظيم سلطنت سان مقابلو ڪري ٿي ته ان سلطنت جو کوکلو مينار جلدئي ڊهي پٽ پوي ٿو.

برطانوي تاريخ نويس نيل فرگسان لکي ٿو ته "ويهين صدي ايشيا مٿان اولهه جي حاڪميت جي زوال جي صدي آهي جيڪا 1904ع ۾ جاپان هٿان روس کي شڪست ڏيڻ سان شروع ٿي ۽ 1978ع کانپوءِ چين جي نئين اقتصادي اڀار تائين پهتي."

## اولهه ۽ اوڀر جي وچ ۾ تاريخي مقابلو

دنيا جي تاريخ ۾ ٿيل جنگين ۽ فتحن جي نقشن تي نظر وجهنداسين ته ايران طرفان يونان (يورپي ملڪ) سان لڙائين جو داستان

ملندو. ان کانپوءِ وري مقدونيا (يورپ) جي سڪندر ايشيا تي ڪاهون ڪيون. بعد ۾ عربن جي حملن جا نشان نظر ايندا. جن فقط ڏهن سالن جي عرصي اندر 640ع ۽ ٻيو 650ع ۾. يعني وچ جي تيزي وانگر دنيا جي وڏي حصي کي فتح ڪري ورتو. 12 صدي ۾ منگول حملي آور چنگيز خان، هلاڪو خان، تيمور لنگڙو، قبلائي خان، بابر وغيره جي اڳواڻي ۾ ايشيا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن تي ڪاهي آيا، جيڪي وچ يورپ تائين پهچي ويا هئا. هوڏانهن چين، هندستان ۽ عرب علائقن تائين هنن فتحون حاصل ڪيون. منگولن سڪندر کانپوءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت کي جنم ڏنو. جيڪڏهن يورپ منگولن هٿان مڪمل طور تي فتح ٿي چڪو هجي ها تہ شايد هن وقت يورپ جو نقشو ٻيو هجي ها. مسلمانن جون ٿي وڏيون سلطنتون عباسيہ، مغل ۽ ترڪ سلطنت ذريعي ايشيا جي وڏي حصي ۽ يورپ جي ڪجھ حصي تي صدين تائين حڪمراني ڪئي..جڏهن مسلمان فوجن قسطنطنيہ تي قبضو ڪري يورپ جا رستا بند ڪري ڇڏيا، تنهن کانپوءِ دنيا جي نقشي ۾ وڏيون تبديلون آيون. يورپي قومون (پورچوگيز، اسپيني، ڊچ، انگريز، فرانسسي وغيره) نون علائقن جي ڳولا ۾ نڪري پيون. ڏسندي ڏسندي پوري دنيا کي وڪوڙي ويون. پر تاريخ جو ڦيرو وري الٽو ٿيڻ شروع ٿيو آهي. صدين کان سُتل ايشيا گذريل ڇهن ڏهاڪن کان اٿڻ شروع ڪيو آهي.

يورپ پوري تاريخ ۾ ايشيا تي وڏ ۾ وڏ ٻہ پيرا وڏيون ڪاهون ڪيون ۽ ان ۾ ڪاميابيون ماڻيون، باقي ڪل خير! يورپ جيڪو هن وقت دنيا جهان جو لٽ سردار ۽ ابو ٿيو وينو آهي، جنهن جي اڳيان اسين ميسوٽا لڳا وينا آهيون، ان تي تمام گهڻيون ڪاهون ايشيا کان ٿينديون رهيون آهن.

پنج صدين واري يورپي (بعد ۾ آمريڪي) بالادستي ۽ تسلط کي تباهہ ڪرڻ جي ابتدا، خاص طور تي جاپان، بعد ۾ چين، ڪوريا، ويٽنام، انڊيا ۽ ٻين ايشيائي، آفريڪي، لاطيني آمريڪي ملڪن کان ٿي چڪي آهي. ان تاريخي ويڙهہ ۾ پهريون پيرو ڦيرو تڏهن آيو جڏهن 1905ع ۾ جاپان روس سان ويڙهہ ڪري روس کي شڪست ڏني ۽ وري ٻي عالمي جنگ دوران ڪيترن ايشيائي ملڪن تان يورپي

قبضا ختم ڪرائي پاڻ قبضا ڪيا. تنهن ڪانپوءِ چين 1949ع ۾ يورپي ۽ آمريڪي سامراجين کي شڪست ڏئي پنهنجي حدن مان تڙي ڪڍي ڇڏيو. نيپولين چيو هو ته ”چين کي سمهڻ ڏيو. جڏهن اهو اٿندو ته دنيا کي ڏاڍو ڏک ٿيندو.“ جيتوڻيڪ ”مهذب“ يورپي قبضاگيرن چين ۾ آفيم موڪلي پوري چين کي نشي جو عادي بڻائڻ لاءِ (پهريائين 1839 کان 1842 تائين ۽ پوءِ 1856 کان 1858ع تائين) ”آفيمي جنگيون“ به ڪيون ۽ لکين ماڻهن کي موت جو ڪاچ به بڻايو. جڏهن ته اندروني طور تي 1644ع کان چين ۾ منچو گهراڻي جي بادشاهت هئي. انهن ٻنهي قسمن جي عذابن مان جان ڇڏائڻ ۽ چين کي ننڊ مان جاڳائڻ لاءِ ابتدائي ڪوشش تائي پنگ جي بغاوت (1850ع) ۾ ٿي. پر ”مهذب“ يورپي حڪمرانن شاهي گهراڻي منچو جي حمايت ڪري ان بغاوت کي ڪچلي ڇڏيو. انهن ڏينهن دوران مارڪس لکيو هو ته ”ٻي دُنيا کان مڪمل طور تي ڪٽيل هجڻ ڪري پراڻو چين اجاتائين ساڳي حالت ۾ آهي. پر انگريزن جي معرفت اها صورتحال بدلجي ويندي، جيئن هڪ محفوظ ٿيل پراڻي ممي کي ڪليل هوا ۾ آڻبو ته اُها ڀُري پوندي، تيئن انگريزن چين ۾ اهو انقلاب آندو آهي. تنهنڪري هاڻي سوال اهو آهي ته اُهو (چين) انگلينڊ ۽ انگلينڊ جي معرفت يورپ تي، پنهنجو ردعمل ڪيئن ٿو ڪري. انگلينڊ جي تجارت جي ڪري پيدا ٿيل معاشي حالتن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته چيني انقلاب موجوده صنعتي نظام جي ڀريل ڪاڻ ۾ چڻنگ اڇلائيندو ۽ ڊگهي عرصي کان تيار ٿيل عام بحران ۾ ڌماڪو ڪندو جيڪو ملڪ کان ٻاهر تائين ڦهلجي ويندو ۽ ائين پوري ڪنڊ ۾ سياسي انقلاب ايندا.“[3] بعد ۾ (1911ع) سن يات سين انقلاب آڻي بادشاهي راڄ کي ختم ڪيو. جنهن جا اثر يورپ تي به پيا. تنهن ڪانپوءِ ان زرد ديو چين کي اُٿارڻ جو ڪم مائوزيتنگ سرانجام ڏنو.

بعد ۾ ويٽنام به فرانس ۽ آمريڪا جهڙين خطرناڪ عالمي فوجي طاقتن کي ٽوٽا چٻائي پنهنجي گهرن ڏانهن واپس اُماڻي ڇڏيو. ائين فقط چار پنج ڏهاڪن اندر ايشيا مٿان سڌي يورپي بالادستي ختم ٿيڻ شروع ٿي ۽ ڪيترائي ملڪ آزاد ٿيا. اصل ۾، ويهين صدي دوران يورپي بالادستيءَ جي عروج جي انتها به هئي ته ان صديءَ دوران ان

جي تاريخي زوال جي ابتدا ٿي. پر ايشيا کي اڃان پنهنجن پيرن تي بيهڻ، ترقي يافته ۽ طاقتور خطو بڻجڻ ۾ وقت گهربل آهي. هن وقت به ايشيا جا تمام گهڻا ملڪ پٺتي پيل آهن. پر ان سموري لقاءُ ۾ حيران ڪندڙ ڳالهه هيءَ آهي ته ايشيا جا ڪمزور، پٺتي پيل ۽ سُجا ماڻهو يورپ ۽ آمريڪا جي طاقتور، ترقي يافته ۽ شاهوڪار ملڪن سان ڪيئن ٽڪرائجي ويڙهه ڪن! جاپان، چين ۽ ويٽنام ڪانپوءِ، تازو عرب ملڪن ۾ ٿيل عوامي تحريڪن جي تاريخي اهميت آهي. توڙي جو، اهي هن وقت ڇڙوڇڙ ۽ بي ترتيب نظر اچن ٿيون پر اهو نه وسارڻ گهرجي ته هر بي ترتيبي، انتشار ۽ بي قائدگيءَ مان ترتيب، نظم ۽ ضبط ۽ باقائدگي پڻ جنم وٺندي آهي.

منگول ڪمانڊر، سبوتائي، چين کان ڊنيوب تائين اٽڪل 32 قومن کي زيردست بڻايو ۽ اٽڪل 65 لڙائيون کٽيون. ان مان ڪهڙو سبق ملي ٿو؟ انگريز تاريخ نويس ۽ جنگ جي فن جي ماهر لڊل هارٽ تبصرو ڪندي لکيو ته چنگيز خان ۽ سبوتائي جي جنگي فن بابت ڄاڻ ملڻ سان اهو گمان ته "جنگي ڏاهپ جو گهر فقط اڪيلو يورپ آهي" اهو وهم ختم ٿيو وڃي ۽ ٻيو ته "جيڪو ڪُجهه هنن (منگولن) ماضي ۾ ڪيو، ممڪن آهي ته هُو ٻيهر ائين ڪن."[4]

توڙي جو هينئون سٽون اينگلس اٽڪل سوا سو سال اڳ لکيون هيون پر اڄ به ان تبصري جي تاريخي اهميت آهي جنهن ۾ هن چيو هو ته "انگريزن طرفان وڇايل ريلوي لائين، چيني نندي زراعتي ۽ گهريلو صنعت جي سموري بنياد کي ڊاهڻ جو ذريعو بڻي آهي، پر اها عظيم صنعت، سوين لکن ماڻهن (چينن) کي زنده رکي نه سگهندي. نتيجو اهو نڪرندو ته وڏي لڏپلاڻ ٿيندي، جيڪا دنيا اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڏٺي هوندي، هڪ ٻوڏ جيڪا آمريڪا، يورپ ۽ ايشيا ۾ مزدوري جي مقابلي ڪي چيني معيار زندگيءَ (جيڪا آمريڪا، آسٽريليا ۽ يورپي مزدورن جي معيار زندگيءَ کان گهڻو هيٺ آهي) کي جنم ڏيندي ۽ جيڪڏهن ان ٻوڏ کان اڳ يورپ پنهنجي پيداواري نظام ۾ تبديلي نه آندي ته اهي (چيني) ان کي بدلائي ڇڏيندا."[5]

# چا مارڪس ۽ لينن اڳيان
# ڪو سوشلسٽ ماڊل هو؟

”جڏهن ماڻهو اهڙن خيالن جي ڳالهه ڪن جيڪي سماج ۾ انقلاب آڻين، (تڏهن) اهي ايترو ظاهر ڪن ٿا ته پراڻي سماج اندر هڪ نئين معاشري جا عنصر پيدا ٿي چڪا آهن.“[6]
ڪارل مارڪس

اڄڪلهه جڏهن به ڪٿي سوشلزم جي باري ۾ ڪا لکت پڙهجي ٿي يا ڪا ڳالهه نڪرندي آهي ته لکندڙ، ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ اڪثر ڪري سوويت يونين جي ناڪام تجربي جو ذڪر ڪري سوشلزم جي نقطي تي اعتراض اٿاريندا آهن ۽ ٻيا ماڻهو وري سواليه انداز سان خيال ٻڌندا آهن ۽ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري مشڪندا هليا ويندا آهن. اڪثر طور سوال يا اعتراض هن قسم جا هوندا آهن ته ”سوشلزم شڪست کائي چڪي آهي.“ ”سرمائيداري فاتح ثابت ٿي آهي.“ ”اڃو ته فاتح سرمائيداريءَ جي واٽ وٺون.“ ”هاڻي سرمائيداري مارڪس جي دور واري پراڻي سرمائيداري ناهي رهي! اها تمام گهڻو بدلجي چڪي آهي.“ ”اڳ ۾ ئي ڪيترن ڪميونسٽ اڳواڻن خبردار ڪيو پئي ته سوويت يونين نه هلي سگهندو.“ ”بهتر ٿئي ها ته جرمني يا برطانيه ۾ انقلاب لاءِ ڪوشش ڪجن ها يا انتظار ڪجي ها.“ ”ادا جديد دور جي سائنس ڪيترن ئي جدلياتي اصولن کي شڪي بڻائي ڇڏيو آهي!“ ”ايتري حد تائين جو مارڪس جون ڪيل پيشنگوئيون ئي غلط ثابت ٿيون.“ ”سوويت يونين جي زوال ثابت ڪيو ته ڪنهن هڪڙي ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ وارو تجربو ئي غلط هو.“ ”چين، ويٽنام، ڪيوبا ۽ ڪوريا جي نظامن کي سوشلزم سڏي سگهجي ٿو؟“ ”پلا، مستقبل جي سوشلزم ڏانهن ڪهڙو رستو ويندو ۽ اهو ماڊل ڪهڙو هوندو؟“ وغيره.

سرمائيدار نظريدانن کان علاوه، ان قسم جا سوال، اعتراض، شڪ ۽ تجزيا، اصل ۾، مڊل ڪلاس ۽ لوئر مڊل ڪلاس سان واسطو رکندڙ ٿورو گهڻو پڙهيل لکيل، سفيد پوش ۽ ڪجھ رٽائر سياسي ڪارڪن به ڪن ٿا. هن وقت سنڌ ۾ جيڪو ٿورو گهڻو مڊل ڪلاس پيدا ٿيو آهي ان ڪي ڪوبه وڏو انقلابي ۽ عوامي اپار نظر نٿو اچي. تنهنڪري، ان ڪي انقلابي ڳالهيون "يوٽوپيائي" ۽ "هوائي خبرون" لڳن ٿيون ۽ انهن ڪي قبل مسيح جا قصا سمجهي ٿو. حقيقت ۾، اهي ئي قبل مسيح جا لکيل يوناني نسخا ۽ قصا هئا جيڪي يورپ ڪي هڪ هزار سالن جي اونداهي دور مان ڪڍڻ ۽ نئين سجاڳي طرف وٺي وڃڻ جو فڪري ۽ نظرياتي محرڪ بڻيا. انهن جي پيٽ ۾ جديد سائنسي مارڪسزم جي عمر ته ڏيڍ صدي به ناهي.

جيئن ته مڊل ڪلاس جي نفسيات به طرفي ٿيندي آهي، جيڪا سدائين "ها" ۽ "نه" جي وچ ۾ ڦاٿل هوندي آهي، مڊل ڪلاس جو "ايمان مهمان" هوندو آهي، جيڪڏهن ڪو انقلابي ۽ عوام اپار ڏسندو ته ڊوڙ پائي اچي پاسو وٺندو، پر جي صورتحال فائديمند نه ڏسندو ته پيجي به ويندو. سموري سياسي تاريخ ان جي شاهد آهي. مثال طور اڄڪلھ سياسي (۽ هڪ حد تائين انقلابي) شعور رکندڙ ڏسٺا واسٺا فرد اين جي اوز ذريعي معاشري ۾ وڏي تبديلي آڻڻ جون دعوائون ڪن ٿا. (هتي منهنجي مراد اين جي اوز جي ڪردار کي ڪُلي طور رد ڪرڻ ناهي پر انهن ذريعي وڏي تبديلي آڻڻ واري دعوىٰ کي مڪمل طور تي رد ڪرڻ آهي.) هڪ طرف، مڊل ڪلاس جو ماڻهو نفسياتي طور تي "جيترو جلد ٿي سگهي" ۽ "گهٽي کان گهڻو حاصل ٿي سگهي" لاءِ ڊوڙ ڪندو آهي ته وري جيڪڏهن حالتن ۾ ڦيرو آيو ته "ڪوسو گرھ ڦوڪي ڦوڪي کائڻ" واري پاليسي تي عمل ڪندو.

جيتوڻيڪ، اهي سوال، اعتراض ۽ شڪ معروضي طور تي پڻ وجود رکن ٿا پر ان جو گهڻو حصو موضوعي نفسياتي مونجهاري جي پيداوار آهي. تنهنڪري، ان قسم جي موقعي پرست، وڇڙن ۽ شڪست خورده رجحان کان هٽي ڪري، انهن سوالن ۽ شڪن کي ورائي سمجهڻ جي اشد ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته انقلابي ماڻهو انهيءَ ساڳئي سماج ۾ رهندا آهن جيڪي انهن خبرن، سوالن ۽ اعتراضن کان پڻ متاثر ٿيندا آهن.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته هيترن سارن سوشلسٽ نمونن جي جُزوي يا ڪُلي طور ڪاميابي توڙي ناڪامي ڪانپوءِ ڇا ڪنهن به هڪ ملڪ جي مستقبل جي سائنسي ماڊل جو ذڪر ڪرڻ ممڪن آهي يا اهو صرف هڪ خواب ئي آهي؟ انقلاب ڪڏهن ايندو ۽ هي ويڙهه ڪيسيتائين هلندي؟ ڪٿي ائين ته ناهي جيئن هن وقت ڪيترين ئي مذهبي ڌرين آهن جيڪي پنهنجن هزارين سال پراڻن نظامن کي وري جيئارڻ جا خواب ڏسن ٿيون ۽ سڄو ڏينهن تقريرون ڪرڻ ۾ مصروف آهن. ڇا مُلن، پنڊتن ۽ پادرين وانگر سماجوادي ڌريون به يوٽوپيائي خواب جي پٺيان ته نه پيون ڊوڙن؟ جيتريقدر مذهبي تعليم ۽ مارڪسزم جو تعلق آهي ته انهن جا پوئلڳ پنهنجي پنهنجي فڪر کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پوءِ پلي انهن خيالن جي عمر هزار يا ٻه هزار سال پراڻي هجي يا سو، ڏيڍ سو سال پراڻي هجي. پر انهن ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي ۽ اهو فرق بنيادي نوعيت جو آهي. عقيدي پرست پنهنجي رهنما ڪتابن کي جيئن جو تيئن ساڳي هزارين سال پراڻي حالت ۾ لاڳو ڪرڻ جي دعوئ ڪندو آهي ۽ ٻيو ته هزارين سال پراڻن خيالن ۽ اصولن ۾ تر جيتري به تبديليءَ جي گنجائش نه رکندو آهي. جڏهن ته هڪ مارڪسوادي ڏيڍ سو سال اڳ ٻڌايل اصولن ۽ خيالن کي جيئن جو تيئن لاڳو ڪرڻ نه پر جيڪي ڳالهيون قابل عمل هونديون آهن فقط انهن تي زور پريندو آهي ۽ جيڪي قابل عمل نه هونديون آهن انهن کي ڦٽو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ٻي اهم ڳالهه ته مارڪسوادي ڪائنات گير اصول ”هر شي تبديل ٿيندي آهي ۽ ڪابه شي حتمي، قطعي ۽ آخري نه ٿيندي آهي.“ ان کي مڃيندڙ هوندو آهي. تنهنڪري، ڪنهن مارڪسواديءَ جو عقيدي پرست ٿيڻ مارڪسزم کي رد ڪرڻ برابر ٿيندو.

بهرحال، مٿين سوالن سميت ٻيا به ڪيترائي اهم سوال آهن. مثال طور ڇا هن وقت ڪو اهڙو ڪامياب سوشلسٽ ماڊل آهي جنهن جي گس جي پوئيواري ڪئي وڃي؟ ڇا ڪنهن عملي ماڊل ڪانسواءِ مستقبل جي سوشلسٽ رستي ۽ ماڊل جو ذڪر نٿو ڪري سگهجي؟ ظاهري طور تي اهي سمورا سوال ڪنهن مخصوص سماجي نظام (سوشلزم) جي سچائي سان لاڳاپيل آهن پر حقيقت ۾ انهن سوالن جو

اصل ڳر، محرڪ ۽ توڙ اهو آهي تہ ڇا مصيبتن ۽ عذابن سان ڀريل هن زندگيءَ کي خوبصورت ۽ حسين بڻائي سگهجي ٿو؟ اهو سوال تہ سائنسي سوشلزم کان اڳ بہ موجود رهيو آهي.

## سائنسي سوشلزم کان اڳ

بهتر دنيا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ اهو خواب نئون ناهي. انسان پنهنجي شروعات کان هن مهل تائين اهو خواب ڏسندو رهيو آهي. جڏهن ڪوبہ سماجي نظام پنهنجي حالتن پٽاندڙ مدي خارج ٿيو ۽ جڏهن انسان اهو محسوس ڪيو تہ هن سرشتي ۽ نظام هيٺ سندن مسئلن جو حل ممڪن ناهي تہ انسان ان سماج کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جيئن تہ مخصوص پيداواري سرشتن اندر ماڻهو جي سمجهہ جي سطح ايتري نہ هئي، جو ان مدي خارج ۽ ظالم سماجي سرشتي جي سببن کي سمجهي سگهي. تنهن هوندي بہ مختلف مفڪرن سماج کي بهتر بنائڻ لاءِ مختلف خيال ۽ نظريا ڏنا پر جيئن تہ سماجي گهٽ وڌاين ۽ ناانصافين جي ڪارڻن جي خبر نہ هجڻ ڪري اهي نظريا ڪڏهن بہ عملي حل نہ ڏئي سگهيا. ماڻهن کي اها خبر هئي تہ ڇا ٿيڻ گهرجي؟ پر صدين تائين انسان کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ اهو ٿيندو ڪيئن؟ ڇاڪاڻ تہ ان جا ٺوس سائنسي بنياد اڃا تائين وجود ۾ ئي نہ آيا هئا. جڏهن جڏهن ظلم وڌيو، ان مظلوم کي مجبور ڪيو تہ هُو مُدي خارج ۽ عوام دشمن سماجي حالتن کي تبديل ڪري نئين سماج لاءِ ويڙهہ ڪري. تاريخ اهڙين بغاوتن ۽ جدوجهدن سان ڀري پئي آهي. غلامن غلامداري خلاف، هارين جاگيرداري ۽ مزدورن سرمائيداري خلاف جدوجهد ڪئي. تاريخ جي مخصوص عوام دشمن سماجي ۽ اقتصادي ڍانچي (غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري) کان بيزاري جو اظهار ڪندي هر مظلوم ۽ انهن جي طرفدار مختلف نعرا، بينر ۽ نظريا تخليق ڪيا. ڪڏهن بادشاهن جي تبديلي جي مطالبن جي شڪل ۾، تہ ڪڏهن مذهبن ۽ عقيدن جي نعري ۾، تہ ڪڏهن تارڪ الدنيا جي فڪر هيٺ ڪن ماڻهن وري ان ظلم خلاف ويڙهہ ڪرڻ بدران ان کي "قسمت" ۽ "تقدير" جو نالو ڏئي مات ڪري ويهي رهڻ جو پرچار ڪيو، تہ ڪڏهن يوٽوپيائي سوشلزم ۽ ڪڏهن جمهوريت جي جهنڊي هيٺ سدائين پنهنجي آقائن نوابن ۽ شرفا جي اڳواٽي ۾ ۽

وري سرمائيدارن جي رهنمائي هيٺ جدوجهدون ۽ جنگون ڪيون، پر پورهيت عوام پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي طبقي ۽ پورهيتن جي اڳواٽيءَ ۾ ويڙهه نہ ڪئي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي حالت پيداواري صورتن ۽ انهن جي ردوبدل لاءِ گهربل اقتصادي ترقي جي حد سان مشروط هئي. لڪين انسان پنهنجي تقدير بدلائڻ جي جدوجهد ڪندي ختم ٿي ويا. هنن پنهنجون زندگيون انهن مقصدن، نظرين ۽ نعرن پنيان قربان ڪري ڇڏيون، جن نظرين ۽ نعرن جي عمر ٿوري هئي ۽ ان مان بہ اڪثر نظرين جا بنياد ئي غلط هئا. مثال طور ڪيترين ئي مذهبي تحريڪون هليون جن دنيا جي ”سمورن مسئلن جو حل“ ڏيڻ جي دعوائون ڪيون ۽ ڪروڙين انسان انهن تحريڪن لاءِ قربانيون بہ ڏنيون ۽ ساڳئي ريت جمهوريت جو سفر صدين ڪان وقفن وقفن سان هلندو پيو اچي ۽ اُها اجاتائين قائم دائم آهي توڻي جو ڪروڙين انسان انهيءَ لاءِ جدوجهدون ڪندا ۽ ويڙهه ڪندا رهيا آهن. پر صدين جي دعوائن جي باوجود اڄ بہ ڪروڙين انسانن جي زندگي عذاب بڻيل آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اها دعويٰ ڪوڙي هئي ۽ آهي تہ ”جمهوريت“ ”بادشاهت“ ”خلافت“ يا ”پاپائيت“ سيني مسئلن جو حل آهن ۽ اهي ئي بهترين نظام آهن.“ اهي سڀ دعوائون ديومالائي قصا، پارس پٿر ۽ علاءُ الدين جا چراغ ثابت ٿيون جن جي حقيقت تصور ۾ تصور ئي هئي. فطرت کي ڏند ڪٿائي تصورن ذريعي فتح ڪرڻ ۽ تبديل ڪرڻ جي حوالي سان مارڪس لکيو تہ ”سمورا ديومالائي قصا تصور ۾ تصور ذريعي فطرت جي قوتن کي قابو ڪن ٿا، انهن جي تشڪيل ڪن ٿا ۽ ان تي غالب پون ٿا پر جيئن ئي انسان فطرت جي قوتن تي حقيقي قدرت حاصل ڪري ٿو تہ اُهي (ديومالائي تصور) غائب ٿي وڃن ٿا.“[7]

## ڇا مارڪس آڏو سوشلزم جو عملي ماڊل هو؟

سماج کي بدلائڻ لاءِ گهربل سائنسي نئوس حالتون ۽ اولين شرط سرمائيداري ڪان پوءِ پيدا ٿيا. مثال طور وڏي پيماني واري صنعت (Large Scale Industry)، قومي مارڪيٽ قائم ٿيڻ، ڇڙوڇڙ ۽ جدا جدا دنيا جو ڳنڍجي وڃڻ، علم ۽ حرفت جي ترقي، بورزوا طبقي جو جنم ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مزدور طبقي جو جنم ۽ پورهيتن طرفان منظم تنظيمي صورت اختيار ڪرڻ وغيره وغيره. تاريخ ۾ پهريون ڀيرو

مارڪس ۽ اينگلس ٻڌايو تہ سائنسي طرح مدي خارج سماج کي ڍاهي ۽ نئون سماج ڪيئن اڏي سگھجي ٿو.

جيتوڻيڪ اڄ جي حوالي سان ۽ تاريخي تجربي جي حساب سان مارڪس بدنصيب هو ڇاڪاڻ تہ سندس حياتي تائين ڪامياب سوشلسٽ نظام جو ڪوبہ عملي ماڊل نہ ٺهي سگھيو هو. تہ پوءِ ڪارل مارڪس سوشلزم جي ڳالھہ ڇو ڪئي؟ ۽ وري ان کي سائنسي سوشلزم ڇو سڏيو؟ جڏهن تہ ڪوبہ ڪامياب تجربو موجود نہ هو؟ ڇا ڪوبہ نظريو تيسيتائين نٿو ڏئي سگھجي، جيسيتائين ڪو (ماڊل) عملي روپ موجود نہ هجي؟ اها ڪهڙي شي هئي جنهن مارڪس جهڙي عالم کي سوشلزم کي سائنسي سڏڻ جا بنياد مهيا ڪيا؟ جواب آهي تہ عالمي تاريخي تجربو، سندس دور (سرمائيداري) جي گھري ۽ اٿاھ ڄاڻ، فرانسيسي ۽ يورپي انقلابن جا مشاهدا، فيوئرباخ جي ماديت، هيگل جي جدليات، فوريئر، سينٽ سائمن ۽ رابرٽ اوون جي سوشلزم، رڪارڊو ۽ ايڊم سمٿ جي اقتصاديات، ڊارون جو ارتقائي نظريو، جيو گھرڙي جي دريافت ۽ توانائي جي تبديلي ۽ بقا جي قانون جي کوجنا وغيره مارڪس کي اهڙا نوس تاريخي سائنسي بنياد فراهم ڪيا جن جو تنقيدي ۽ تخليقي جائزو وٺندي جدلياتي ۽ تاريخي ماديت کي تخليق ڪيو ۽ اها جدلي ۽ تاريخي ماديت هئي جنهن سوشلزم کي سائنسي سوشلزم سڏڻ لاءِ بنياد فراهم ڪيا. تاريخي ماديت ۽ سائنسي سوشلزم جي بنيادي اصول (طبقاتي جدوجهد) بابت مارڪس کان اڳ جي مفڪرن جي ڪردار جي حوالي سان خود مارڪس لکيو تہ "طبقاتي جدوجهد ۽ طبقن جي هڪٻئي سان دشمني تاريخي ترقي جو نتيجو آهي" اها ڳالھہ تہ مون کان گھڻو وقت اڳ ۾ بورزوا تاريخدانن ڪري ڇڏي آهي. مون صرف اهو ثابت ڪيو آهي تہ (1) طبقن جو وجود پيداوار جي ترقي جي صرف مخصوص تاريخي دور سان ڳنڍيل آهي، (2) طبقاتي جدوجهد پورهيت آمريت ڏانهن وٺي ويندي، (3) خود آمريت صرف طبقن جي خاتمي ۽ غيرطبقاتي سماج تائين پهچڻ واري عبوري دور تائين هوندي"[8]

نئين بهترين دنيا اڏڻ جو خواب (سائنسي سوشلزم) الهام نہ هو پر انساني تاريخ هن مهل تائين جن دورن مان گذري آهي ان مان اخذ

ڪيو ويو هو. رهي ڳالهه ان خواب جي تڪميل جي ته اهڙا مختلف اعتراض ۽ سوال ته مارڪس جي ذهنن ۾ به اٿاريا ويا هئا. جن مان هڪ اعتراض جو ذڪر ڪندي مارڪس ”ڪميونسٽ پڌرنامي“ ۾ لکي ٿو ته جيڪي چون ٿا ته انقلابي سماج نه ٿو هلي سگهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ ماڻهو ڪم ڪندا ئي ڪونه! جواب ۾ مارڪس چيو ته جيڪو پورهيت هن سرمائيداري نظام اندر جنهن ۾ ڪيس غربت، مفلسي ۽ ذلت ڪانسواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿو ٿئي ان ۾ به ٻارنهن ڪان چوڏهن ڪلاڪ ڪم ڪري ٿو ته پوءِ اهو پنهنجي طبقي جي اڳواٽي ۾ پنهنجي مفاد لاءِ ڇو ڪم نه ڪندو![9]

پڌرنامي ۾ مختلف يوٽوپيائي سوشلسٽ نظرين تي تنقيد ڪندي مارڪس لکي ٿو ته هڪڙي آهي ”جاگيردار سوشلزم“ جيڪا ماضي سان رشتو ڳنڍي ۽ مستقبل جي خطري ”سرمائيداري“ خلاف ويڙهه ڪي سوشلزم سڏي ٿي. ٻي آهي ”دلال سرمائيدار سوشلزم“ جيڪي پورهيتن سان گڏ سرمائيداري خلاف ويڙهه ڪرڻ چاهين ٿا ته جيئن پراڻن پيداواري رشتن کي برقرار رکي سگهجي. ٽيان هئا ”سرمائيدار سوشلسٽ“ هنن جو خيال هو ته موجوده سماجي سرشتو سرمائيداري برقرار رهي ۽ ان ۾ جيڪي خرابيون آهن اهي ختم ڪجن. سرمائيدارن کي ترقي ڪرڻ جي اجازت هجي ۽ پوءِ آهستي آهستي سڀ مسئلا ختم ٿي ويندا. سرمائيدار هجي پر پورهيت نه هجي ۽ ٻيا هئا ”خيالي سوشلسٽ.“ بهرحال، مارڪس اهڙن تصوراتي ۽ غيرحقيقي ”سوشلسٽ ماڊلز“ تي ٺٺول ڪندي لکيو ته ”سڀ کان وڌيڪ آسان اهو آهي ته ”عيسائي رهبانيت“ کي سوشلزم سڏيون ڇاڪاڻ ته اهي ذاتي ملڪيت، شادي ۽ رياست جي خلاف آهن ۽ انهن بدران خيرات، غربت، رهبانيت ۽ سادگي جي تبليغ ڪن ٿا.“[10]

جيتوڻيڪ، مارڪس اڳيان ناڪام فرانسيسي انقلاب، ناڪام يورپي جمهوري انقلاب ۽ پئرس ڪميون واري ناڪام مزدور بغاوت جا مثال موجود هئا ۽ ڪوبه ڪامياب سوشلسٽ ماڊل نه هو. پر ان باوجود هن نوس سائنسي قانونن ۽ دليلن جي بنياد تي دنيا ۾ پورهيت انقلاب جي اڳڪٿي ڪئي جيڪا سورنهن آنا سچ ثابت ٿي پر بدقسمتيءَ سان خود مارڪس پنهنجي اکين سان ان کي ڏسي نه

سگھيو. تنھنڪري ڪنھن نظريي جي سچائيءَ لاءِ اھو ضروري ناھي تہ ڪو عملي نمونو ۽ ڪو ڪامياب تجربو موجود ھجي نہ تہ اھا ڳالھہ سوچ ۽ نظريو نتو پيش ڪري سگھجي. پر دير يا سوير ڪنھن بہ نظريي جي سچائي تجربي ذريعي ئي ثابت ٿيندي آھي.

### لينن جي سامھون سوشلزم جو ڪھڙو ماڊل ھو؟

مارڪس ۽ اينگلس ڪانپوءِ جڏھن لينن روس ۾ انقلاب آڻڻ ۽ ھڪ سوشلسٽ ماڊل اڏڻ جي ڳالھہ ڪئي تڏھن بہ لينن اڳيان ان وقت تائين ڪوبہ سوشلسٽ ماڊل موجود نہ ھو پر ان باوجود لينن روس جھڙي پٺتي پيل ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ جي دعوا ڪئي. جڏھن تہ مارڪس ۽ اينگلس ڪانپوءِ وارن مھا "مارڪسوادين" معاملن کي سلجھائڻ بدران منجھائي ڇڏيو. جنھن جي نتيجي ۾ مارڪسي عقيدي پرستي، ترميم پسندي وغيره جھڙن رجحانن جنم ورتو. ان دور جي مارڪسوادين جي اڪثريت ھڪ طرف ان انتظار ۾ ھئي تہ سوشلسٽ انقلاب لاءِ گھربل حالتون پيدا ٿين ۽ اھي بہ وري برطانيہ، فرانس ۽ جرمني ۾! (ڇاڪاڻ تہ خود مارڪس بہ ائين ئي چيو ھو.) ان سان گڏ ٻين جوڙيوال ترميم پرستن وري سوشل ڊيموڪريسي، اصلاح پسندي، جمھوريت وغيره جا نعره بلند ڪيا. جڏھن موقعي پرست، پيٽي بورزوائي، سوشل ڊيموڪريٽس، ڪائوتسڪي جھڙن غدارن ۽ دنيا جھان جي نام نھاد "مھا انقلابين" ۽ "مارڪسوادين" ڪنھن بہ انقلابي حالتن جو فائدو وٺڻ بدران موقعي پرستي ڪندي سرمائيدارن جي پاڙيتو ھجڻ وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ نہ رڳو پنھنجن ملڪن اندر پورھيت طبقي سان دوکا ۽ فريب ڪيا ۽ انقلاب جي ڳالھہ ڪري انقلاب مخالف ڪارروائيون ڪيون پر جڏھن بالشويڪ پارٽي لينن جي اڳواڻي ۾ روس جھڙي پوئتي پيل نيم ايشيائي ملڪ ۾ انقلاب لاءِ ڪوششون پئي ڪيون تڏھن بہ گھٽن ئي پئي چيو تہ "روس بدران جرمني ۾ انقلاب لاءِ ڪوشش ڪرڻ گھرجن ۽ ھي وقت روس ۾ انقلاب لاءِ حالتون مناسب ناھن." بيا تہ ٺھيو پر بالشوڪ پارٽيءَ جا پنھنجا ماڻھو بہ اھو مڃڻ لاءِ تيار نہ ھئا تہ ھيئنر (1917ع ۾) ۽ ھتي (روس ۾) انقلاب اچڻ گھرجي. انقلاب وارن ڏينھن ۾ تہ مرڪزي ڪميٽي جي اھم اڳواڻن (ريازانوف، ڪامنيف ۽ زنوويف) ھٿياربند بغاوت خلاف

مسلسل مهم هلائي. جنهن جي جواب ۾ 31 آڪٽوبر تي لينن ”ڪامريڊن ڏانهن خط“ ۾ لکيو ته ”يا ته اسان پنهنجي نعري ”سمورو اقتدار سوويتن کي ڏيو“ تان هٿ کڻون يا ته هڪ هٿياربند بغاوت ڪريون. وچ وارو ڪوبه گس ناهي.“[11]

جيتوڻيڪ، مارڪس ۽ اينگلس به روس جهڙي ملڪ ۾ انقلاب جي ڳالهه نه ڪئي. روس جهڙي ملڪ ۾ مارڪس جي ڳالهين جو مطلب ته وري ڪن ڏرين مورڳو ئي ابتو ڪڍيو. سندن خيال هو جيئن ته مارڪس چيو ته سرمائيداري ظالم سماجي نظام آهي تنهنڪري بهتر اهو آهي ته روس ۾ سرمائيداري نه اچي. اينگلس پنهنجي هڪ روسي دوست کي 1895ع ۾ خط ۾ لکيو ته ”توهان جهڙن ملڪن (روس) ۾ جتي اوائلي گڏيل هارپي تي وڏي پيماني واري صنعت (Large Scale Industry) لڳائي ويئي آهي، جتي ساڳئي وقت تهذيب جا سمورا وچ وارا مرحلا هڪ ٻئي سان گڏ هڪ ئي هنڌ وجود رکندا هجن، اهڙي ملڪ ۾ جتي مطلق العنايت ذريعي دانشوراڻي چيني ديوار اڀي ڪئي وئي هجي، اهڙي ملڪ ۾ انتهائي ناقابل اعتبار ۽ عجيب خيالن جو ميلاپ ٿيڻ عجب جهڙي ڳالهه ناهي.“[12]

ايتريقدر جو روس ۾ جڏهن زار شاهي جي ظلم ۽ ڏاڍ جو راڄ هو تڏهن به مارڪس جو ڪتاب ”سرمايو“ جو پهريون جلد 1872ع ۾ روسي ٻولي ۾ ڇپيو. مارڪس جي ڪتاب ”سرمايو“ جي روس ۾ گهرائڻ تي پابندي نه هئي (جنهن تي اتڪل گهڻن ملڪن ۾ پابندي هئي) ڇاڪاڻ ته زار شاهي سرڪار جو خيال هو ته ”ڪتاب ۾ رڳو حسابي ۽ تجريدي ڳالهيون لکيل آهن، جيڪي تمام ڏکيون آهن جيڪي گهڻن ماڻهن کي سمجهه ۾ نه اينديون ۽ جيڪڏهن سمجهه ۾ ايندو ته به مڙيئي ٿورڙن دانشورن کي.[13]

روس اندر زار شاهي جي پوليس طرفان مسلسل ڇاپن ۽ گرفتارين جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي انقلابين جا گروهه ۽ جٿا ختم ٿي ويا. ان حد تائين جو ڪيترن ئي علائقن ۾ هارين پاڻ پوليس کي گهرائي انقلابين کي گرفتار ڪرايو.[14] 80 واري ڏهاڪي ۾ مايوسي جي لهر پوري روس تي ڇانيل هئي، انقلابي آدرش رکندڙ باقي ڪي مڙئي ٻه ٽي گروهه وڃي بچيا هئا. 83ع کان 93ع تائين Emancipation of labor

group جلا وطن رهيو. روسي سوشل ڊيموڪريٽ استروف جيڪو "قانوني مارڪسزم" جو پولڳ هو ان جو خيال هو تہ "اسان ۾ ثقافت جي کوٽ آهي تنهنڪري سرمائيداريءَ جي اسڪول ۾ داخلا وٺڻ گهرجي."[15] روسي مارڪسزم جي ابي پليخانوف بہ لکيو تہ "سوشل ڊيموڪريٽس تاريخ جي وهڪري سان گڏ ترن ٿا." جنهن تي انتونيو گرامچي پليخانوف تي تنقيد ڪئي تہ "گنديماديت پرستي" جي ڪڏ ۾ ڪري پيو آهي."[16]

تہ پوءِ اهڙي ملڪ ۾ انقلاب جي ڳالهہ ڪرڻ مڙئي وقت گذارڻ لاءِ ڪيل ڪو شغل هيو؟ ڇا لينن سمورو عرصو ڏٽن ۽ هوائي خبرن جي سهاري پئي هليو؟

لينن 23 سالن جو هو تہ هن داس ڪيپيٽل جا بہ جلد پڙهي ڇڏيا هئا. هن اٿاهہ مطالعي ۽ جاچ پڙتال ڪانپوءِ مارڪسزم جي فلسفي، اقتصاديات، سياست ۽ فڪر ۾ واڌارا ڪيا. هن پنهنجي سياسي مضمونن ۾ "اخبار ڪيئڻ" "انقلابي نظريي" "پيشيور انقلابين جي تنظيم" "رازداري" "مرڪزيت" "شعور ۽ خودرو ترقي" "سياسي، اقتصادي ۽ نظرياتي جدوجهد جي گڏپ" "هاري مزدور اتحاد" جهڙا نوان سياسي اصول ڏئي مارڪسي سياست ۾ واڌارا ڪيا. هن لکيو تہ "روس ۾ زار شاهي جي عذاب ۽ پارلياماني ادارن جي غيرموجودگي سبب ڳجهي ۽ کليل جدوجهد جي گڏپ سان ڪم ڪري سگهبو." جنهن دور ۾ اڪثر مارڪسوادي "گهٽ ترقي ياقتہ صنعتي ملڪن ۾ هڪ ئي وقت انقلاب اچڻ" جي توقع لڳايو ويٺا هئا ان وقت لينن هڪ اهڙي "پوئتي پيل اڪيلي ملڪ ۾ انقلاب" آندو هو جنهن جي باري ۾ ان وقت صرف سوال ۽ اعتراض ئي واري سگهجن پيا. انهن اعتراض ڪندڙن مان گهڻا تہ اها خاطري ڪيو ويٺا هئا تہ ڇاڻ ٿو اهو ملڪ ڊهي پوي.......!!

اها ڪهڙي شي هئي جنهن لينن کي ايترو پوئتي پيل نيم ايشيائي ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ تيار ڪيو؟ اها هئي انقلاب جي سائنس جنهن کي مارڪس ۽ اينگلس تخليق ڪيو هو. جنهن خواب کي ڪارل مارڪس ۽ اينگلس ساپيان نہ ڪري سگهيا ان جي تعبير لينن ڪري ڏيکاري پر مارڪس ۽ اينگلس جي ڏنل عام اصولن کي ڪتب

آڻڻ ذريعي ۽ پنهنجي ملڪ جي مخصوص حالتن مطابق تخليقي واڌارا ڪرڻ وسيلي.

## مارڪس ۽ لينن ڪانپوءِ

مارڪس ۽ لينن ڪانپوءِ جا انقلابي ڪيترن حوالن سان خوشنصيب هئا ۽ آهن ڇاڪاڻ ته نه ڪارل مارڪس ۽ اينگلس، نه ئي لينن ۽ ٻين انقلابين وٽ ايتري انقلابي تجربي جي تاريخ هئي ۽ نه ئي سندن سامهون ڪو عملي ماڊل هو، جنهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين کي آڏو رکندي ڪو سوشلزم ڏانهن وني ويندڙ بهتر گس جو تعين ڪري ۽ ان جو نمونو (ماڊل) ناهي سگهن. تنهنڪري پهرين سوشلسٽ انقلاب روس جو تجربو اهڙو هو جو، هڪ پٺتي پيل ملڪ جتي انقلاب لاءِ حالتون سازگار نه هوندي به اڳتي وڌي تمام گهڻو ڪجهه ڪري وجڻ، بالشويڪ پارٽيءَ جو نهڻ، پهرين پورهيت رياست جو قيام، مارڪسي نظريي جو عملي روپ ۾ اچڻ، سامراجي نظام هيٺ ڪنهن هڪ ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ، مارڪسي عقيدي پرستي خلاف نظرياتي ويڙهه ڪرڻ، پهرين سوشلسٽ رياست جي تعمير وغيره لينن ازم جي عملي روپ ۾ مليا جن کي بنياد بڻائي چين، ويٽنام، ڪوريا، ڪيوبا ۾ انقلابن جا تجربا ڪيا ويا. ان حوالي سان لينن لکيو ته ”اسانجي انقلاب جي ڪجهه بنيادي خاصيتن جي اهميت، علائقائي يا خالص قومي، يا فقط روسي نه پر بين الاقوامي آهي.“ ”تاريخ جي موجوده دور ۾، روسي ماڊل سيني ملڪن جي ويجهي ۽ اٽر مستقبل لاءِ ڪجهه رهنمائي ڪري ٿو، جيڪا انتهائي گهڻي اهميت واري آهي.“[17]

اها ڳالهه بلڪل درست آهي ته سوويت يونين جي صورت ۾ مائوزيتنگ، هوچي منهه، ڪم ال سنگ، فيدل ڪاسترو ۽ ٻين اڳيان سوشلزم ڏانهن ويندڙ گس ۽ هڪ ڪامياب سوشلسٽ ماڊل موجود هو. پر اهم مسئلو اهو نه هو، بنيادي مسئلو اهو هو ته ان ماڊل کي چين، ويٽنام ۽ ڪوريا جهڙن پٺتي پيل ايشيائي ملڪن ۽ ڪيوبا ۾ لاڳو ڪري سگهجي ٿو يا نه؟ ڇاڪاڻ ته انهن مان هرهڪ ملڪ جون حالتون روس کان بلڪل مختلف هيون ۽ انهن جون پنهنجيون مخصوص حالتون هيون ۽ اهڙين مخصوص حالتن واري ملڪ ۾ انقلاب جو اڳ ۾ مثال موجود نه هو ۽ نه ئي مارڪسزم ۾ ان جو ذڪر ٿيل هو.

چيني انقلاب عظيم روسي آڪٽوبر انقلاب جو تسلسل هو. انهن بنهي انقلابن ۾ بنيادي هڪجهڙائيون هيون (1) بنهي جي اڳواٽي پورهيت طبقي جي مرڪز (نيوڪلس) طور مارڪسي لينني پارٽي ڪئي. (2) بنهي مزدور_هاري اتحاد کي بنياد بڻايو. (3) بنهي ملڪن ۾ رياستي اقتدار پرتشدد انقلاب ذريعي حاصل ڪيو ويو ۽ پورهيت آمريت لاڳو ڪئي وئي. (4) بنهي ۾ انقلاب جي فتح کانپوءِ سوشلسٽ نظام جي تعمير ڪئي وئي. (5) اهي بئي انقلاب عالمي پورهيت انقلاب جو حصو هئا.

پر ساڳئي وقت چين جون نراليون خاصيتون به هيون جن ۾ (1) آڪٽوبر انقلاب سامراجي روس ۾ آيو پر چيني انقلاب هڪ نيم ڪالونيل ۽ نيم جاگيردار ملڪ ۾ آيو. (2) روسي انقلاب پورهيت سوشلسٽ انقلاب هيو، جڏهن ته چيني انقلاب نئين جمهوري انقلاب جي مڪمل فتح کانپوءِ سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وڌيو. (3) آڪٽوبر انقلاب شهرن ۾ هٿياربند بغاوت کانپوءِ ٻهراڙين ۾ ڦهليو جڏهن ته چيني انقلاب ٻهراڙين کي فتح ڪري شهرن جو گهيرو ڪيو.

چين جهڙي هڪ نيم ڪالونيل ۽ نيم جاگيردار ملڪ ۾ سوشلسٽ انقلاب جو مثال اڳ ۾ ڪٿي به نه هو. پر ان باوجود اهڙي نيم ڪالونيل ۽ نيم جاگيردار ملڪ ۾ ڊگهي عوامي جنگ کانپوءِ پهرين مرحلي ۾ نئون جمهوري انقلاب آڻي سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وڌڻ لاءِ هارين تي ڀاڙڻ، ٻهراڙين ۾ سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ فوجي اڏا ناهڻ ۽ ٻهراڙين کي شهرن جو گهيرو ڪرڻ ۽ قبضو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري مائوزيتنگ مارڪسزم جي سائنس ۾ واڌارا ڪيا جيڪي ان کان اڳ مارڪسزم جي سائنس ۾ نه هئا. بعد ۾ هوچي منه پڻ انهيءَ چيني تجربي مان فائدو وٺندي ٽن (فرانسيسي، جاپاني ۽ آمريڪي) سامراجي قوتن هٿان مڪمل ڪالوني بڻيل، ٻن حصن ۾ ورهايل، پنتي پيل نيم جاگيردار، (چين جي پيٽ ۾) گهٽ آبادي ۽ ايراضي واري ملڪ ۾ پالتو ويٽنامي جاگيردار خلاف قومي عوامي جمهوري انقلاب آڻي، گهڻ رخي تنظيم سازي جي ڪمال سميت مارڪسزم جي سائنس ۾ ڪيترائي ٻيا واڌارا ڪيا جن جو مثال اڳ ۾ نٿو ملي.

روس ڪنهن ٻاهرين قوم جو غلام نه هو، اتي اصلوڪي قوم جي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو به نه هو، روس ۽ چين وٽ جهڙو تهڙو پنهنجو قومي سرمائيدار ۽ صنعتي مزدور پڻ هو ۽ انقلاب آڻيندڙ

اڳواڻ انهن ملڪن جي وڏين قومن منجهان هئا ۽ روس ۽ چين ۾ جڏهن انقلاب آيا تڏهن عالمي سامراجي طاقتون پاڻ ۾ وڙهي ڪمزور ٿي چڪيون هيون. چيني ۽ ويٽنامي انقلاب وقت ته سوويت يونين ۽ سوشلسٽ بلاڪ بہ ئي موجود هئا. پر هڪ 23 سالا (هن وقت 63 سالا) گهڻ قومي، نيم سرمائيدار، نيم جاگيردار، نيم قبائلي، نئين سامراجي ڪالونيل مذهبي ملڪ جي ننڍي قوم طرفان انقلاب آڻڻ جي دعويٰ جو مثال ڪٿي بہ نہ ٿو ملي. اها قوم پنهنجيون اقتصادي، سياسي، ثقافتي ۽ سماجي نراليون خاصيتون رکي ٿي. جن ۾ (1) ايشيائي پيداواري نظام ۽ تاريخي طور تي ذاتي ملڪيت جو نہ هجڻ (2) ڳوناٽو سرشتي واري هڪ مڪمل دنيا (3) عورت جي غلامي کان بدتر حيثيت (4) عقيدن جا نظام (5) ذات پات جو نظام (6) ٻاهريون يلغارون ۽ جنگن جو داستان (7) مُردار جاگيرداري (8) تہ طرفي بالادستي ۽ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو (9) غيرسنڌي سرمائيدار، غيرڪاروباري مڊل ڪلاس ۽ سنڌي صنعتي مزدور جي اٿهوند (10) سوشلسٽ قوتن سان ويڙهہ جو ڏکو تجربو رکندڙ سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو نہ هجڻ (11) پاڪستان: هڪ عسڪري رياست (12) فڪري رجعت پرستي وغيره شامل آهن. اهڙيون نراليون تاريخي خاصيتون رکندڙ خطي (سنڌ) اندر 1970ع واري ڏهاڪي کان جدوجهد هلندڙ آهي پر جن ڏينهن ۾ ان تحريڪ زور ورتو ۽ وسيع تر عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي تڏهن عالمي سوشلسٽ تحريڪ اندران ئي اندران ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ 1989ع ڌاري ان جو مرڪزي اڏو سوويت يونين ٽٽي پيو. جنهن ڪري ان تحريڪ کي تمام وڏو ڌڪ لڳو. نتيجي طور پاڪستان جون اڪثر ”سُرخ پارٽيون ۽ سربراهہ“ توبهہ تائب ڪري پيجي وجي پنهنجي ”آخرت“ سنوارڻ جي ڪم سان لڳي ويا. پر ان عالمي انقلابي عمل جي ڪمزور هجڻ ۽ ڪٿي ڪٿي زوال پذير هجڻ باوجود هتي اها تحريڪ، پنهنجين سمورين ڪمزورين سميت مسلسل هلندي رهي ۽ اجا تائين جاري آهي. ان جي ڪاميابيءَ جي باري ۾ تہ مستقبل ئي ٻڌائيندو.

بهرحال، انهن سوا سو سالن جي تاريخ ۾ سوويت يونين وارو ماڊل تہ ڊهي پيو، چين پڻ پنهنجو رستو ڦيرائي ڇڏيو آهي، ويٽنام اهو ٻُوٽو نہ ٻاري سگهيو، ڪوريا مڙئي ساهہ پيو کڻي، ڪيوبا پاڻ بچائڻ ۾

پورو آهي. ته پوءِ ڇا اهي ٽراٽسڪي جهڙا ”مفڪر ۽ انقلابي“ درست هئا ته ڪنهن هڪ ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ بدران هڪ ئي وقت گهڻن ملڪن ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪجي ها؟ ڇا سوويت يونين جهڙي پٺتي پيل ملڪ بدران بهتر ٿئي ها ته جرمنيءَ (جيڪو روس کان وڏيڪ سڌريل ملڪ هو) ۾ انقلاب جي ڪوشش ڪجي ها؟ ڇا چين جهڙي نيم ڪالونيل ۽ نيم جاگيردار مُلڪ ۾ انقلاب نه آڻڻ گهرجي ها؟ اهي سوال ايترا اهم ناهن جيترو اهم سوال هي آهي ته ايترن سارن ناڪام يا اڌورن سوشلسٽ تجربن جي باوجود ڇا مستقبل جي ڪنهن ماڊل جي ڪاميابيءَ جي ضمانت ڏئي سگهجي ٿي؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ ان ڏانهن ڪهڙو گس وٺي ويندو ۽ ان جو نمونو (ماڊل) ڪهڙو هوندو؟ ان سوال جا ٻه جواب آهن، هڪ ته مارڪس ۽ لينن اڳيان ڪوبه ڪامياب ماڊل نه هو پر يورپي جمهوري انقلاب ۽ پئرس ڪميون جهڙا ناڪام تجربا هئا پر انهن سوشلسٽ ماڊل ناهي ڏيکارڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ لينن ان کي سچ ثابت ڪري ڏيکاريو.

ٻيو جواب آهي ته ها اهڙو ماڊل ٺاهي سگهجي ٿو؟ پر ان کان اڳ سوشلزم جي متبادل واٽ هجڻ جي دعويدار سرمائيداري جي ڪردار کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

# سرمائيداري بمقابلہ سوشلزم

مارڪس لکيو تہ ”انقلاب، ترت دردناڪ ۽ ڪل جهڙن ڪارنامن جي حاصلات سان نہ پر هڪ طاقتور جوابي_انقلاب سان ترقي ڪري ٿو. متحد مخالف (دشمن) سان ويڙهہ ۾ ئي حقيقي انقلابي پارٽي پچي راس ٿئي ٿي.“[18]

جيئن تہ هي ويڙهہ سماجي نظامن جي ويڙهہ آهي تنهنڪري اهو گهٽ ۾ گهٽ صدين جو سفر آهي تنهنڪري ان ۾ نہ صرف ڪجهہ پر ڪيترين ئي ناڪاميون ٿي سگهن ٿيون، جيڪي ان وڏي، سماجي نظام بدلائڻ واري جنگ، جون مختلف لڙائيون ۽ مهمون، ۽ جنگ جا مختلف مرحلا ٿي سگهن ٿا. پر ان جي باوجود ان سموري لقاءِ کي مجموعي طور تي ڏسجي تہ ڪهڙي سماجي نظام کي ڪيتري ڪاميابي ملي ۽ ڪيتري شڪست؟ ۽ ڪهڙو سماجي نظام هن وقت ڪهڙي ڏاڪي تي بيٺو آهي؟

سرمائيداري ۽ سوشلزم جي وچ ۾ ٿيل ويڙهہ ڪمزور ۽ طاقتور جي وچ ۾ هلندڙ جنگ آهي. جنهن ۾ سرمائيداري جي حيثيت طاقتور رهي آهي چاڪاڻ تہ ان جي تاريخ 500 سال پراڻي آهي تنهنڪري ان وٽ 500 سالن جو تجربو آهي، ۽ ان سان گڏ هزارين سالن جي طبقاتي نظام جو گهريون پاڙيون پڻ ان کي ٽيڪو ڏيندڙ رهيون آهن، جڏهن تہ سوشلزم جي عملي تاريخ اٽڪل 100 سال پراڻي آهي. ٻيو تہ سرمائيداريءَ وٽ دنيا جا ترقي يافتہ ۽ طاقتور ملڪ موجود رهيا آهن، جڏهن تہ سوشلزم وٽ ابتدا ۾ پنهنجي پيل ملڪ هئا جن تمام ٿوري عرصي ۾ طاقتور حيثيت حاصل ڪئي. ان حوالي سان سموري جنگ ۽ جدل جو مجموعي طور تي جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ گذريل ڏيڍ صدي جي ويڙهہ ۾ مجموعي طور تي سماجوادي ڏاڍين وڏيڪ ڪاميابيون ماڻيون آهن ۽ سرمائيدار (سامراجي نظام) وڏيڪ شڪستون پوڳيون آهن. مثال طور اڄ کان ڇهہ ست ڏهاڪا اڳ پوري دنيا سڄي ريت ڪجهہ عالمي سامراجي قوتن (برطانيہ، فرانس، جرمني، اٽلي، جاپان، ۽ آمريڪا) جي غلامي ۽ قبضي هيٺ هئي، مطلب تہ

عالمي سامراج جي وڏي ۾ وڏي شڪست اها ٿي اهو سڌي عالمي بالادستي جي محاذ کان ڦري مخصوص دائرن تائين محدود ٿي ويو، جيڪا عالمي سامراج جي شڪست هئي ۽ ٻئي طرف دنيا جي نقشي تي ڪيترائي نوان آزاد ملڪ نمودار ٿيا جيڪا سوشلسٽ قوتن جي فتح هئي.

سامراجي قوتون اڄ ڏينهن تائين انهن ڪسيل سندن مقبوضہ علائقن تي ٻيهر قبضي ڪرڻ جي همت ناهن ڪري سگهيون. چين، ويٽنام، ڪوريا، ڪمبوڊيا، ڪيوبا وغيره ڪي مڪمل شڪست نہ ڏئي سگهيا ۽ پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيا جيئن تہ اڳرائي سامراجي قوتن طرفان ڪئي وئي هئي تنهنڪري ان عمل کي انهن (سامراجين) جي شڪست چئبو.

رهيو سوال ٽرين جي ترقي جي ڏاڪي يا مرحلي جو تہ يورپ هن وقت جنهن منزل تي پهتو آهي ان سرمائيداراڻي ترقي يافتہ منزل تي پهچڻ ۾ ان کي گهٽ ۾ گهٽ پنج سوءِ سالن جي عرصي جو سفر طئي ڪرڻو پيو آهي. ان سموري سفر جو داستان سرمائيداري نظام طرفان نئين سجاڳي، اصلاح پسندي، قومي ۽ جمهوري جدوجهدن، جنگين ۽ انقلابن وغيره سان ڀريل آهي. جنهن ۾ ڪروڙين انسانن قربانيون ڏنيون ۽ ڪروڙين انسان سرمائيدارن جي جنگين جو ڪاچ بڻيا. مطلب تہ يورپ (1) پنج سو سال سفر ۽ (2) ڪروڙين انسانن جي قتل عام ڪانپوءِ ان ڏاڪي تي پهتو آهي. جڏهن تہ ان جي بلڪل ابتڙ سوشلسٽ ٽريون (روس، چين وغيره) جن کي ناڪام سڏيو وڃي ٿو انهن سرمائيداري واري ڏاڪي جي ترقيءَ جي مرحلي تائين پهچڻ ۾ 25 کان 30 سالن جو عرصو لڳايو. جيڪو سماجي تاريخي عمل جي عام قانونن موجب ڪنهن "معجزي" کان گهٽ ناهي (جيڪو مارڪسزم جي سائنس تي آڌاريل آهي.) جاڪاڻ تہ يورپ پنهنجو تاريخي سفر ڏاڪي بہ ڏاڪي مرحليوار طئي ڪيو آهي (ڪٿي ڪٿي ڪنهن استثنا ڪانسواءِ يعني ترتيبوار غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري وغيره). نہ صرف ايترو پر يورپ اندر فڪري آزادي لاءِ يورپ جا فلسفي (ڊيڪارٽ، نطشي، ڪانٽ، روسو، والٽيئر، هيگل، فيوئر باخ وغيره)، سائنسدان (برونو، ڊارون، نيوٽن، آئن اسٽائين، گليلو وغيره)، مفڪر (رابرٽ اون، ٿامس مور، ٽالسٽاءِ، سينٽ سائمن، ايڊم سمٿ، رڪارڊو)، اديب، دانشور، فنڪار، مصور (مائيڪل اينجلو

وغيره) شاعر (شيڪسپيئر) ويڙهه ڪري چڪا هئا، ان سان گڏوگڏ يورپ اندر قومي سوال تي ويڙهه جو تاريخي فرض اتان جي سرمائيدار سرانجام ڏنو، جمهوري سوال تي پڻ يورپي سرمائيدار وڏيون لڙائيون ڪري چڪو هو. جڏهن تہ روس (هڪ حد تائين)، چين ۽ ويتنام جهڙا ملڪ پنهنجو سفر يورپ جي تاريخي سماجي واڌاري واري مرحليوار سلسلي وانگر طئي نہ ڪري آيا هئا. اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ تاريخي طور تي ڪمزور قوتون مختصر عرصي ۾ (ترقيءَ جي غيرسرمائيداراڻي واٽ وسيلي) تمام وڏو پند اڪاري اچن ٿيون جيڪو طويل تاريخ رکندڙ ۽ مضبوط سامراجي نظام جي سفر ڪي شڪست ڏيڻ برابر هو. مثال طور هڪڙو ماڻهو جيڪا تعليم ڏهن سالن ۾ حاصل ڪري ۽ ٻيو ماڻهو اوتري ئي تعليم ڏهن مهينن ۾ حاصل ڪري، هڪڙو ماڻهو 20 ڪلاڪ ڊوڙڻ ڪانپوءِ جتي پهچي اتي ئي ٻيو ماڻهو ڪلاڪ ڪن ۾ پهچي (جيتوڻيڪ ٻئي ماڻهو کي پهرين ماڻهو کان اجان بہ اڳتي وڃڻ کپندو هو پر ان باوجود ان منزل تي پهچڻ ڪنهن بہ حوالي کان بهتر ڪاميابيءَ کان گهٽ ناهي) تہ ڇا اها ڪاميابي ناهي؟ بلڪل وڏي ڪاميابي آهي.

ان ڳالهہ سمجهڻ ڪانپوءِ سوال تو پيدا ٿئي تہ ڇا سرمائيداريءَ جي پنج سو سالا جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ڪيل سرمائيدار جمهوري ماڊل ڪامياب ويو آهي؟

### تاريخ جو خاتمو، تهذيبن جو ٽڪراءَ يا بنياد پرستن ۾ ٽڪراءُ؟

سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ آمريڪي سلطنت پنهنجي رياستي دانشورن ذريعي شاندار مستقبل متعلق بحث شروع ڪري ڇڏيا. جن طرفان پنهنجي نظرياتي فتح کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب مارڪيٽ ۾ پيش ڪيا ويا، ”تاريخ جي خاتمي“ ”تهذيبن جي ٽڪراءَ“ ”لبرل ازم“ ”مذهبي دهشتگردي خلاف جنگ“ جهڙا ڪوڙا نظريا متعارف ڪرايا. انهيءَ سلسلي جي ڪڙي طور پهرين ڪوشش 1989ع ۾ فرانسس فوڪوياما (جيڪو آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو ملازم هو) جي مضمون ”تاريخ جو خاتمو“ (End of History) سان شروعاتي بحث ڇيڙي ڪئي وئي.

هيگل ۽ ڪوجيو جي لکڻين کان متاثر ٿيل فوڪوياما ٻين عالمي جنگ ۾ فاشزم جي شڪست ۽ چاليهه سال بعد سوويت يونين جي ڊهڻ کي جواز بڻائيندي لبرل جمهوريت جي فتح کي نظرياتي ارتقا جي انتها يا خاتمو قرار ڏنو. ليڪ موجب، چاڪاڻ ته هيئنر ٻئي پاسي يا ڪيڏانهن به وڃڻ جو ڪو به متبادل رستو ناهي بچيو. قومپرستي ۽ بنياد پرستي مرده ماضي جا نشان آهن. جڏهن ته آزاد جمهوريت صرف مغربي دنيا تائين محدود ناهي پر ڏکڻ ڪوريا، تائيوان ۽ جاپان ۾ ڪنهن حد تائين لاڳو آهي. لبرل جمهوريت جيڪا سرمايه داري دور جي ڪاميابي جي انتها آهي، ان جي هوندي ڪجهه جهيڙا ۽ فساد جاري رهندا، پر اُهي ايترا طاقتور ۽ بااثر نه هوندا جو لبرل تسلط کي نقصان پهچائي سگهن.

فوڪوياما چوي ٿو ته اسان تاريخ جي خاتمي جو نظارو ڏسي رهيا آهيون. جيڪو بني نوع انسان جي نظرياتي ارتقا ۽ انساني حڪمراني جي آخري شڪل طور مغربي لبرل جمهوريت جي آفاقيت جو نقطه عروج آهي. صاحب موصوف وڌيڪ لکي ٿو ته ممڪن آهي ته ٽين دنيا ۾ ڪجهه تڪرار ٿين. بهرحال، عالمي جهيڙو ختم ٿي چڪو آهي، صرف غيرمغربي دنيا ۾ وڏيون تبديليون ظاهر ٿينديون. چين ۽ سوويت يونين جي نظرين جي جنگ پنهنجي خاتمي تي آهي. مستقبل نظرين جي حوالي سان ڪشمڪش لاءِ نه پر دنياوي معاشي ۽ ٽيڪنيڪي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مخصوص هوندو. (بهرحال، ليڪ خود مايوسي سان نتيجو ڪڍي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه بيزار ڪري ڇڏڻ جهڙو هوندو.) فوڪوياما لکي ٿو ته خدا جو شڪر آهي ته هاڻي اسان جنگ جو مطالعو نه ڪنداسين ڇاڪاڻ ته جنگ ئي ختم ٿي وئي آهي."[19]

حقيقت ۾، سموري انساني تاريخ ۾ ڪو به سماجي اقتصادي نظام هميشه لاءِ پاڻ کي مستحڪم ۽ مضبوط بڻائي نه سگهيو آهي. سرمائيدارن جا نظرياتي نمائندا جيڪي تاريخ جي خاتمي جي دعوىٰ ڪندا رهيا آهن اهي شايد اهو وساري ويهن ٿا ته ايتريقدر جو سرمائيداري نظام جنهن کي مضبوط ۽ مستحڪم ٿيڻ لاءِ جاگيرداريءَ جو مڪمل خاتمو آڻڻو هو سو به پنهنجي پنج سو سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ به جاگيرداريءَ خلاف ويڙهه ۾ سوڀ نه ماڻي سگهيو آهي.

لبرل جمهوريت بابت ”ابدي ۽ ناقابل شڪست نظام“ جي دعوا ڪندڙ شايد اها ڳالهہ وساري ويهن ٿا تہ انساني تاريخ جي سموري سفر دوران جمهوريت جا ڪيترائي ماڊل (نمونا) وجود ۾ آيا جن مان ڪيترائي ناڪام بہ ٿيا ۽ پاڻ ۾ تبديليون آڻيندا رهيا، ڪڏهن امراءِ جي جمهوريت هئي جنهن ۾ غلامن جي نمائندگي ڪي ڏوهہ سمجهيو ويندو هو، تہ ڪڏهن وري اها جاگيردار جمهوريت هئي جنهن جو نمونو ٿين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ هن وقت بہ موجود آهي پر ساڳئي وقت پنهنجو پاڻ کي جمهوريت جو ابو سمجهندڙ برطانيہ ۾ بہ اڄ تائين هائوس آف لارڊز جي شڪل ۾ جاگيردار جمهوريت تمام گهريون پاڙون رکي ٿي ۽ ائين وري سرمائيداري جي اچڻ سان سرمائيدار جمهوريت جي تصور جنم ورتو. ان سرمائيدار آزاد جمهوريت ۽ غلامداريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ غلاميءَ داري واري زماني ۾ غلامن کي ووٽ ڏيڻ جو حق نہ هوندو هو ۽ هيئنر عام شهري کي ووٽ جو حق مليل آهي پر چونڊ ان جي ناهي. ڇاڪاڻ تہ آپشن ۾ اميدوار اڪثر سرمائيدار، دهشتگرد، جاگيردار، سردار، پوتار، رشوت خور ۽ مشهور ڏوهاري هجن ٿا جن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي هوندي آهي تہ جيئن اُهو اميدوار چونڊجي ايندڙ پنج سالن تائين غريب ووٽرن سان ظلم ڪري سگهي. غلامداري جي ڏينهن ۾ انسانن کي خريد ڪري هڪبئي سان ويڙهايو ويندو هو ۽ هاڻي رانديگر پاڻ کي نيلام ڪرائي مالڪ جي چوڻ تي ”آزاد“ راند ڪيڏن ٿا.

جمهوريت جو علمبردار آمريڪا جنهن خود دهشتگردن کي جنم ڏنو، اُهو پنهنجي آمريت کي مڙهڻ لاءِ پناما، چلي، يوگوسلاويا، ڪانگو ۽ روانڊا وغيرهہ ۾ ”آزادي، جمهوريت ۽ امن“ جي نالي ۾ حقيقت ۾ ”ڦرلٽ ڪرڻ جي آزادي“ واري نعري تي عمل ڪندو رهيو آهي ۽ هن وقت بہ عراق ۽ افغانستان ۾ اتان جي عوام جو رت وهائي رهيو آهي پر ان کي نالو ڏنو اٿن تہ ”جمهوريت پيا آڻيون“ ۽ ”دهشتگردن جو راڄ ختم پيا ڪريون“ لينن لکيو آهي تہ ”سرمائيداري معاشري ۾ جمهوريت هميشہ اقليت (اميرن) لاءِ جمهوريت هوندي آهي.“[20] اها ڳالهہ نہ وسارڻ کپي تہ استحصالي سرمائيداري نظام جي هوندي بهترين کان بهترين جمهوري ريپبلڪ بہ سرمائي جي غلامي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي هوندي.

ساڳئي نظرياتي ويڙهہ کي جاري رکندي سامراج طرفان هڪ ٻيو ”قلم سان هٿياربند سپہ سالار“ ميدان ۾ نمودار ٿيو. 1993ع ۾ آمريڪي

پروفيسر ميسموئيل پي هنٽنگٽن (جيڪو ويٽنام ۾ آمريڪي صدر جانسن جي انتظاميه ۾ بغاوت مخالف ماهر طور ڪم ڪندو هو.) هن "تهذيبن جي ٽڪراءُ" (Clash of Civilizations) نالي ڪتاب لکيو. ان ڪتاب جي ايتري پرچار ڪئي وئي جو عام ماڻهو ان کي سچ سمجهڻ شروع ڪيو. ڪتاب ۾ پروفيسر هنٽنگٽن چوي ٿو ته ڪميونزم جي شڪست، توڙي جو هڪ نظرياتي جهيڙي جو خاتمو، هئي پر اها تاريخ جي خاتمي کي ظاهر نٿي ڪري. سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ واري دنيا جي ماڻهن جي وچ ۾ واضح تقسيم ۽ تفريق نظرياتي يا معاشي ناهي پر ثقافتي آهي، عالمي سياست هاڻي ثقافتي بنيادن تي نئين سر جڙي رهي آهي."

هن صاحب ثقافتن جي فهرست کي اٺن نالن ۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ اولهه، ڪنفيوشس، جاپاني، اسلامي، هندو، آرٿوڊڪس، لاطيني آمريڪي ۽ شايد آفريڪي (چاڪاڻ ته صاحب موصوف کي شڪ آهي ته شايد آفريڪي ثقافت آهي ئي ڪانه) شامل آهن. پروفيسر هنٽنگٽن جو خيال آهي ته "دنيا ۾ ثقافتي حوالي سان وڏي ۾ وڏو فرق "اولهه ۽ باقي دنيا" (West and the Rest) جو آهي. چاڪاڻ ته مغرب وٽ ئي انفراديت پرستي، لبرل ازم، آئينيت پسندي، انساني حق، آزادي، برابري، قانون جي حڪمراني، جمهوريت ۽ آزاد مارڪيٽ جا قدر (Values) آهن، تنهنڪري اولهه کي فوجي طور بين مخالف تهذيبن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو. جنهن ۾ به تهذيبون اسلام ۽ ڪنفيوشس مغرب لاءِ وڏيڪ هاجيڪار آهن ۽ جيڪڏهن اهي متحد ٿي ويون ته پوءِ اهم تهذيب (مغربي تهذيب) لاءِ خطرو ثابت ٿينديون. مطلب ته هن ڪتاب جو مرڪزي خيال هي آهي ته ثقافت ۽ ثقافتي سڃاڻپ (جنهن ۾ مذهب اهم حيثيت رکي ٿو) جيڪا وسيع تر سطح تي تهذيبي تشخص هوندي آهي ۽ سرد جنگ ڪانپوءِ جي دنيا ۾ تعاون، دشمنين، ٽڪرائن ۽ جهيڙن جو وڏو سبب ثقافت رهي آهي." پروفيسر وڏيڪ لکي ٿو ته "انساني تاريخ تهذيبن جي تاريخ آهي، عالمي سياست جي مستقبل ۾ تهذيبن جي وچ ۾ جهيڙا ۽ تڪرار چانيل رهندا ۽ تهذيبي ٽڪراءُ عالمي امن لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي ۽ اهڙي طرح تهذيبن جي بنياد تي تشڪيل ڏنل بين الاقوامي نظام ئي جنگ کان بچاءُ جو واحد ذريعو آهي."[21]

موجوده دور ۾ ظاهري طور تي عالمي سياسي منظرنامي ۾ ٽڪراءُ سرمائيداريت ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ ۾ نظر اچي ٿو جيڪي حقيقت ۾ هڪ ٿي سڪي جا ٻہ پاسا آهن ڇاڪاڻ تہ عالمي سامراج سوشلزم کي شڪست ڏيڻ لاءِ هٿرادو طور مذهبي جنونيت کي پيدا ڪيو هو جيڪا هن وقت ڪٿي ڪٿي سندن ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي. پر ان سموري عالمي پيچ ڌاهہ ۾ ترقي پسند ڌرين جو ڪردار ايترو اهم ناهي يا اُنهن وٽ ايتري طاقت ئي ناهي؟ تہ پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا سرمائيداري واري واٽ وڃي؟

فوڪوياما ۽ پروفيسر هنٽنگٽن جي جواب ۾ ڪاٻي ڌر جي ليکڪ طارق علي (جيڪو اصل لاهور جو آهي پر اڄڪلهہ لنڊن ۾ رهي ٿو) ”بنياد پرستن جي ٽڪراءُ“ (Clash of Fundamentalists) جي عنوان سان 2002ع ۾ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ هن جي بحث جو گهڻو زور موجوده صورتحال ۽ ان جي پس منظر تي آهي. طارق علي لکي ٿو تہ موجوده دور جي فسادن ۽ لڙاين جو وڏي ۾ وڏو سبب سامراجيت آهي ۽ ٻيا اڪثر مسئلا سامراجي اقتصاديات پرستن طرفان اختيار ڪيل حڪمت عملين ۽ پاليسين جو نتيجو آهن. پروفيسر هنٽنگٽن تي بحث ڪندي طارق علي چوي ٿو تہ تهذيبن جي ٽڪراءِ وارو سادو پر سياسي طور معقول تجزيو پيش ڪري آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي پاليسي جوڙيندڙن ۽ نظريہ دانن لاءِ هڪ انتهائي ڪارآمد دڳ مهيا ڪري ڏنو آهي. جنهن ۾ اسلام کي وڏيڪ خطرناڪ ڏيکاريو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ دنيا جي تيل جو وڏو حصو ايران، عراق ۽ سعودي عرب ۾ آهي. نتيجي طور آمريڪا (جيڪو دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي جمهوريت جو علمبردار سڏائي ٿو) سعودي عرب اندر بادشاهي نظام جو محافظ ٿيو بيٺو آهي تہ وري عراق ۾ بعث جهڙي تنظيم کي فروغ ڏئي صدام کي آندو هئائين (۽ پوءِ وري ان کي بہ ختم ڪيو ويو) ۽ مصر ۾ جمال عبدلناصر خلاف مسلم (اخوت) انڊونيشيا ۾ سوئڪارنو خلاف مسجومي Masjumi ۽ پاڪستان ۾ ڀٽي خلاف ضياءُ الحق (جماعت اسلامي) ۽ ٻئي پاسي سيڪيولر ڪميونسٽ نجيب الله خلاف طالبان ۽ اسامہ جهڙن فردن ۽ گروهن جي پٺڀرائي ڪئي. جڏهن نجيب کي يو اين (United Nations) جي عمارت مان گهلي قتل ڪيو ويو ۽ ڪيس

اگهاڙو ڪري سندس مخصوص عضوو ڪٽي وات ۾ وجهي عام ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ ٽنگيو ويو تڏهن ته ڪنهن به مغربي رهبر يا ليکڪ کا راءِ نه ڏني. تهذيبن جو ٽڪراءُ!!!" هنٽنگٽن جي اسلامي تهذيب متعلق ڏنل راءِ تي طارق علي وڏيڪ لکي ٿو ته "اول ڳالهه ته هزار سالن کان اسلامي دنيا هڪ ناهي رهي، سيگالين، چينن، انڊونيشن، عرب ۽ ڏکڻ ايشيائي مسلمانن جي وچ ۾ سماجي ۽ ثقافتي فرق ساڳين مٿين قومن جي غيرمسلمان ميمبر کان تمام گهڻو آهي. آمريڪي سامراج ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ ستر سالہ سرد جنگ دنيا جي سيني تهذيبن تي اثر ڇڏيا. ڪميونسٽ پارٽيون لوٿر جي جرمني ۾ ئي نه پر ڪنفيوشسي چين ۽ مسلمان انڊونيشيا ۾ نه رڳو وڏيون ويجهيون پر عوام ۾ وڏي مقبوليت پڻ ماڻي. اها حقيقت تهذيبن جي ٽڪراءَ واري ڪوڙي نظريي جي اصليت کي ظاهر ڪري ٿي."[22]

## ڇا سرمائيداري جي واٽ وڻڻ گهرجي؟

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته "اڄ جو سرمائيدار ڪالهه جي سرمائيدار جي ڀيٽ وڌيڪ بهتر ۽ ڀلائي وارو آهي ۽ بهتر اهو ٿيندو ته ان سرمائيدار کي ساڻ ڪٺي اڳتي وڌجي." "هاڻي سرمائيداري مارڪس جي دور واري پراڻي سرمائيداري ناهي رهي، اها تمام گهڻو بدلجي چڪي آهي." اها ڳالهه بلڪل درست آهي ته سرمائيداري بدلجي چڪي آهي ۽ اها مارڪس جي دور واري سرمائيداري ناهي رهي. بعد ۾ خود لينن ان کي "هڪ هنيءَ واري سرمائيداري" سڏيو.

پر ان سموري لقاءَ کي ماضي کان وڌيڪ حال سان ڀيٽڻ جي ضرورت آهي. اڄ کان پنجاهه سال اڳ سامراج سموري دنيا جي پنٽي پيل ملڪن ۾ سڌي ريت قبضا ڪري ڦرلٽ ڪئي. ان ظلم مظلوم کي سڌي ريت ڄاڻ ٿي ڏني ته ساڻس ڪير ڪير ظلم ڪري رهيا آهن. پر هن وقت دنيا سڪڙجي هڪ عالمي ڳوٺ بڻجي وئي آهي پر ڦرلٽ جا ذريعا، طريقا ۽ اوزار بدلجي ويا آهن. اڄ جو سامراج اڳ کان وڌيڪ هوشيار ۽ چالاڪ ٿي ويو آهي. آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج وسيلي جتي اربين کربين روپين جي ڏي وٺ ۽ ڦرلٽ جو ڪاروبار ٿئي ٿو اُتي پنٽي پيل علائقن جي وسيع تر عوام کي خبر ئي نٿي پئي ته اسانجي گيدي مان پيسا ڪيڏانهن پيا وڃن ۽ ڪير پيو

ڪڍي؟ عام غريب ماڻھو فقط سامھون نظر ايندڙ ڦورو کي ڏسي ٿو ان جي پس پرده ويٺل ان جي آقائن کي نٿو ڏسي.

مارڪس ۽ لينن جي دور جي هاري، مزدور، عوام جون ضرورتون، خواهشون ٻيون هيون ۽ اڄ (يعني جديد دور) جي ڀيٽ ۾ گهڻ شدت واريون هيون ۽ اڄ جو پورهيت ۽ پيڙهيل عوام وڌيڪ باشعور، منظم هجڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ ضرورتن ۽ خواهشن جي دٻاءَ هيٺ زندگي گهاري ٿو. جنهن جو اظهار ماڻھو مادي حوالي سان گهڻ پر نفسياتي ۽ جذباتي حوالي سان وڌيڪ ڪري ٿو. دنيا جي سموري آبادي جي ڀيٽ ۾ ضرور وڌيڪ خوشحال زندگي گهاريندڙن جو تعداد وڌيو آهي پر ساڳئي وقت ان بهتر زندگي گذاريندڙ فرد جي زندگي جا معيار ۽ ماپا پڻ بدلجي ويا آهن. هُو بہ پاڻ کي استحصال جو شڪار ٿيندي محسوس ڪن ٿا. اڄ کان پنجاھ سال اڳ عوام جي اڪثريت پنهنجو پاڻ کي عالمي سطح تي نہ پئي ڏٺو. اڄ جو انسان پنهنجو پاڻ کي عالمي انسان تصور ڪري ٿو تنهنڪري هُو پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي عالمي معيار سان ڀيٽ ڪري ٿو. سيٽلائيٽ، انٽرنيٽ، موبائل، ٽيليفون، ٽيليوزن، ڪار، جهاز سان گڏ کائڻ پيئڻ ۽ نوان لباس استعمال ڪرڻ جي ايڏي شديد ضرورت نہ هئي. اڄ جو سرمائيدار ڪربين رپيا مارڪيٽنگ ۽ اشتهاربازي تي خرچ ڪري ٿو ۽ 24 ڪلاڪ ٽيليوزن، اخبارن، ريڊين، انٽرنيٽ، پمفليٽن ۽ سائن بورڊن ذريعي عوام جي کيسي مان سندس ڪمائي کان وڌيڪ خرچ ڪرائي ان کي نين ”ضرورتن“ لاءِ اڪسائي ٿو. اڄڪلھ هڪ شاگرد گهڻ ۾ گهڻ 20 کان 23 سالن تائين مسلسل پڙهائي ڪانپوءِ ۽ زندگي جي ٻين سمورين رنگينين، خوبصورتين، خوشين ۽ خواهشن جي قرباني ڏيڻ، ۽ سماجي رشتن کان لاتعلق ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ان لائق بنجي ٿو تہ چڱو خاصو اجورو ڪمائي سگهي. فرد کي نہ گهر لاءِ وقت، نہ سياست لاءِ، نہ ادب، تاريخ ۽ فلسفو پڙهڻ لاءِ، نہ دوستن ۽ عزيزن سان ملڻ لاءِ ۽ نہ ئي سيروسياحت ۽ باذوق محفلن ۽ موسيقي لاءِ، مطلب تہ ڊگهي وانگر زندگي گذاري ٿو پر ان کان وڌيڪ هڪ مشين جي پرزي طور ڪم ڪري ٿو. چاڪاڻ تہ ڊگهو وري بہ ڪجھ نہ ڪجھ محسوس ڪري ٿو. ماڻھو مارڪس جي بقول ويڳاڻپ[23] جو شڪار ٿيندي پنهنجو وجود

وجائي ويئو آهي. انسان پنهنجي تخليقي عمل ۾ پنهنجي هجڻ جي احساس جا سچا پچا ذريعا وجائي ويئو آهي.

فرد جون خوشيون ۽ لطف سماج جي گڏيل محنت مان پيدا ٿين ٿا ۽ اسان پنهنجين خوشين جي ماپ ۽ معيار سماج کي آڏو رکي ڪريون ٿا، نه ڪي انهن شين ذريعي جيڪي اسان پنهنجو پاڻ کي مطمعن رکڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا. مارڪس موجب جيڪڏهن ڪاروبار بهتر ٿيندو ته ضرور اُجوري (پگهار) ۾ پنج سيڪڙو اضافو ٿيندو جڏهن ته ڪُل فائدو ٽيهه سيڪڙو وڌندو، مطلب ته جيڪڏهن اجوري جي ڀيٽ حاصل ٿيل ڪُل منافعي سان ڪجي ته ان جي ڀيٽ ۾ پگهارون وڌن نه پر گهٽجنديون رهن ٿيون. جيترو تيزي سان پيداواري سرمايو وڌي ٿو ساڳئي وقت اوترو ئي تيزي سان سرمائيدار ۽ مزدور جي وچ ۾ سماجي حيثيت ۾ به فرق اچي ٿو. سرمائي جي تمام تيزي سان واڌ جو مطلب ٿيو منافعي ۾ واڌ. جيتوڻيڪ پورهيت جيڪو ڪالهه تائين پنج رپين ۾ به يا ٽي شيون خريد ڪري سگهندو هو سو هاڻي چار ڪان پنج شيون خريد ڪري سگهندو پر ان هوندي به پورهيت جو اجورو سرمائيدار کي ملندڙ منافعي کان تمام گهٽ هوندو. پيداواري سرمائي ۾ تيزي سان آيل واڌ ساڳئي وقت دولت، عيش عشرت، سماجي ضرورتن ۽ سماجي تفريحن ۾ به واڌ آڻين ٿيون. اهڙي طرح جيتوڻيڪ پورهيت جي خوشين (Enjoyments) ۾ به واڌارو ٿئي ٿو پر سندس سماجي اطمينان سرمائيدار جي خوشين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ هيٺ ڪري ٿو چاڪاڻ ته شين جي انبار ۽ مارڪيٽنگ ذريعي پيدا ڪيل "نين ضرورتن ۽ خواهشن" (خوشين) جو پورائو ڪرڻ هڪ پورهيت جي پهچ کان ئي پري ٿي وڃي ٿو.

مارڪس جون ڏيڍ سو سال اڳ لکيل سٽن جو ڳر ۽ جوهر اڄ تائين قائم آهي. مارڪس لکيو ته "اُجوري جو وڌڻ مزدورن ۾ شاهوڪار ٿيڻ جي سرمائيدارانه وحشت پيدا ڪري (جنون) کي اڀاريندو، جنهن کي هي (مزدور) پنهنجي ذهن ۽ جسم جي قربانيءَ ذريعي ئي پورو ڪري سگهندا. هڪ ترقي يافته معاشري ۾ اُجوري جي وڌڻ سان سرمايي جو انبار پيدا ٿيندو، پورهئي جي هڪ طرفي ۽ ٻين تي دارومدار رکڻ واري (پورهئي جي) ورڇ نه فقط هڪ مزدور کي ٻئي مزدور سان پر خود مشين سان مقابلي ۾ آڻي بيهاريندي. نيٺ، سرمائي

جو انبار صنعت ۾ مزدورن جي تعداد کي وڌائيندو، ان ڪري تمام گهٽيون شيون ناهيون ويندون جيڪو عمل واڌو پيداوار ڏانهن وٺي ويندو ۽ واڌو پيداوار سبب طلب گهٽجي ويندي، پوءِ يا ته مزدورن کي بيروزگار ڪيو ويندو يا انهن جون اجرتون گهٽايون وينديون. هڪ ترقي يافته دولتمند معاشري جا اهي ئي نتيجا نڪرندا. زوال پذير معاشري ۾ مزدورن جون مصيبتون وڌنديون رهنديون، هڪ ترقي پذير معاشري ۾ مصيبتن سان گڏ پيچيدگيون به هونديون ۽ هڪ ترقي يافته معاشري ۾ جامد مصيبتون (Static misery) هونديون."[24]

## انساندات جو مستقبل ۽ انساني تهذيب خطري هيٺ

مارڪس 1843ع ۾ لکيو هو ته "تاريخ هاڻي پنهنجي صورت بدلائي عالمي تاريخ جو روپ اختيار ڪري رهي آهي." موجوده دور جي ٽيڪنالوجي سيٽلائيٽ، انٽرنيٽ، موبائل، ٽيليفون، ٽيليوزن، اخبارن، ٽرانسپورٽ ۽ جهاز فرد جي حيثيت ۽ وجود کي عالمي تاريخي وجود بڻائي ڇڏيو آهي جيڪو عالمي تاريخ سان ڳنڍيل آهي. (توڙي جو آفريڪا ۽ ايشيا جي ڪيترن علائقن جا ماڻهو انهن سهولتن کان وانجهيل ۽ محروم آهن.) هن جديد دور ۾ موجود مسئلا جيڪي اسان کان هزارين ميل پري واري علائقي ۾ ڪنهن بئي مذهب، نسل ۽ قوم کي درپيش هجن ٿا پوءِ اهي عراق ۾ هجن يا فلسطين ۾، ورلڊ ٽريڊ سينٽر جو ڪرڻ هجي، يا محمد صلعم جو ڪارٽون ڇپجڻ، يورپ جي نئين آئين جو معاملو هجي يا افغانستان ۾ ٿيندڙ قتل عام، ايراني ائٽمي نيوڪلئير پاور تي بحث هجي يا آمريڪي اليڪشن، مهاتير محمد جون ڳالهيون هجن يا حماس جي ڪاميابي، لبيا ۾ هلندڙ ويڙهه هجي يا عرب دنيا ۾ اٿندڙ عوامي بغاوتون هجن ۽ "وال اسٽريٽ تي قبضو ڪريو" جي تحريڪ سميت اهڙا بيا ڪيترائي ننڍا وڏا واقعا هجن موجوده دور جو باشعور انسان انهن سمورن مسئلن تي نه رڳو بحث ڪري ٿو ۽ سوچي ٿو ۽ سندن خوشين ۽ ڏکن کي محسوس ڪري ٿو پر ان تي ڪنهن حد تائين ردعمل پڻ ظاهر ڪري ٿو. هڪ طرف مختلف ۽ جدا جدا فردن جي سرگرمي ۾ آيل واڌاري سندن سرگرمي کي عالمي تاريخي سرگرمي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ بئي طرف فرد ڏينهون ڏينهن اڻ ڏٺين ۽ ڏارين (عالمي) طاقتن جو غلام ٿيندو پيو

وجي ۽ هڪ وڏي عالمي مارڪيٽ جي نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ ديوارن ۾ قيد ٿيندو پيو وڃي ۽ ويڳاڙپ جو شڪار ٿيندو پيو وڃي. هن مهل تائين جي پنج سو سالا سفر دوران سرمائيداري اربين انسانن کي بک، بدحالي، بيروزگاري، جنگين، جسماني ۽ نفسياتي بيمارين ذريعي پنهنجو ڪاچ ٻڌائيندي رهي آهي.

جيستائين سوويت يونين هئي تيستائين سرمائيدار دانهون ڪندا رهيا تہ ”ان جي هوندي دنيا ۾ امن نٿو ٿي سگهي ۽ اهي اسان کي تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا.“ تنهنڪري، سوويت يونين جي ڀڃ ٽيڻ تي سرمائيدار ڏرين طرفان دعوائ ڪئي وئي تہ ”هاڻي سڀ خير ٿي ويندو!“ ”سرمائيدار آزاد جمهوريت سڀ مسئلا حل ڪري ڇڏيندي!“ پر فقط گذريل ويهہ سالن جي تاريخ جو جائزو وٺي ڏسجي تہ سڀ خبر پئجي ويندي تہ خرابي سوويت يونين ۾ هئي يا خود سرمائيداري نظام ۾؟

آمريڪي جاسوس اداري سي آءِ جي جي 2003 فيڪٽ بوڪ رپورٽ موجب زمبابوي، ترڪي، نيپال، اسرائيل، انگولا، ارجنٽينا، آذربائيجان، بوسينا هرزگوينا، برازيل، چاڊ، چلي، ڪولمبيا، ڪانگو، اوڀر تيمور، گوئيٽمالا، انڊيا، انڊونيشيا، ڪينيا، لبنان، پاڪستان، فلپائين، روانڊا، سريلنڪا، تنزانيا، تيونس، يوگينڊا، يمن سميت اٽڪل 140 ملڪن ۽ قومن کي جمهوري ملڪ قرار ڏنو ويو آهي. انهن جمهوري ملڪن جي اقتصادي، سياسي، سماجي صورتحال بد کان بدترين آهي. پر ڪجهہ ملڪن ۾ تہ ڪوس گهر ٺهيل آهن. گوئٽيمالا حڪومت 1996 تائين اٽڪل ٻہ لک ماڻهن کي تشدد ڪري ماري ڇڏيو.[25] انڊونيشيا ۾ 1999ع تائين اٽڪل 33 سيڪڙو آبادي جو قتل عام ڪيو ويو جنهن دوران آمريڪا اٽڪل هڪ ارب، يارنهن ڪروڙ ڊالر جا هٿيار انڊونيشيا کي ڏنا جڏهن تہ فرانس، جرمني ۽ برطانيہ اٽڪل ٻہ ارب ڊالر جا هٿيار وڪرو ڪيا.[26] اسرائيل اٽڪل ساڍا نو لک فلسطينين کي 1948ع ۾ فلسطين مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ اٽڪل اسي سيڪڙو زمين تي قبضو ڪري ورتو. هن وقت اٽڪل اڍائي لک فلسطيني ”سيڪيورٽي زون“ ۾ رهن ٿا. اٽڪل 40 لک فلسطيني ٻين ملڪن ۾ دربدر آهن. اٽڪل 15 هزار فلسطيني بغير ڪنهن ڏوهہ جي نظربند آهن. ساڳئي طرح ترڪي ۾ بہ 2003ع تائين اٽڪل هزارين ڪردن جو قتل

عام ڪيو ويو ۽ اٽڪل ساڍا پنج لک ماڻهن کي زبردستي ڳوٺ خالي ڪرايا ويا. سريلنڪا ۾ اٽڪل 55 هزار تاملن کي ماريو ويو آهي. سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ اٽڪل 150 کان وڌيڪ جنگي آپريشنس ۽ ملڪي تڪرار ٿيا ۽ اقتدارن تي قبضا ڪري دهشتگرد حڪومتون ناهيون ويون. 1980 کان هن مهل تائين اٽڪل 15 لک معصوم ٻار سامراجي جنگين جو ڪاچ بڻيا آهن. خاص ڪري افغانستان، عراق، فلسطين، روانڊا، صوماليه ۽ ميڪسيڪو جا ماڻهو ان جو شڪار ٿيا. سوويت يونين جي ڍير ٿيڻ ڪانپوءِ سرمائيداري پنهنجو اصل پوائٽو چهرو ظاهر ڪندي هر ان شيءِ تي حملو ڪيو جيڪا گذريل ڏهاڪن جي سخت جدوجهد ڪانپوءِ حاصل ٿي هئي.

پر هيئنر به ڪروڙين انسان (خاص ڪري آفريڪا، ايشيا) سرمائيداري ۽ سامراجيت جي عذاب کي ڀوڳي رهيا آهن. هن وقت به لکين انسان بک، بيروزگاري، بيماري ۽ جنگن سبب مرن ٿا. لکين معصوم ٻارڙا پيدا ٿيڻ کان اڳ ۽ پوءِ بغير ڪنهن ڏوهه جي حياتيون وڃائين ٿا، لکين عورتون غلامن کان بدتر زندگي گهارين ٿيون، لکين عورتون جسم فروشي ۽ جسماني نمائش طور استعمال ٿين ٿيون، ڪروڙين انسان انگ اگهاڙا ڪري هلن ٿا، ڪروڙين انسان کليل آسمان هيٺ سسڪندي سسڪندي مڙئي زندگي جا ڏينهن پورا ڪن ٿا.

انهيءَ عالمي ڦرلٽ جي سرمائيداري نظام کي برقرار رکڻ لاءِ هن وقت به دنيا جي دولت جو وڏو حصو غيرپيداواري شين تي خرچ ڪيو پيو وڃي. مثال طور، پروپيگنڊا، هٿيار ۽ فوجون وغيره. انهن سمورين معاشي، سياسي، سماجي ۽ اخلاقي بچڙاين سان گڏوگڏ وڏو، عالمي ۽ تاريخي مسئلو ماحولياتي گدلاڻ آهي. سرمائيدار عالمي معيشت، مادي پيداوار ۽ کپت جي لڳاتار پکيڙ تي آڌار رکي ٿي جيڪا بنيادي طور تي آبهوائي ۽ ماحولياتي سرشتي جي گهرجن سان نهڪندڙ ناهي. هڪ اندازي موجب گذريل ڏهه لک سالن دوران هر هزار سالن جي عرصي ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار ۾ وڌ ۾ وڌ 30 پ پ م اضافو ٿيندو رهيو آهي. پر گذريل 17 سالن دوران وايومنڊل ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار (30 Parts Per Million, ppm) وڌيو آهي. ساڳئي ريت، عالمي ماحولياتي درجا حرارت (گرمي پد) ۾ پڻ جيترو اضافو

ٿيو آهي اهو سرمائيداريءَ کان اڳ ۾ ڏهه لک سالن دوران ٿيو هوندو.[27] انهن ئي ماحولياتي مسئلن جي ڪري ايشيا، آفريڪا، يورپ، آمريڪا ۽ آسٽريليا ۾ وڏي پيماني تي فصلن جي تباهي، ڏڪار ۽ ٻوڏون آيون آهن. ٻوٽن ۽ جانورن جو 15 کان 40 سيڪڙو مڪمل ختم ٿيڻ تي آهي. هن وقت مادي وسيلن جي تباهي ۽ ڌرتيءَ جي ماحولياتي سرشتي کي ايتري حد تائين گندو بڻايو ويو آهي جو آبهوائي سرشتو تباهيءَ جي ڪناري تي پهتو آهي ۽ انسانذات جو مستقبل ۽ انساني تهذيب پڻ خطري هيٺ آهن. جيمز هينسن، مشهور ماحولياتي سائنسدان، خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن عالمي گرمي پد جي موجوده سطح ۾ 2 کان 3 ڊگريون اضافو ٿيو ته اهو سمنڊ جي سطح ۾ اٽڪل 25 ميٽر واڌارو ڪندو، ڪجھ خطن ۾ عظيم ڏڪار ايندو ۽ آرڪٽڪ جي جميل برف کي رجائيندو جيڪو عمل 55 ملين سال اڳ ٿيو هو ۽ اٽڪل 90 سيڪڙو جاندار ڌرتيءَ تان ختم ٿي ويا هئا. ان ۾ وڏو مسئلو هي به آهي ته هڪ حد کانپوءِ عالمي گرمي پد انسانن جي ضابطي کان نڪري ويندو ۽ هڪ اهڙي ڳري تباهيءَ طرف وٺي ويندو جيڪا هن ڌرتيءَ تي موجود سمورن جاندارن کي ختم ڪري ڇڏيندي.

ڇا اهي آهن سرمائيدار جمهوري ماڊل جي ڪاميابي جون علامتون؟ ڇا انهن کي اعلىٰ مهذب سماج سڏي سگهجي ٿو؟ ڇا اهي آهن تاريخي معيار ۽ ماپا ڪنهن جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جا؟ ڇا ان کي بدبودار انسان دشمن سماجي نظام چئون يا ڪجھ ٻيو؟ تازو گذريل ٻن ڏهاڪن جي تاريخ جي مختصر سفر ثابت ڪيو آهي ته سرمائيداري واٽ تي هلندڙ ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن (افغانستان، عراق، پاڪستان، بنگلاديش، يوٽان، انڊيا، سريلنڪا وغيره) کي بُک، بدحالي ۽ جنگين کانسواءِ ڪجھ به نصيب نه ٿيو آهي. ڪجھ ڪميونسٽ پارٽين جي غلطين متان سوشلزم کي ناڪام بڻايو هجي پر سرمائيداريءَ ته انسانيت کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

ٻئي طرف انهن ٻن ڏهاڪن جي عرصي ۾ سوشلسٽ ملڪ به مسلسل عتاب هيٺ رهيا آهن. ڪيوبا سامراجي ناڪابنديءَ خلاف پنهنجي بچاءَ جي ويڙهه ڪري رهيو آهي، چين عالمي سامراجي دٻاءَ، پنهنجي پنتي پيل حالت ۽ وڏي آباديءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ

”اصلاحن ۽ ٻاهرين دنيا لاءِ در کولڻ“ جي پاليسي اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيو جنهن کي اُهي ”سوشلزم جو ابتدائي مرحلو“ سڏين ٿا. ساڳئي طرح، ويتنام ۽ منگوليا به ساڳين مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن، اتر ڪوريا تي ”هٿيارن تي ضابطي“ جي آڙ ۾ سڌو سامراجي دٻاءُ وڌو پيو وڃي. انهن ملڪن ۾ ڏينهون ڏينهن ڪاروبار خانگائڻ جو عمل جاري آهي ۽ اڳوڻيون سهولتون به ختم ڪيون پيون وڃن. ساڳئي وقت ڪيترن ملڪن جي عام چوندن ۾ ڪميونسٽ پارٽين کي وڏي اڪثريت حاصل ٿي آهي. ته پوءِ ڇا سوشلزم جي واٽ ونجي؟

## مارڪسي نظريي جي سچائي

اڄڪلهه دعويٰ ڪئي پئي وڃي ته جديد دور جي سائنس ڪيترن ئي جدلياتي اصولن کي شڪي بڻائي ڇڏيو آهي. اها دعويٰ پڻ نئين ناهي چاڪاڻ ته لينن جي حياتيءَ دوران طبعيات جي علم ۾ نيون کوجنائون ٿيون جن ذريعي ثابت ڪيو ويو ته ”ائٽم جا ذرڙا (اليڪٽران وغيره) ”غيرمادي“ (روحاني) وجود آهن مطلب ته ماديت جو بڻ بنياد ئي غلط!“ جنهن جي جواب ۾ لينن لکيو هو ته ”اهو فقط شين بابت انسان جي ڄاڻ جي گهرائي جي سطح جو اظهار ڪري ٿو، ۽ جڏهن ته ڪالهه تائين انساني ڄاڻ جي گهرائي ائٽم کان وڌيڪ نه هئي ۽ اڄ اُها اليڪٽران ۽ ايٿر جي حدن کان وڌيڪ ناهي، جدلياتي ماديت انسان جي ترقي پذير سائنس ذريعي فطرت جي انهن سمورن شاهڪارن بابت حاصل ٿيل ڄاڻ جي ٿلهي ليکي ڪردار، عارضي پڻي ۽ نسبت تي زور ڏيئي ٿي.“

”مادو غائب ٿي ويو“ ان جي معنيٰ آهي ته مادي جون اهي حدون جن جي اسانکي هن مهل تائين ڄاڻ هئي اهي گم ٿي رهيون آهن ۽ اسانجي ڄاڻ جيترو اونهائي ۾ وڃي ٿي، تيئن تيئن معلوم ٿئي ته مادي جون خاصيتون (مايو، انرشا ۽ ناقابل گهٽڻ وغيره)، جيڪي اڳ ۾ حتمي، ناقابل تبديل ۽ بنيادي لڳنديون هيون سي هاڻي مادي جي فقط مخصوص حالتن جي خاصيت ۽ ان جي نسبت کي ظاهر ڪن ٿيون. جڏهن ته ماديت واري فلسفي ۾ مادي جي خاصيت ان جي معروضي حقيقت واري خاصيت جو هجڻ آهي جيڪا انساني دماغ کان ٻاهر وجود رکي ٿي.“[28]

ائين ناهي ته جيڪي حقيقتون هيئنر نامعلوم (Not-known) آهن اُهي ڪڏهن به (Unknowable) ڄاڻي نٿيون سگهجن. اڄ جي نامعلوم شي

سياڻي معلوم ٿي ويندي هي ڄاڻ جي واڌاري جو جدلياتي عمل آهي. لينن جو اهو اصول نہ فقط موجوده دور جي ڪيترن شڪن ۽ سائنسي مفروضن تي پر مستقبل جي هر دور تي لاڳو ٿئي ٿو.

اڃو تہ بن گهڙين لاءِ ئي سهي پر اهو تصور ڪريون تہ ڪجهہ اصولن جي سچائي مشڪوڪ ٿي وئي آهي. پر ان ڳالهہ جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ جيڪي ڏٺا ۽ هوائي خبرون ٻيا پيا ڪن سي وري سچيون آهن! اهو ائين آهي تہ ميز تي گلاس پيو هجي ۽ پوءِ ڪو ماڻهو توهان کان پڇي تہ سامهون پيل شي (گلاس) ڇا آهي؟ ۽ جيڪڏهن توهان کي ان (گلاس) بابت ڄاڻ نہ هجي ۽ توهان ايمانداريءَ سان جواب ڏيو تہ ”مونکي خبر ناهي“ تہ پوءِ سوال پڇندڙ وراڻيس جيئن تہ توکي خبر ناهي تنهنڪري ”اها شي (گلاس نہ پر) ڪوپ آهي.“ تنهن تي لازمي طرح توهان چوندا تہ ”هلو مڃيوسين تہ اسانکي اها ڄاڻ نہ آهي تہ اها شي (گلاس) ڇا آهي پر ٻيلي اها خبر اٿئون تہ ”اهو ڪوپ ناهي.“ ڪنهن شي بابت ڄاڻ نہ هجڻ جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ اوهانکي جيڪي وڻن سي ڪوڙ هڻو. سموري انساني علم جو واڌارو اڻپوري ڄاڻ کان پوري ڄاڻ طرف وڌڻ جي سفر وانگر آهي.

جيڪي چون ٿا تہ مارڪس جون ڪيتريون ئي اڳڪٿيون غلط ثابت ٿيون. اها ڳالهہ درست آهي پر انهيءَ مارڪس جون ٻيون سوين اڳڪٿيون جيڪي سچ ثابت ٿيون ڇا انهن جي اهميت ناهي؟ جيڪڏهن ڪا پيشنگوئي غلط ثابت ٿي تہ ان جو ڍنڍورو پٽبو ۽ جيڪي ٻيون هزارين ڪاميابيون انهن ساڳين مارڪسي اصولن تحت حاصل ٿيون اهي ڪهڙي ڪاتي ۾ شامل ڪجن؟ هڪ حقيقت پسند هجڻ ناتي آءُ سمجهان ٿو تہ وڌيڪ اهميت انهن جي ئي آهي جيڪي عمل ۾ سچ ثابت ٿيون. مثال طور سرمائيداري جو چيد ڪري ان جي پنيان ڪارفرما قانونن کي ڳولي لڌو ۽ ان کي تاريخي طور تبديل ٿيندڙ هڪڙي سرشتي ۾ پيش ڪيو. پيداواري قوتن ۽ رشتن ۾ ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ انقلاب ايندا آهن، سماجي وجود سماجي شعور جو تعين ڪري ٿو، تاريخ جو اڏيندڙ انسان آهي، پيداواري صورت ئي پيداواري رشتن (سياست، قانون، اخلاق، فن، ادب ۽ مذهب وغيره) جي شڪل ناهي ٿي، جدلياتي ماديت جا قانون، تضاد ۽ ميلاپ، مقدار ۽ معيار ۽ نفي جي نفيءَ وغيره.

جيتوڻيڪ هر خيال پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ حالتن جو محتاج هجي ٿو پر جيڪڏهن حالتون اجازت نہ ڏين تہ ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ اهو خيال ئي غلط سمجهيو وڃي. مثال طور ڪنهن مريض کي اها معلومات هجي تہ سندس علاج ٻاهرين ملڪ ۾ فلاڻي ڊاڪٽر وٽان ٿي سگهي ٿو، پر ضروري ناهي تہ سندس درست ڄاڻ جي لاءِ حالتون (ٻاهر وڃڻ ۽ اچڻ جو خرچ وغيره) بہ ميسر هجن پر جيئن تہ حالتون ميسر ناهن تہ ان جو هرگز اهو مطلب نہ ٿيو تہ ٻاهر وڃڻ ۽ ان ڊاڪٽر وٽان علاج ڪرائڻ جو خيال ئي غلط آهي. اهو تہ آهي هڪ مريض جو مسئلو پر جڏهن قومن، طبقن ۽ عوام جي شڪست ۽ فتح جو معاملو هجي تڏهن پڻ انهيءَ سماج کي بدلائڻ جو درست نظريو تہ هجي ٿو پر جيڪڏهن معروضي حالتون سات نہ ڏين ۽ دشمن گهڻو طاقتور هجي تہ گهربل نتيجا حاصل نہ ڪري سگهبا آهن، تہ بہ ان جو اهو هرگز مطلب نہ سمجهڻ گهرجي تہ اهو نظريو غلط آهي.

يونان جنهن نظرياتي طور تي فلسفي، سائنس، تاريخ ۽ سياست کي آسمان جي بلندين تائين پهچايو هو پر يونان جي عقل، علم ۽ تجربي کي ان دور ۾ مڃتا نہ ملي ۽ هڪ هزار سالن تائين يورپ ان علم جي روشنيءَ کان وانجهيل رهيو جنهن کي ”اونداهو دور“ سڏيو وڃي ٿو. پر اهم ڳالهہ هي آهي تہ هڪ هزار سالن ڪانپوءِ وري يورپ يونان کي کولي پڙهيو ۽ ان جي تبليغ ڪئي جنهن کي نئين سجاڳيءَ جو دور سڏيو وڃي ٿو. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ اهو ضروري ناهي تہ ڪنهن نظريي، فڪر ۽ خيال جي سچائيءَ ان دور ۾ ئي ظاهر ٿئي يا ان دور جي عام سمجهہ (سماجي شعور) ان کي سچ سمجهي ڪيس تسليم ڪري. ضرورت فقط اها آهي تہ اهو نظريو ۽ خيال حقيقت جي عڪاسي ڪندڙ ۽ درست هجي ۽ ان کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ اهي گهربل حالتون هجن.

جيڪڏهن ڪنهن قوم، طبقي ۽ ملڪ جا مرض (1) پراڻا، (2) طاقتور ۽ (3) ڏکيا هجن ۽ جيڪڏهن اها قوم ۽ طبقو دشمن جي پيٽ ۾ تمام ڪمزور هجي تہ معاملو وڌيڪ پيچيده ٿي پوندو ۽ پيچيده مسئلن جو حل بہ پيچيدا ٿئي ٿو. طبقاتي سماجن اندر انهن پيچيده مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن کي بدلائڻ جي فن جا ماهر ڪجهہ فرد ٿين ٿا. پر قومي،

طبقاتي، جمهوري سوالن تي ٿيندڙ ويڙهه ۾ نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ يا ٻن اڳواڻن نه پر لکين ڪروڙين ماڻهن جي سڌي ۽ اڻسڌي شرڪت لازم هجي ٿي ان ڪري اهڙي جدوجهد جي سفر دوران ڪيترن ئي عام ماڻهن طرفان مختلف ذهني مونجهارن جو شڪار ٿيڻ پڻ اڻٽر آهي. جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو پنهنجي اڻپوري علم ۽ تجربي سبب تڪڙن، تيز، سادن ۽ سڌن نتيجن جي طلب ۽ توقع ڪن ٿا جڏهن ته جدوجهد ڏکهي، اڻانگي، وروڪڙن واري پيچيدا صورت ۾ هجي ٿي.

درست خيال، فڪر ۽ نظريي جي پرک نه ڪري سگهڻ جو مکيه سبب سماجي سائنس جي ترقي آڏو سرمائيدارن جون وڏل رڪاوٽون آهن. ان حوالي سان پروفيسر جي ڊي برنال (J. D. Bernal) لکيو ته "سماجي سائنسون (Social Sciences) انتهائي اڻپوريون ۽ سست رو رهيون آهن، ۽ اهو به شڪ ٿيندو آهي ته موجوده صورت ۾ موجود (سماجي) سائنسن (اقتصاديات، سياست، قانون، تاريخ، سماجيات وغيره) کي ڪيتري حد تائين سائنسون سڏي سگهجي ٿو." پروفيسر سماجي سائنسن جي پٺتي رهڻ جا مختلف سبب ٻڌائي ٿو ته طبعي ۽ حياتياتي سائنسن (Physical & Biological Sciences) جي ڀيٽ ۾ (1) سماجي سائنس جو مطالعو ڪندڙ انسان هوندو آهي ۽ ان مطالعي جو موضوع به خود انسان هوندو آهي مطلب ان جي موضوعي سوچ انهن نتيجن تي اثرانداز ٿيندي آهي. (2) طبعي ۽ حياتياتي شين جي ڀيٽ ۾ انسان وڌيڪ پيچيده جانور آهي، يعني ان کي سمجهڻ جو عمل پيچيده آهي. (3) سماج جي مسلسل تبديل ٿيندڙ حالت، مطلب ته ٻين سائنسن ۾ فطرت جي ورجاءُ جو هڪ نظام هجي ٿو جنهن مان اندازو لڳائڻ آسان هجي ٿو. (4) طبقاتي معاشري ۾ سماجي سائنس جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ ان مروج سماج مان فائدو حاصل ڪندڙ قوتون هونديون آهن جيڪي سماج کي جيئن جو تيئن برقرار رکڻ چاهينديون آهن ۽ ان ۾ تبديلي جو مطلب ٿيندو ته سندن فرمانبردار غلام کي "بگاڙڻ". پروفيسر وڌيڪ لکي ٿو ته سماجي سائنسون گهڻو ڪري مروج نظام جون مددگار هجن ٿيون ۽ جڏهن سماج ۾ ڪي وڏيون اٿلون پٿلون اچن ٿيون تڏهن اهي (سائنسون) به انهن سان گڏ بدلجن ٿيون." "سماج جي سائنس (Science of Society) کي تخليق ڪرڻ جو وڏو ڪارنامو

مارڪس ۽ اينگلس سرانجام ڏنو."[29] "ڪجھ ماڻھو چون ٿا تہ سماجي سائنس ۾ تجربو ڪرڻ ناممڪن آھي! پر حقيقت ۾، اھڙن تجربن ۽ مشاھدن ڪي سماجي سائنس نٿي روڪي پر ڪا ٻي شي آھي جنھن جو اھا مطالعو ڪري ٿي. سرمائيداري ھيٺ خسيس سماجي تجربا ڪري سگھجن ٿا. ذاتي ملڪيت، مفاد پرستي ۽ منافعو وڏن تجربن ڪرڻ آڏو وڏيون رڪاوٽون آھن. جڏھن تہ سوشلسٽ ملڪن ۾ وڏي سطح جا سماجي تجربا ڪري سگھجن ٿا."[30]

## ناڪام سوشلسٽ نمونا (ماڊلز)؟

رھيو سوال سوشلسٽ نظامن جي ناڪامي جو تہ ان ڪي سمجھڻ ايترو ڏکيو ناھي. سائنس ۾ پينڊوليم افيڪٽ نالي ھڪ سائنسي اصول ٿيندو آھي جنھن مطابق ڪو عمل ھڪ نقطي (الف) کان ٻئي نقطي (ب) ۽ پوءِ ٽئين نقطي (ت) تائين پھچي وري واپس نقطي (ب) تي موٽي اچي ٿو. (مطلب تہ ڪو عمل ابتدا کان زوُن ڪري اڳتي نڪري انتھا تائين پھچي ٿو عارضي طور جھل نہ ڏيندو ۽ وري تيزي سان ساڳئي ھنڌ موٽي بہ ايندو ۽ وري موٽي وچ تي بيھي ٿو.) ان عمل کي جدلياتي ماديت جي نفي جي نفي واري قانون جي مدد سان بھتر نموني سمجھي سگھجي ٿو. جيئن ھر ڪم ۽ خيال ابتدائي طور تي ڪمزور ھوندو آھي جيسيتائين اھو پختي ۽ پڪل صورت وٺي تيستائين اھو پنھنجي اٽپوري صورت ۾ مڪمل فائدا نٿو ڏئي ۽ ساڳئي وقت ڪنھن بہ خيال تي عمل ڪرڻ دوران ان ۾ ڪيترا نوان پاسا ظاھر ٿين ٿا جن جو اڳواٽ تصور ڪرڻ ناممڪن ھجي ٿو ۽ ان عمل دوران ئي ان کي بھتر ڪندو رھجي ٿو ۽ ڪيتريون ئي غلطيون بہ ٿين ٿيون. (مثال طور، ٻولي سکڻ، ڊرائيونگ ڪرڻ، راند کيڏڻ، ڳالھائڻ، لکڻ، ڪاروبار ڪرڻ، کان ويندي سياست ۽ جنگ تائين اھو عمل جاري و ساري ھجي ٿو.) ساڳيو اصول سماجي نظامن جي ويڙھ تي بہ لاڳو ٿئي ٿو. مثال طور غلام داري نظام پنھنجي طاقت ۾ مست ٿي پنھنجي گنجائش کان وڌيڪ غلامن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيو، ساڳئي ريت جاگيرداري بہ ڪيو تنھن کانپوءِ سرمائيداري بہ (پنھنجي گنجائش کان وڌيڪ) ساڳيو رستو اختيار ڪيو ۽ نتيجي طور ڪيترين ئي ننڍين وڏين جنگين سان گڏ پھرين ۽ ٻي عالمي جنگ بہ ڪئي ۽

ايٽمي هٿيار بہ استعمال ڪيا. پر سموري جنگ ۾ فتح باوجود، الٽو، برطانيہ ۽ فرانس جي سلطنتن کي شڪست ملي. ڇاڪاڻ تہ جنگ کان اڳ برطانيہ ۽ فرانس جون عظيم سلطنتون هيون جيڪي شڪستون کائي ڪائي صرف پنهنجن محدود ملڪي سرحدن تائين وڃي بچيون. هٽلر پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ علائقن تي قبضو ڪيو ۽ شڪست کاڌائين، چنگيزخان، نيپولين، سڪندراعظم، عربن جون فتحون ۽ چين خلاف جاپاني سامراجين جو بہ ساڳيو حشر ٿيو.

سرمائيدار قوتن سوشلسٽ بلاڪ کي شڪست ڏيڻ لاءِ (پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ) انڌاڌند انتهاپسندن، دهشتگردن، فاشسٽن ۽ نسل پرستن کي جنم ڏنو پر سوشلسٽ بلاڪ جي ٽٽڻ کانپوءِ اهي سموريون انتهاپسند قوتون سندس ڳچي ۾ پيون. مطلب تہ ڪابہ ڌر جيڪڏهن پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ ڪجهہ ڪندي تہ اها ناڪامي جو منهن ڏسندي.

ساڳئي ريت انسان دوست نئين سماجي نظام سان بہ ائين ئي ٿيو مثال طور پيرس ڪميون مزدور انقلاب جو پهريون تجربو هو جيڪو ناڪام ٿيو، تنهن کانپوءِ روس ۾ آڪٽوبر انقلاب آيو، جنهن لاءِ ان وقت روس ۾ حالتون مڪمل طور تي تيار نہ هيون. نتيجي طور، بالشوڪن پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ ڪم ڪيو ۽ هر سال جشن پئي ملهايائون تہ ”اجا بچي ويا آهيون“ اهو معاملو اتي ختم نہ ٿيو پر سامراجي قوتن جي ويڙهہ ۽ بين الاقوامي انقلاب جي گهرجن سوويت يونين کي پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ اڳتي نڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ سوويت يونين ڊير تي پئي ۽ ڪئي وئي. جيڪا هڪ ناڪامي هئي. پر لينن اڳ ۾ ئي خبردار ڪري چڪو هو تہ ”1917 جي مخصوص، تاريخي طور تي تمام خاص حالتن ۾ روس لاءِ سوشلسٽ انقلاب جي شروعات ڪرڻ آسان هئي، پر يورپي ملڪن جي ڀيٽ ۾ روس لاءِ انقلاب کي جاري رکڻ ۽ ان کي توڙ تائين پڄائڻ وڌيڪ ڏکيو ٿيندو.“[31]

جيڪڏهن تاريخي تناظر ۾ سرمائيداري ۽ سوشلزم جي ڀيٽ ڪندي ڏسجي تہ جتي سوويت يونين ڊير ٿيو اتي پهچڻ پڻ ان لاءِ وڏي ڪاميابي هئي. مطلب تہ نفي جي نفي قانون مطابق ڪنهن عمل جو ساڳئي پوئين نقطي تي واپس اچڻ بہ هڪ واڌارو ئي آهي.

جيئن تہ روس آڏو ڪو جٽادار سوشلسٽ ماڊل موجود نہ هو، پئرس ڪميون ٿورڙي مدت رهيو، پر روس جي پيٽ ۾ چين جي سامهون روس جي صورت ۾ جٽادار ۽ مضبوط سوشلسٽ ماڊل موجود هو. جنهن مان چيني گهڻو ڪجھ سکيا تنهنڪري هنن "سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ" واري پاليسي تي عمل ڪيو.

بهرحال، چين سميت سموري بين الاقوامي پورهيت انقلابي تحريڪ جي پٺتي هٽڻ واري عمل ڪي جنگ ۾ پٺتي هٽڻ واري عمل طور ڏسي سگهجي ٿو، پٺتي هٽجي تہ جيئن ٻيهر قوت سان اڳتي وڌي سگهجي يا عارضي طور ساهي پٽجي يا دشمن جي غلطين ۽ ٽڪجڻ جو انتظار ڪجي. مثال طور لينن طرفان NEP نئين اقتصادي پاليسي جو اعلان ۽ بريسٽ معاهدو، نيپولين خلاف جنگ ۾ ۽ هٽلر خلاف ٻي عالمي جنگ ۾ روس جو پٺتي هٽڻ، جاپان خلاف جنگ دوران چيني فوج جو پٺتي هٽڻ وغيره.

# مستقبل ماضيءَ مان ئي ڦٽي ٿو

حقيقت ۾ مستقبل جي وجود نالي ڪابہ شي نہ ٿيندي آهي، انسان وٽ فقط عارضي ۽ روان دوان حال هوندو آهي جيڪو هر لمحي، هر گهڙي ماضيءَ جو حصو بڻجندو ويندو آهي. جڏهن اسين ڪنهن ماڻهوءَ جي باري ۾ چوندا آهيون تہ هن جي عمر 25 سال آهي تہ ان جو مطلب فقط اها گهڙي نہ هوندي آهي جيڏي مهل ان ماڻهوءَ کان سندس عمر پڇي ويندي آهي پر ان لمحي کان هٽي ڪري بي سجي عمر ماضي جو داستان هوندي آهي جنهن جو اظهار فقط حال ۾ ٿيندو آهي. ساڳئي طرح جڏهن سائنسدان دعوىٰ (اڳڪٿي) ڪندا آهن تہ ”اچ کان ويهہ سالن کانپوءِ فلاڻي سال جي فلاڻي مهيني جي فلاڻي تاريخ تي فلاڻي ڪلاڪ ۾ فلاڻي ملڪ ۾ سج گرهڻ يا چنڊ گرهڻ ٿيندو“ اهڙي دعوىٰ جا بنياد ماضيءَ جا (جزوي، ڇڙوڇڙ يا ڪُلي ۽ گڏيل) تجربا ۽ مشاهدا هوندا آهن جن جي آڌار تي سائنسدان اهڙي اڳڪٿي ڪري سگهندا آهن. بهرحال، حال جو تعين ماضي ڪندو آهي تہ وري مستقبل جو تعين ماضي ۽ حال گڏجي ڪندا آهن. جيڪو انسان ماضيءَ جي غلط ۽ درست تجربن مان سکندو آهي اهوئي مستقبل جي باري ۾ اڳڪٿي ڪري سگهندو آهي. پر ان ۾ وڏو مسئلو هيءُ هوندو آهي تہ موجوده دور جو انسان پاڻ ماضيءَ جي چونڊ نہ ڪري سگهندو آهي.

مارڪس لکيو تہ ”انسان پنهنجي تاريخ پاڻ ناهي ٿو پر ائين نہ جيئن سندس مرضي هجي، نہ ئي اهڙين حالتن ۾ ناهي ٿو، جيڪي پاڻ چوندي سگهي پر انهن حالتن تحت جيڪي سڌي ريت ساڻن ٽڪر کائيندي جيڪي ماضي کين ڏنيون ۽ منتقل ڪيون هجن. سمورن مرده نسلن جون روايتون زنده ماڻهن جي دماغ مٿان هڪ ڊيڄاريندڙ ۽ دهشت ناڪ خواب جيان بوجهہ ٿين ٿيون ۽ جڏهن اهي پنهنجو پاڻ ۽ شين کي انقلابي بنائڻ ۾ مصروف ڏسڻ ۾ ايندا آهن، اهڙي شي ناهڻ ۾ جنهن جو اڄا تائين ڪڏهن بہ وجود ناهي آيو اهڙن انقلابي بحرانن جي دورن ۾ اهي فڪرمندي مان ماضي جي روحن کي جادوئي انداز سان ڪتب آڻين ٿا ۽ ماضي کان رواج، روايتون ۽ نالا اوڌارا وٺن ٿا تہ

جيئن نئين عالمي تاريخي نظاري کي ان اوڏاري ٻولي ۾ معتبر لباس ۾ بدلائي پيش ڪن.“[32]

خالص يورپي ۽ آمريڪي ملڪن بدران انقلاب نيم ايشيائي سوويت يونين، ايشيائي چين، ويٽنام ۽ ڪوريا جهڙن پنتي پيل ملڪن ۾ آيا جنهن ڪري انهن انقلابن مٿان ماضيءَ جي ”مرده نسلن جي روايتن“ جو وزن تمام گهڻو ۽ پنهنجي صحت ۽ سهپ کان وڌيڪ هو. حالتن جي جبر باوجود انهن مُلڪن تمام گهڻيون ڪاميابين حاصل ڪيون پر سوشلزم جي اٽڪل هڪ صديءَ جي تاريخ ۾ ڪيتريون ئي غلطيون پڻ ٿيون جيڪي ابتدائي مرحلي ۾ تيڻ اڻٽر هيون. انهن مکيہ غلطين ۽ انهن جي مکيہ ڪارڻن ۾ هيٺيان عنصر شامل آهن.

- اڪثر انقلاب اڳتي وڌيل سرمائيدار يورپي ملڪن بدران نيم سرمائيدار، نيم جاگيردار ۽ ڪالونيل ۽ نيم ڪالونيل پنتي پيل ايشيائي ۽ نيم ايشيائي (روس، چين، ڪوريا ۽ ويٽنام جهڙن) معاشرن ۾ آيا
- روس، چين، ويٽنام ۽ ڪوريا جي انقلابن ۾ سخت پرتشدد ويڙهه (اندورني ۽ ٻاهرين جنگ) ٿي
- پهرين عالمي جنگ سبب ملڪ جي تباهي ۽ وڏو حصو جرمني جي حوالي ٿيڻ (سوويت يونين)
- انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ گهرو ويڙهه سبب تجربيڪار ۽ ويڙهاڪ ڪارڪنن جو نقصان (روس، چين ۽ ويٽنام)
- سامراجي مداخلت ۽ سياسي، معاشي ۽ فوجي ناڪابنديون
- ٻي عالمي جنگ سبب ٿيل تباهي ۽ چين ۽ سوويت يونين ۾ اٽڪل چار ڪروڙ انسانن جو قتل
- اهڙن اندروني ۽ ٻاهرين سخت دٻائن ۽ تباهين جو ازالو ڪرڻ ۽ پورائو ڪرڻ لاءِ عارضي مادي ۽ نفسياتي جبر
- رياستي اختيارن ۾ سخت مرڪزيت
- ڪميونسٽ پارٽين جي اعليٰ ادارن تي ترميم پرستن جو قبضو
- غيرموثر، بيوروڪريٽڪ ۽ مڪمل مرڪزي رٿابنديءَ وارو انتظامي اقتصادي نظام

- ڪميونسٽ پارٽين جو هڪٻئي سان جهيڙو (خاص ڪري سوويت يونين ۽ چين جي وچ ۾)
- عالمي سامراج خلاف ڪميونسٽن طرفان بين الاقوامي سطح تي مضبوط ۽ مستقل گڏيل محاذ نہ ٺاهڻ
- ڪميونسٽ پارٽين طرفان عوام جي مزاج، مسئلن، ضرورتن ۽ گهُرجن کي سمجهڻ جي نااهلي
- پارٽين اندر جمهوري عمل جي پيچڪڙي
- اڳواڻن کي ملائڪ بڻائي انهن جي پوڄا ڪرڻ سبب نقصان ٿيو
- ۽ وري انهن اڳواڻن جي مرڻ کانپوءِ کين مڪمل طور تي ترڪ يا رد ڪرڻ جي ڪري پڻ نقصان ٿيو
- ”پرامن باهمي بقا“ جهڙا ڪوڙا سامراج دوست نظريا
- سامراجي گهيرو ۽ هٿيارن جي ڊوڙ
- پنهنجي گنجائش کان وڌي پنتي پيل ملڪن جي مدد ڪرڻ
- تخليقي ۽ سياسي ڪم کي سوشلسٽ معاشري جي قيام جي گهرجن مطابق ترقي نہ وٺرائڻ
- مزدور جماعتن ۽ ٻين عوامي تنظيمن جي ڪردار کي ترقي نہ وٺرائي سگهڻ
- سٺي ٽرانسپورٽ ۽ تيزيءَ سان مارڪيٽ جي ڊماند پوري نہ ڪري سگهڻ
- سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب ۾ دير ٿيڻ
- پيداواري قوتن کي جديد بنائڻ ۾ دير
- ٻين ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين جي اندروني معاملن بابت تجزيا ۽ تبصرا نہ ڪرڻ
- آزاد ذميواريءَ جي نالي ۾ تنقيد ۽ بحث مباحثو ترڪ ڪرڻ
- ڪميونسٽ پارٽين جي مرڪزي توڙي هيٺين ادارن ۾ تنقيد ۽ خود تنقيد واري اصول کي ترڪ ڪرڻ
- سامراجي جاسوس ادارن ۽ سازشن کي جوابي جاسوسيءَ ذريعي منهن ڏيڻ لاءِ موثر چوڪسيءَ جو بندوبست نہ ٿيڻ
- انقلابي صفن ۾ ويٺل انقلاب دشمنن خلاف موثر قدم نہ کڻڻ
- انقلابي صفن ۾ ڪيريئرازم، فرقيواريت، ذاتي مفادپرستي جهڙا رجحان وغيره.

انهن اڳوڻن تجربن ۽ مستقبل جي رستن بابت موجوده دور جي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ مختلف نظرياتي رجحان ۽ لاڙا نظر اچن ٿا جيڪي پنهنجي پنهنجي حساب سان ماضيءَ جي ناڪاميءَ جي سببن ۽ مستقبل جي لائين جا جواب ڏين ٿا. انهن ۾ ساڄي ڌر وارن جو گهڻو زور يوٽوپيائي تصورن، غيرجمهوري عمل ۽ پرتشدد رجحان تي آهي. کاٻي ڌر ۾ وري ٻن قسمن جا رجحان ملن ٿا هڪڙا اڳوڻن سوشلسٽ معاشرن جي گٽن ۽ اوگٽن، ٻنهي کي، قبولين ٿا. جڏهن ته ٻين (کاٻي ڌر جي انتهاپسندن) جو وري سڄو زور موضوعي عنصرن تي آهي، اُهي اڳوڻي نظام جي ڍهڻ جو مکيہ سبب قيادت جي مفادن ۽ اخلاقيات، انهن جي سطحيت ۽ لالچ کي سمجهن ٿا مثال طور انهن جو خيال آهي ته سوويت يونين جي تاريخ ظاهر ڪري ٿي ته سوشلسٽ پيداواري صورت اندروني سماجي اقتصادي ۽ سياسي تضادن جي مختلف سطحن سان گڏوگڏ پڇي راس ٿئي ٿي. پر سوشلسٽ انقلاب ڪانپوءِ نہ ڪو اقتصادي، سائنسي يا ثقافتي ناڪابنديون ۽ نہ ئي ”سخت“ ۽ ”تڌا“ فوجي دٻاءَ، نہ ئي فاشسٽ درندا ان قابل هئا تہ سوويت رياست کي هارائي سگهن. پر آخر ۾، اهو ڪم سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيادت هٿان ئي سرانجام ڏياريو ويو. خروشچيف، برزنيف ۽ گورباچوف جي اقتصادي ۽ سياسي پاليسين اندران ئي اندران سوويت يونين کي ڪائي ڇڏيو. ۽ يا وري ٻاهرين سرمائيدار گهيرن ۽ رياستن جي عملن کي سمجهن ٿا. جڏهن تہ عام روايتي کاٻي ڌر وارا سڀ ڪان پهريائين معروضي معاشي سببن تي زور ڏين ٿا معاشي ماڊل جي خامين ۽ ڪنهن مرحلي تي ان جي ”ٽڪجڻ“ ۽ ان جي نتيجي ۾ سياسي زندگيءَ جي منفي پاسن جي نرالائپ تي زور ڏين ٿا.

## مستقبل جي سوشلسٽ نمونو ڪهڙو هوندو؟

هاڻي ان ماضيءَ جي غلطين کي ڏسي مستقبل ۾ ڪهڙين شين کان پاسو ڪجي ۽ ڪهڙن رستن ۽ گسن کي نہ ڇڏجي اهو سمجهڻ ايترو ڏکيو نہ ٿيندو. مثال طور جنگ ۽ انقلاب جي تعلق کي سمجهڻ، سامراجي مداخلت کي روڪڻ لاءِ بين الاقوامي متحده محاذ ناهڻ، ٽين عالمي جنگ جي رستا روڪ ڪرڻ، پوري دنيا ۾ ٿيندڙ هٿيارن جي

ڊوڙ ڪي گهٽائڻ، رياستي اختيارن ۽ معيشيت ۾ مرڪزيت ۽ جمهوريت جي توازن کي قائم رکڻ، ڪميونسٽ پارٽين طرفان هڪٻئي سان دوستاڻا تعلق رکڻ، پارٽين اندر جمهوري عمل کي هٿي وٺرائڻ، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب وسيلي پيداواري قوتن کي تيزيءَ سان جديد بنائڻ، ٻين ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين جي اندروني معاملن بابت تجزيا ۽ تبصرا ڪرڻ ۽ تنقيد ۽ خود تنقيد جهڙن اصولن کي ڪتب آڻڻ وغيره.

جيتوڻيڪ اهو سفر ايترو آسان ناهي پر ان جو مطلب اهو ناهي ته "ڏسو ۽ انتظار ڪريو" واري رويي تي ياڙجي. اها ڳالهه پڪي آهي ته ترقيءَ ڏانهن ڪوبه غيرطبقاتي يا ٽيون رستو نه ٿو وٺي وڃي. "آزاد معيشيت" "مقابلو" "جديديت" "گڏيل راءِ" "سماجي گفتگو" "ادارن جي جمهوريت" "تبديلي" وغيره جا سرمائيداراڻا ڏند ڪٿائي ۽ ديومالائي تصور تجربي ۾ مدي خارج ثابت ٿي چڪا آهن. انهن تصورن جي چير ڦاڙ ڪرڻ بدران اهم سوالن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي جيڪي هي آهن ته "اقتدار ڪنهن وٽ؟" "حاڪميت ڪنهن جي؟" "ڪنهن جي فائدي ۾؟" ۽ "ڪيڏانهن وٺي ويندي؟" مطلب ته مستقبل جي سوشلسٽ ماڊل (نموني) جي اقتصادي پالسي ڪهڙي هوندي، ذاتي ملڪيت، گڏيل ملڪيت يا رياستي ملڪيت؟ سياسي ڍانچو ڪهڙو هوندو، هڪ پارٽيءَ وارو پورهيت راڄ يا وري ڪو ٻيو سرشتو هوندو؟ ان جي حڪمت عملي ڪهڙي هوندي؟ اهڙو انقلاب ڪنهن هڪ ملڪ ۾ لاڳو ٿيندو يا هڪ ئي وقت گهڻن ملڪن ۾؟ وغيره. پر انهن سوالن جا جواب ڳولڻ کان پهريائين اهو سمجهڻ ضروري آهي ته ڇا مستبقل سان لاڳاپيل انهن سوالن جا جواب هن وقت ڏئي سگهجن ٿا؟

مستقبل جو سوشلسٽ ماڊل ڪهڙو هوندو؟ ان باري ۾ نه ڪو مارڪس ۽ اينگلس ڪا تفصيلي اڳڪٿي ڪئي ۽ نه ئي لينن ان باري ۾ ڪو نوس خاڪي ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. لينن لکيو ته "اسانجو نظريو عقيدو نه پر عمل لاءِ هڪ رهنما آهي." "اسين دعويٰ نه ٿا ڪريون ته سوشلزم ڏانهن ويندڙ رستي جي آخري تفصيلن بابت مارڪس کي ڄاڻ هئي يا ڪوبه مارڪسوادي ڄاڻي ٿو. ان قسم جي دعويٰ ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي. اسين ان رستي جو رخ، ۽ ان جي

پوئواري ڪندڙ طبقاتي قوتن بابت ڄاڻون ٿا، (باقي) مخصوص عملي تفصيل فقط لکين ماڻهن جي تجربي ذريعي رونما ٿيندا جڏهن اُهي معاملن کي پنهنجي هٿن ۾ کڻندا.“[33]

مارڪس، اينگلس ۽ لينن جهڙن عظيم مفڪرن ۽ سائنسدانن به مستقبل بابت اڳواٽ تفصيل نه ڏنا ته اها پڻ انهن جي سائنسي ايمانداري هئي. ڇاڪاڻ ته هُنن جي اڳيان ڪوبه ڪامياب توڙي ناڪام ماڊل هو ئي ڪونه. مثال طور مارڪس ۽ اينگلس مستقبل جي انقلاب لاءِ روس جهڙي نيم ايشيائي ملڪ ۾ انقلاب اچڻ جو توقع ئي نه پئي ڪئي. رياست جي مستقبل بابت پڻ اڪثر انقلابي (بيڪونين، پروڌن، انارڪسٽ وغيره) ان خيال جا هئا ته رياست جو هجڻ طبقاتي نظام جو نتيجو آهي ۽ سوشلسٽ انقلاب ڪانپوءِ طبقا ئي نه رهندا ته رياست به نه رهندي. تنهنڪري، جيئن ئي انقلاب اچي ته رياست کي ختم ڪيو وڃي. مارڪس، اينگلس ۽ ٻين ڪيترن ڪميونسٽن سميت ايتريقدر جو لينن جو به اهوئي خيال هو ته هڪئي وقت ٻن يا ٽن سنٽريل ملڪن ۾ انقلاب ايندو ته اهو بچي ويندو نه ته ان سان به پئرس ڪميون جهڙو حشر ٿيندو. پر فقط چار سالن جي عملي تجربي لينن کي گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو، هن سماجي ملڪيت سان گڏ رياستي ملڪيت، سوشلسٽ رياست ۽ هڪ ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. اهي اهڙا معاملا هئا جيڪي اڳ ۾ ٿيا ئي ڪونه هئا پر مختصر تجربي نوان مسئلا ۽ نوان حل پيدا ڪيا ويا. پر اهو ته هيو فقط پنج ڇهه سالن جو مختصر معياري تجربو جنهن ۾ اهڙا ڪمال ڪيا ويا پر هن دور جي مارڪسواديءَ وٽ ته گهٽ ۾ گهٽ 100 سالن جو شاهوڪار تجربو آهي جنهن کي بنياد بڻائي مستقبل جي باري ۾ بلڪل ڳالهائي سگهجي ٿو. پر اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ان سموري تجربي مان ڇا ڇا سکيو ويو؟ اٽڪل هڪ صديءَ جي عرصي ۾ نه فقط لکين پر ڪروڙين ماڻهن معاملن کي پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو، پر ان ڊگهي تجربي دوران مخصوص عملي تفصيل به پيش ڪيا ويا آهن پر انهن تفصيلن مان عام نتيجا ڪڍڻ ۽ اصول ترتيب ڏيڻ (Generalizations) جي ضرورت آهي. اهوئي ڪم ڪارل مارڪس، اينگلس ۽ لينن به سرانجام ڏنو هو.

سائنس جو ڪم آهي ته ماضيءَ جي تجربن جي بنياد تي ان مان مستقبل ۾ ٿيندڙ واقعن جي اڳڪٿي يا پيشن گوئي ڪري سگهي.

توڙي جو دنيا جي ڪابہ سائنس مستقبل جي ڪنهن وڏي يا ننڍي اتفاق ۽ حادثي جو اڳواٽ اندازو نٿي لڳائي سگهي. پر دنيا جو ڪاروهنوار اتفاق جي آسري تي نہ هلندو آهي. مثال طور هر انسان کي پڪ هوندي آهي تہ هُو ڪيڏي مهل بہ مري سگهي ٿو پر ان باوجود اهوئي انسان، جنهن کي ٻئي لمحي جي بہ پڪ ناهي هوندي، سو وري 40 يا 50 سال تائين قائم رهندڙ عمارت (گهر) تعمير ڪرائيندو آهي، سال ٻن لاءِ 8 يا 10 ڪپڙن جا جوڙا تيار ڪرائي رکندو آهي، مهيني يا سال جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندو آهي. ساڳئي طرح، هر مسافر ۽ ڊرائيوار کي هروقت خاطري هوندي آهي تہ هُو ڪيڏي مهل بہ حادثي جو شڪار ٿي سگهي ٿو پر گاڏيءَ ۾ پيٽرول بہ وجهرائيندو، موبل آئل بہ وجهرائيندو، ٽائر، بريڪ، ٽيوننگ، بتين ۽ هارن وغيره جو اڳواٽ بندوبست ڪندو آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ايندڙ لمحي جي بہ پڪ ناهي تہ پوءِ هُو ائين ڇو ٿو ڪري؟ اصل ۾، ماڻهوءَ کي پلي پنهنجي حياتيءَ بابت ڪا خاطري نہ هجي پر هُو پنهنجي زندگيءَ جي مختصر تجربي ۾ ۽ ان کان اڳ جي سوين سالن جي علم ۽ مشاهدي جي بنياد اهو سمجهي ونندو آهي تہ سندس ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جي عمر 40، 50 يا 80 سال ٿيندي آهي (تنهنڪري ٿي سگهي ٿو تہ هي بہ ايتري ڄمار ماڻي) يا سندس ملڪ ۾ هلندڙ لکين ڪروڙين گاڏين جا حادثا نہ بہ ٿيندا آهن. مطلب تہ مستقبل بابت اتفاق جي بنياد تي نہ پر ماضي، حال ۽ مستقبل جي لازمي عنصرن کي اڳواٽ سمجهڻ ۽ پوءِ طئي ڪرڻ جي ضروت آهي.

تنهنڪري، گذريل انساني تاريخ، خاص ڪري سوشلزم جي هڪ صديءَ جي عملي تاريخ مان، مستقبل جي سوشلزم جي ڏانهن وٺي ويندڙ واٽ، اقتصادي ۽ سياسي پاليسي ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عمليءَ جي باري ۾ ٿلهي ليکي هڪ حد تائين ڪجهہ معاملا طئي ڪري سگهجن تہ ضرور ڪجن. جيڪڏهن ڪا ڌر اها دعویٰ ڪري تہ نہ معاملا اڳ ۾ ئي طئي ٿيل آهن تہ بہ انهن جي نئين سري سان جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي تہ 2012ع يا 2020ع ۾ انهن جي ڪهڙي حيثيت آهي ۽ هوندي؟ يا ان ۾ ڪهڙي نواڻ جي گنجائش آهي؟

مارڪس ۽ ان کانپوءِ واري سموري تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ اهو ضروري شرط ناهي تہ ڪو بهترين سوشلسٽ ماڊل موجود هجي تہ پوءِ

جدوجهد ڪجي نہ تہ نہ ڪجي. ساڳئي وقت، ڪنهن ملڪ جو ڪوبہ سوشلسٽ ماڊل حتمي طور ڪنهن بہ ٻئي علائقي لاءِ ساڳيو جو ساڳيو رهي اهو پڻ ناممڪن آهي، پر اهو ضرور ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو تہ ان جون ڪي خاص عالمي تاريخي اهميت رکندڙ خصوصيتون اتان ورتيون ويون آهن ۽ ورتيون وينديون. ان تاريخي تجربي اهو پڻ ثابت ڪيو آهي تہ نہ ئي روس، نہ وري چين، ويٽنام ۽ اتر ڪوريائي ماڊل ڪي آخري ۽ حتمي ماڊل هئا پر ائين بہ ناهي تہ ايندڙ دور جا انقلاب ڪي انهن سمورن انقلابن کان نرالا ۽ الڳ هوندا، نہ بلڪل نہ. جيئن روسي انقلاب فرانسيسي انقلاب جو تسلسل هو، تيئن ايندڙ دور جا انقلاب گذريل سمورن انقلابن جو ئي تسلسل هوندا. لازمي ناهي تہ جيڪي نظريا ۽ فڪر يورپ لاءِ مدي خارج ٿي چڪا آهن سي ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جهڙن ڪندن لاءِ بہ مدي خارج هجن. يا هوبهو انهن جهڙا هجن، انهن ۾ هر ملڪ ۽ دور جي حساب سان تخليقي واڌارا ضرور ڪرڻا پوندا. اهائي سوشلزم جي نظرئي جي سائنسي سچائي آهي.

مستقبل جي سوشلسٽ معاشري جي اقتصاديات جا بنيادي عنصر ڪهڙا هئڻ گهرجن؟ چينن جي خيال ۾، عوامي جمهوريہ چين "سماجوادي معاشي منڊي" (Socialist Market Economy) جي بنياد تي گهڻ رخي معاشي پاليسيءَ تي عمل ڪري ٿو، جنهن ذريعي چين دنيا جي سڀ کان وڌيڪ پيداواري شرح حاصل ڪندڙ ملڪن جي فهرست ۾ پاڻ کي مڃايو آهي. (جنهن کي چيني ڪميونسٽ پارٽي "سوشلزم جو ابتدائي مرحلو" سڏي ٿي.) روسي فيڊريشن جي ڪميونسٽ پارٽي، سرمائيداريءَ جي ڪري پيدا ٿيل تباهي ۽ غربت ڪانپوءِ روس کي "آزاد مارڪيٽ" جي گند مان ڪڍڻ لاءِ، اعلان ڪيو آهي تہ اُهي خانگي ۽ رياستي ڪاروبار جي مڪس معيشيت (Mix Economy) کي استعمال ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ساڳئي وقت، عوامي جمهوريا ڪوريا پنهنجي علائقي ۾ ڏکڻ ڪوريا سان گڏيل وڏي صعنت لڳائڻ تي راضپو ڏيکاريو آهي. ڇا ان جي معنيٰ اها آهي تہ ڪميونسٽ سائنسي سوشلزم جي اصولن تان هٽ ڪٽي رهيا آهن؟ نہ ائين ناهي.

بهرحال انهن ملڪن جي تاريخي تجربي مان ثابت ٿئي ٿو تہ سوشلزم هيٺ طبقاتي جدوجهد هلندي رهي ٿي ۽ هلندي رهندي.

چاڪاڻ تہ سوشلزم، سرمائيداري ۽ ڪميونزم جي وچ وارو هڪڙو عبوري دور آهي. پر عالمي سرمائيدار ميڊيا وري انهن ملڪن کي جيڪي ملڪ اجا تائين سوشلزم کي ئي مڪمل طور تي لاڳو نہ ڪري سگهيا آهن انهن کي خوار ڪري ڇڏيا ڪري ڇڏيا آهن ملڪن کي "ڪميونسٽ ملڪ" سڏيندي رهي آهي ۽ سوشلزم ۽ ڪميونزم کي منجهائي هڪ ئي شي ڪري پيش ڪندي رهي آهي. حقيقت ۾ هن دنيا جي گولي تي هن مهل تائين هڪڙو بہ ملڪ ڪميونزم جي سطح تائين نہ پهتو آهي جنهن مان مراد آهي هڪ غيرطبقاتي نظام.

مارڪس، اينگلس ۽ لينن جي لکڻين ۾ ڪٿي بہ نٿو ملي تہ سوشلزم مان مراد آهي تہ سموري ڪاروبار (ننڍڙي ڪيبن کان وٺي خلائي اسٽيشن تائين) جو ڪم رياست ڪندي ۽ مرڪزي حڪومت انهن جي قيمت جو طعين ڪندي. حقيقت ۾، پورهيتن وٽ پيداواري ذريعن جي مالڪيءَ (ملڪيت) جي معنيٰ رياستي مالڪي ناهي ڇاڪاڻ تہ مارڪسي نظريي موجب رياست کي آخرڪار ختم ٿيڻو آهي. پر ان مرحلي تائين پهچڻ کان اڳ هڪ سوشلسٽ معاشري ۾ باهمي گڏپ (Co-operatives)، علائقائي سوويتن يا حڪومتن (Local Soviets or Governments)، وڏي سطح جي علائقائي يا مرڪزي حڪومتن (Regional or Central Government) ذريعي بہ ڪاروبار کي هلائي سگهجي ٿو.

انساني تاريخ ۾، ڪجھ استثنا کانسواءِ، مارڪيٽ جي رشتن وارو معاشي نظام وسيلن جي ورڇ جي غالب صورت رهيو آهي. فقط سرمائيدار عالمي معيشيت هيٺ مارڪيٽ جا رشتا عالمگير بڻجي ويا. مارڪيٽ جي سمورن رانديگرن جي وچ ۾ مقابلو بنيادي ڌڪيندڙ قوت آهي جيڪا، سرمائيدار عالمي معيشيت ۾، سمورن فردن، ادارن (ڪارپوريشنس) ۽ رياستن کي مسلسل ڏوڪڙن ۽ منافعي جا ڍير ڳاهڻ تي مجبور ڪري ٿي. پر ڏوڪڙن ۽ منافعي لاءِ ڌرتيءَ تي موجود وسيلن جي انتهائي بي رحماڻي استعمال سبب ماحولياتي حالتون پڻ سرمائي جي لڳاتار انبارن سان نهڪندڙ ناهن. تنهنڪري، سرمائيداريءَ کانپوءِ واري معاشري جي بهتر تنظيم اهڙي نموني ڪجي جو وسيلن جي ورڇ مارڪيٽ بدران بنيادي طور تي سياسي ۽ سماجي ادارا ڪن.

آمريڪا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قومي بورڊ جو ميمبر جيمز ويسٽ لکي ٿو تہ "لازمي آهي تہ معيشيت جون بالادست چوٽيون

(Commanding Heights)، بنيادي پيداواري ذريعا، ڪميونيڪيشن ۽ ٽرانسپورٽ، فوجون ۽ دفاع هارين ۽ مزدورن جي سوشلسٽ حڪومت جي هٿ ۾ هجن ۽ عوام سان ويجهڙائپ رکندڙ سائنسي طرح مضبوط ڪيڊرس جي هڪڙي مضبوط عوامي مارڪسي ليننِي پارٽي هجي.“ ”بنيادي اقتصادي سيڪٽر سوشلسٽ حڪومت جي هٿ ۾ ڏيڻ سان گڏوگڏ ملڪيت جي ٻين صورتن لاءِ بہ جاءِ هجڻ گهرجي. جيئن چين ۽ ويٽنام ۾ رياستي ملڪيت، باهمي ملڪيت (Cooperative ownership) ۽ گڏيل ملڪيت (Joint Ownership) سان گڏوگڏ ٻاهرين ملڪيت (Foreign ownership) سميت ڪجهہ ذاتي ملڪيت جي اجازت ڏني وئي آهي. ان جي معنیٰ اها نہ وٺڻ گهرجي تہ انهن سوشلزم جو رستو ڇڏي ڏنو آهي.“[34]

جڏهن تہ يونان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو خيال آهي تہ معاشي ميدان ۾ ”مرڪزي رٿابندي کي عوامي پيش قدمي سان ڳنڍڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهن ۾ اهو احساس اڀري تہ اهي پاڻ سوشلسٽ ملڪيت جو انتظام هلائي رهيا آهن.“ ”مرڪزيت ۾ سڌاري ۽ جمهوريت جي ترقيءَ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سماج جي معاشي ميدان ۾ مرڪزيت ۽ جمهوريت جي گڏپ کي ممڪن بڻائجي.“ (اهي آمريڪي ۽ يوناني ڪميونسٽ پارٽين جون تجويزن آهن جن تي بحث مباحثو ڪرڻ جي ضرورت آهي.)

مستقبل جي سوشلسٽ معاشري جي سياست جا بنيادي عنصر ڪهڙا هئڻ گهرجن؟ ان حوالي سان لينن لکيو هو تہ ”مارڪسزم کي طبقاتي جدوجهد جي نظريي تائين محدود ڪرڻ جي معنیٰ مارڪسزم کي ڪٽي، گهٽائي، بگاڙي سرمائيداري جي قابل قبول بنائڻ آهي. فقط اهوئي مارڪسوادي آهي جيڪو طبقاتي جدوجهد کي مڃڻ سان گڏ پورهيت آمريت (راڄ) کي بہ مڃي.“[35] ”سرمائيدار رياستن جون طرحين طرحين صورتون آهن، پر انهن جو جوهر ساڳيو آهي، اهي سموريون رياستون، پلي پوءِ انهن جي ڪهڙي بہ صورت هجي، آخرڪار لازمي طور تي سرمائيدارن جي آمريت ئي هونديون. سرمائيداريءَ کان ڪميونزم تائين پهچڻ واري عبوري دور ۾ (سوشلزم) يقيني طور تي مختلف ۽ طرحين طرحين نراليون سياسي صورتون (نظام) وٺندي پر انهن جو جوهر ساڳيو ئي رهندو: پورهيتن جو راڄ (آمريت).“[36]

يونان جي ڪميونسٽ پارٽي ءَ جي خيال ۾ ”سوشلسٽ جمهوريت جي صورت جي ترقيءَ لاءِ وسيع تر ماڻهن جي شعوري شراڪت، حڪومتن ۽ انتظامي ادارن تي سماجي ضابطو، ۽ ”پارٽي-سوويت (ڪائونسلون)-عوام“ جي اتحاد ۽ جدلياتي لاڳاپي ڪي عمل ۾ آندو وڃي.“ ”سوشلزم هيٺ، ڪميونسٽ پارٽي کان علاوه، ٻين سياسي پارٽين جو تعداد، نوعيت ۽ ڪردار مخصوص قومي خاصيتن ۽ روايتن، سماجي حلقن يا تاريخي سببن جي بنياد تي هجڻ گهرجي.“

رهيو سوال انقلاب ڪڏهن ايندو ۽ هي ويڙهه ڪيسيتائين هلندي؟ ان جو نوس جواب ناهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو. ها مارڪسزم انقلابي تبديلي ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ايندي ان لاءِ عام سائنسي اصول ڏنا آهن جن جي مدد سان سماجي تبديليءَ جي عام رخ جو صحيح اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهائي ان جي سائنسي علم هجڻ جي خاصيت آهي. اهوئي سبب هو جو لينن روس جهڙي ملڪ ۾ آٽي ڏيکاريو. ڇا لينن بہ ٻين انقلابين وانگر ان لمحي جو انتظار ڪري ها تہ پهريائين انقلاب برطانيہ يا جرمني ۾ اچي؟ جيڪڏهن روس ۾ وقت کان اڳ آيل انقلاب نہ اچي ها تہ اڄ دنيا جو نقشو ڪهڙو هجي ها!! 1949ع ۾ مائوزيتنگ لکيو تہ ”اسانجي پارٽيءَ جي 28 سالا جدوجهد هڪ ڊگهو عرصو آهي جنهن ۾ اسان فقط هڪڙي شي حاصل ڪئي آهي تہ اسان انقلابي جنگ ۾ بنيادي فتح حاصل ڪئي آهي. پر اسانکي اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي، اسانجي ماضيءَ جو ڪم ڏهہ هزار ميل (لي) واري هڪ ڊگهي لانگ مارچ جي فقط پهرين وک آهي.“[37]

تضاد ۽ اتحاد جو جدلياتي اصول ٻڌائي ٿو تہ هر شي ۽ لقاءَ جي اندر تضاد ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪاٻو آهي تہ ساڄو هوندو، جيڪڏهن اوندهہ آهي تہ روشني هوندي، جيڪڏهن غربت آهي تہ اميري هوندي، جيڪڏهن ظالم آهي تہ مظلوم هوندو وغيره. ساڳئي ريت، جيڪڏهن سرمائيداري آهي تہ ان جي هوندي ان جو ابتڙ رجحان بہ هوندو جيڪو سوشلزم جي امڪاني سگهہ ۽ مادي علامت جي صورت ۾ هوندو ۽ آهي جنهن کي حقيقي روپ ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. يوٽوپيائي سوشلسٽن بدران مارڪس جو خيال هو تہ سوشلزم سرمائيداريءَ اندر ”لڪل“ آهي ۽ هن پنهنجي ڇنڊڇاڻ ذريعي ان کي عيان ڪيو. مارڪس

پراڻي نظام جي مڪمل تنقيد ذريعي نئين دنيا کي ڳولي لڌو. نئين دنيا جي امڪاني سگهه پراڻي جي صورت اندر وجود رکي ٿي. مختصر هي ته سوشلزم جي امڪان جي ثابتي اسانکي هرطرف کان نظر اچي ٿي ۽ هر ماڻهو ان کي ڏسي سگهي ٿو. اها انهن حالتن ۾ وجود رکي ٿي جن جو خالص سوشلزم سان تعلق ناهي. مثال طور، ترقي يافته صنعتون، لاتعداد مادي دولت، سائنس ۽ ڪاروباري هنر، تنظيمي ڍانچن، تعليم ۽ ثقافت جي مٿانهين سطح وغيره. اهي شيون سرمائيداريءَ ۾ وجود رکن ٿيون جيڪي مستقبل جي سوشلزم جون مادي علامتون آهن. ساڳئي ريت، مزدورن ۽ گراهڪن جون باهمي جماعتون، سرڪاري تعليم، اسپتالون، سياسي جمهوريت ۽ قومي ملڪيتون وغيره مان به سوشلزم جي ثابتي ملي ٿي. ان سان گڏوگڏ کهڙا مسئلا آهن جيڪي سرمائيداري حل نه ڪري سگهي آهي مثال طور بيروزگاري ۽ اڻبراري. جيتوڻيڪ، اهي سموريون مادي ۽ روحاني علامتون سرمائيداريءَ اندر وجود رکن ٿيون پر اها سرمائيداري ئي آهي جيڪا انهن کي قيد ڪري، انهن امڪانن کي حقيقي روپ وٺڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ سموري انسانذات کي انهن جا ميوا حاصل ڪرڻ کان روڪيو ويٺي آهي. مارڪس انهن سرمائيدارڻين مادي علامتن جي تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪري، انهن کي تاريخي واڌ ويجهه جي تناظر ۾ ڏسي انهن مان هڪ منظم نئين نظريي کي تخليق ڪيو.

اڳئين حصي ۾ پيش ڪيل سمورا معاملا تہ سوشلزم سان لاڳاپيل آهن جن جو ترت واسطو برطانيہ، جرمني، فرانس جهڙن يورپي ملڪن، آمريڪا، ڪينيڊا، آسٽريليا سميت اڳوڻين سوويت رياستن، چين، ويٽنام ۽ ڪيوبا وغيره سان آهي. جتي سرمائيدار جمهوري انقلاب اچي چڪا آهن ۽ جتي سوشلزم جي تعمير جون ابتدائي ڪوششون بہ ٿي چڪيون آهن ۽ اجا تائين هلندڙ آهن. پر اهم معاملو ايشيائي، آفريڪي، لاطيني آمريڪي ڪندن جي پٺتي پيل ملڪن جو آهي جتي اوائلي اشتراڪي آثار بہ ملن ٿا تہ قبائليت ۽ نيم قبائليت، جاگيرداريت ۽ نيم جاگيرداريت، نيم سرمائيداريت جهڙا تاريخي طور تي مدي خارج نظام طاقتور حيثيت ۾ موجود آهن. جتي اجا تائين نام نهاد جمهوريتون، فوجي آمريتون، آئيني ۽ خانداني بادشاهتون، مذهبي پاپائيتون، سرداريون، رياست اندر رياستون موجود آهن. اهڙا سماجي ۽ اقتصادي نظام رکندڙ مُلڪ جيڪڏهن سوشلزم ڏانهن سفر ڪرڻ چاهين تہ انهن جي اڳيان ڪهڙا گس آهن؟ ماضيءَ جي تجربن کي ڏسجي تہ اهڙن ملڪن لاءِ ترقيءَ جو غيرسرمائيدارڻو رستو ئي بهترين گس آهي.

سوشلزم آڻڻ کان اڳ سوشلزم ڏانهن وني ويندڙ گس ڪهڙو هوندو؟ ان حوالي سان مارڪس ۽ اينگلس ”ڪميونسٽ پڌرنامي“ ۾ لکيو هو تہ ”سرمائيدار ملڪن ۾ پورهيت سوشلسٽ انقلاب آڻڻ کان اڳ سرمائيدار جمهوري انقلاب آڻڻ ضروري هوندو جيڪو سوشلزم لاءِ راهہ هموار ڪندو.“ پر يورپي جمهوري انقلابن ثابت ڪيو تہ سرمائيدار جمهوريت کي توڙ تائين وني نہ ويا ۽ جمهوريت جي سفر کي اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنائون. 1898ع ۾ روس جي شهر منسڪ ۾ جڏهن روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽيءَ جو بنياد وڌو ويو تڏهن ان جي پروگرام ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ روسي سرمائيدارن جي نالائقي (عدم حيثيت) سبب هاڻي جمهوري انقلاب جي اڳواڻيءَ جو ڪم بہ پورهيتن کي ئي ڪرڻو پوندو.[38] تنهن ڪانپوءِ نيم سرمائيدار ۽ نيم جاگيردار اوير وارن يورپي ملڪن ۽ چين ۾ پورهيت سوشلسٽ

انقلاب کان اڳ عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ کي ضروري سمجهيو ويو. بعد ۾، جيڪي ملڪ سامراجي بينڪيت، نيم سرمائيدار ۽ نيم جاگيردار ملڪ هئا تن لاءِ قومي عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ ضروري سمجهيو ويو. پر موجوده دور جي نئين سامراجي ڪالوني، نيم قبائلي، نيم جاگيردار ۽ نيم سرمائيدار گهڻ قومي ملڪ لاءِ ڪهڙو گس ڏي سگهي ٿو؟ ان جا طريقا ڪهڙا هوندا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته تاريخي طور تي انهن وٽ وسيلا ڪهڙا هوندا جن کي ڪتب آڻي مقرر هدف حاصل ڪري سگهجي ٿو؟ انهن سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ پهريائين ته انهن علائقن جي تاريخي معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري حالتن کي سمجهڻو پوندو ۽ انهن جون پاڙون ڳولڻيون پونديون جن هاڻوڪي صورتحال پيدا ڪئي آهي. ۽ جن جي بنياد تي گس، طريقا، حڪمت عملي ۽ ابتدائي هدف طئي ڪري سگهبا. انهن حالتن جو جائزو وٺڻ سان اهو معلوم ٿيندو ته ڪهڙيون شيون رڪاوٽ بڻجنديون ۽ ڪهڙيون شيون مددگار ثابت ٿينديون؟ موجوده حالتن ۾ انهن معاملن جي وري جائزي وٺڻ جي ضرورت آهي.

### ”نه صرف زندهه، پر مرده مصيبتن کي به ڀوڳيون ٿا“

چا اسانجي علائقي ۽ روس، چين ۽ ويٽنام جي تاريخي، معاشي، سياسي، فڪري ۽ سماجي حالتن ۾ ڪي هڪجهڙايون آهن؟ چا رڳو هڪجهڙايون آهن يا ڪي نراليون خصوصيتون به آهن؟ ۽ جيڪڏهن ڪي نراليون خصوصيتون آهن ته پوءِ چا انهن نرالين خصوصيتن هوندي اسان وٽ به ان رفتار سان ۽ ساڳئي ريت نتيجا ملڻ گهرجن؟ نه. ته پوءِ انهن نرالين خصوصيتن هوندي ڪهڙي نظريي، واٽ، طريقي ۽ حڪمت عمليءَ سان اهو سفر طئي ڪري سگهبو؟

جيتوڻيڪ، ڪيترن پاسن کان هن خطي (خاص ڪري سنڌ) جو سماجي نظام انقلاب کان اڳ واري روس، چين ۽ ويٽنام جي سماجي نظامن سان هڪجهڙايون رکي ٿو. مثال طور: طبقاتي نظام (يعني جاگيرداري ۽ سرمائيداري)، جنسي متڀيد، عقيدا، سامراجي ظلم، قومي غلامي (روس سان اهو مسئلو نه هو)، جنگيون ۽ فوجي راڄ وغيره. توڻي جو، انهن هڪجهڙين خاصيتن جي شدت، نوعيت ۽ مقدار ۾ پڻ وڏا فرق هئا ۽ آهن. پر اهم سوال هتان جي نرالين خاصيتن جو آهي

جن جي بنياد تي مستقبل جي سوچ جي حڪمت عمليءَ جي سوال کي ڏسي سگهجي ٿو. تنهنڪري اچو تہ ٿورو جائزو وٺون تہ اهي ڪهڙيون خاصيتون آهن جيڪي اسانکي دنيا جي ٻين ملڪن ۽ خطن جي حالتن کان نرالو ڪري بيهارين ٿيون.

انهن نرالين حالتن کي تاريخي، معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري پهلوئن ۾ ورهائي ڏسي سگهجي ٿو. مثال طور (1) معاشي عنصرن ۾ ايشيائي پيداواري نظام، تاريخي طور تي ذاتي ملڪيت جو نہ هجڻ، ذات پات جو نظام، مُردار جاگيرداري، غيرسنڌي سرمائيدار، غيرڪاروباري مڊل ڪلاس ۽ سنڌي صنعتي مزدور جي اقليت، (2) سماجي دائري ۾ ڳوناٽي سرشتي واري هڪ مڪمل دنيا، عورت جي غلاميءَ کان بدتر حيثيت، (3) سياسي ۽ تاريخي دائري ۾ پاڪستان: هڪ عسڪري رياست، گهڻ طرفي بالادستي ۽ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو، سوشلسٽ قوتن سان ويڙهہ جو ڏکو تجربو رڪندڙ سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو نہ هجڻ، ٻاهريون يلغارون ۽ (4) فڪري دائري ۾ رجعت پرستي، وهمن ۽ عقيدن جا نظام ۽ سائنس، فلسفي، معيشيت ۽ جنگ جهڙن علمن جي اٽاٽ وغيره اچي وڃن ٿا.

## ايشيائي پيداواري نظام ۽ مردار وڏيراشاهي:

اسين جنهن سماجي نظام ۾ رهون ٿا، ان کي مارڪس نہ ڪو غلامداري، نہ جاگيرداري ۽ نہ ئي سرمائيداري نظام سڏي ٿو پر ان کي ايشيائي پيداوري Asiatic Mode of Production نظام سڏي ٿو. جڏهن تہ ايشيا جي ابتڙ، مارڪس يورپ جي مرحليوار تاريخي ترقي کي غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظامن جي ردوبدل واري صورت ۾ پيش ڪيو آهي. جيڪي هڪٻئي پٺيان ترتيبوار جاءِ والاريندا رهيا آهن.

ايشائي پيداواري نظام مان مارڪس جي مراد ”ذاتي ملڪيت“ بدران بادشاهاڻي يا رياستي ملڪيت آهي. مارڪس جي خيال ۾ ايشيائي سماجن ۾ وڏيون طاقتور سلطنتون رهيون آهن جن ۾ سموري ملڪيت بادشاهہ يا شهنشاهہ جي ذاتي ملڪيت سمجهي ويندي هئي ۽ عام ماڻهن وٽ ڪجهہ بہ نہ هو. هڪڙو بادشاهہ تخت تان لهندو يا ماريو ويندو هو تہ ان جي جاءِ تي جيڪو بادشاهہ ايندو هو تہ سلطنت جي سموري ملڪيت ان جي ملڪيت ٿي ويندي هئي، فرد جي ملڪيت نہ

هوندي هئي. مارڪس ان جا سبب ڄاڻائيدي لکي ٿو ته جيتوڻيڪ ايشيا جي ڀيٽ ۾ يورپ تمام ننيو خطو آهي، پر يورپ اندر بارشون مسلسل پونديون رهن ٿيون. ايشيا هڪ ته تمام وڏو خطو آهي پر اهم ڳالهه ته هتي بارشون تمام گهٽ پونديون هيون، ۽ جيئن ته ماڻهن جي گذرسفر جو ذريعو زراعت رهيو آهي، ۽ ان جو پوک ڪرڻ لاءِ ماڻهو هٽرادو آبپاشي سرشتي تي ڀاڙڻ تي مجبور رهيو آهي. تنهنڪري هتي ڪينال ۽ بئراج سرشتو ۽ وڏن دريائن کي ناهيو ويو ۽ انهن جي سنڀال ۽ انتظام ڪرڻ لاءِ وڏين رياستن ۽ وڏين سلطنتن جنم ورتو. دنيا جي پهرين وڏي سلطنت ايراني سلطنت خود ايشيا ۾ هئي، گذريل 25 سو سالن جي تاريخ ۾ (چين، انڊيا، ايران، عربستان، منگوليا، وچ ايشيا ۾) ڪيترين ئي سلطنتن جنم ورتو (جڏهن ته يورپ ۾ وڏي ۾ وڏي سلطنت رومي سلطنت هئي هوئن به يورپ ننيو خطو هو ان ڪري اهو ممڪن به نه هو.) اهڙي ريت وڏن خطن تي حڪومت ڪرڻ ۽ ان جي تحفظ ۽ ڦرلٽ لاءِ وڏين فوجن جنم ورتو. يورپ اندر پهريون ڀيرو فرانس وٽ 17/16 صدي ۾ 3 کان ساڍا 3 لک فوج هئي، جڏهن ته ان جي ابتڙ هتي ايتري فوج ايشيا ۾ ڪيترن ئي سلطنتن وٽ ڪيترائي ڀيرا رهي. مطلب ته هتي ايڏين وڏين فوجن جو هجڻ خير جهڙي ڳالهه هو. اينگلز لکي ٿو ته اوڀر جي ملڪن جي حڪومتن وٽ ٽن کان وڌيڪ کاتا ناهن رهيا، (1) ماليات (گهر اندر ڦرلٽ)، (2) جنگ (گهر اندر ۽ ٻاهر ڦرلٽ ڪرڻ) ۽ (3) پبلڪ ورڪس (ٻيهر پيدوار جو بندوبست). انڊيا ۾ برطانوي حڪومت (1) ۽ (2) جا انتظام ڪيا پر (3) کي مڪمل ريت ڦٽو ڪري ڇڏيو، ائين انڊيا جي زراعت کي تباهه ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي ته جيڪڏهن هنن علائقن (مصر، ايران ۽ هندستان جي ضلعن وغيره) ۾ ڪا جنگ ٿئي ۽ هتان جي آبپاشي سرشتي کي نقصان رسائي ته اهي علائقا صدين تائين غيرآباد ٿي وڃن ٿا.“[39]

ايتريقدر جو، ايشيا اندر وڏن شهرن جي واڌويجهه به يورپ جي وڏن شهرن جهڙوڪ پئرس، مانچسٽر، لنڊن وغيره، جي ڪاروباري شهرن وانگر نه ٿي پر هتان جا اڪثر وڏا شهر جهڙوڪ لاهور، دهلي، ملتان، آگرو وغيره فوجي جنرلن جا اڏيل شهر ۽ فوجي ڪيمپن جي حيثيت ۾ ايريا آهن ۽ ايتريقدر جو انڊيا ۾ ٻولي به لشڪري (اردو)

زبان طور پيدا ٿي چڪاڻ ته جتي لکن جي تعداد ۾ مختلف علائقن جي ماڻهن تي مشتمل فوج هوندي اتي رابطي لاءِ ٻولي ته گهربل هئي.

## مردار جاگيرداري:

اينگلس لکيو ته "سموري مشرق (اوڀر) ۾ جتي ڳوناڻي برادري يا رياست زمين جي مالڪ رهي آهي، اُتان جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ جاگيردار جو اصطلاح ئي نٿو ملي. اهي تُرڪ هئا، جن جيڪي مُلڪ فتح ڪيا، انهن ۾ زمين جي جاگيرداراڻي ملڪيت متعارف ڪرائي."[40]

جيتوڻيڪ، جاگيرداري نظام تاريخي طور تي ختم ٿي چڪو آهي پر ايشيا ۽ دنيا جي ٻين خطن ۾ اڃاتائين طاقتور حيثيت ۾ موجود آهي ۽ ڪٿي ڪٿي عالمي سامراج طرفان ان کي وري زنده ڪيو ويو آهي. جنهن دور ۾ سڄي دنيا اندر صنعتڪاري وڌي رهي هئي ته هتي (ننڍي کنڊ ۾ ڪجهه علائقن بنگال وغيره کانسواءِ) وري انگريز سامراج جاگيرداريءَ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ بدران ان کي مضبوط ڪيو، ۽ انهي مصيبت کي اڄ ڏينهن تائين پوڄيون پيا. مطلب ته سرمائيداري کي جاگيرداري سان ويڙهه ڪري ان کي ختم ڪرڻ گهربو هو (جيئن يورپ ۾ ٿيو.) پر هتي وري خود سرمائيداري (سامراجي) قوتن ان کي طاقتور بڻايو. انهيءَ وڏيرڪي نظام جون گهريون پاڙون رياستي ادارن (خاص ڪري فوج ۽ بيوروڪريسي) ۾ وجود رکن ٿيون.

اها وڏيرا شاهي سنڌين کي ڌارين قبضاگيرن ۽ قورن سان ٽڪر کائڻ ئي نٿي ڇڏي، ۽ دشمن پاران وچ ۾ ٽپيو، سنڌين کي دسائي ٿي. وڏيرا شاهي سنڌي عوام جي نڙي تي لت رکيو ويني آهي. عوام وڏيرن ۽ سندن دلال ڪامورن جي قرلٽ، ڌاڙ، ڌهڪاءَ، ڪوڙن ڪيسن، ڦرين، قيدن جي شڪنجي ۾ اهڙا ته قابو آهن، جو هن کي پنهنجي تن جو به هوش ڪونهي. تاريخي طرح به سنڌين جي تباهي جو ڪارڻ اندروني دشمن هئا، نه ته ٻاهرين کي مجال ئي ڪانه هئي، جو سنڌ کي زير ڪري سگهن.

## ذات پات جو نظام:

يورپ توڙي دنيا جي ٻين کنڊن ۾ ذات پات جي بنياد تي متڀيد رهيو آهي پر ذات پات جي صورت ۾ هڪ سماجي نظام جي مکيه خاصيت ۾ نه رهيو آهي جڏهن ته ننڍي کنڊ جي سماج جا بنياد ئي، جڻ ته، ذات پات جي نظام (برهمڻ، ويش، کتري ۽ شودر وغيره) تي ٻڌل

آهن. جنهن ۾ خاص ڪري اڇوت جن کي ڇهي به نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ، اسلام ۾ ذات پات جو نظام نه هو پر هتان جي هزارين سال پراڻي ثقافت سبب ان جي ڇاپ هتان جي مسلمان معاشرن تي پڻ پئي. ان ذات پات واري نظام جي شروعات ڪٿان ٿي؟ ۽ تاريخي طور تي ان جا ڪهڙا اثر ٿيا؟

- انديا ۾ قبيلائي سماجي نظام جي ٽٽڻ ڪانپوءِ پيداواري سرگرمي مختلف روپ اختيار ڪيا، جنهن پورهيي جي ورڇ جي اهڙي صورت کي پيدا ڪيو جنهن ۾ ماڻهن جو مخصوص گروهه مخصوص قسم جي ڌنڌي ۾ مصروف ٿيو. ان جي نتيجي ۾ نون پيداواري رشتن جنم ورتو جنهن کي ذات پات جي نظام جي شڪل ڏني وئي.
- آڳاٽي روم، يونان ۽ ٻين اولهه ايشيائي ملڪن جي غلامداري نظام ۽ انديا جي ذات پات جي نظام ۾ ڪو بنيادي فرق نه هو پر هڪ فرق اهو هو ته اُتي غلامن جو استحصال کليل نموني اعلانيه ڪيو ويندو هو ۽ هتي ساڳيو ڪم ذات پات جي لباس ۾ ڪيو ويو.
- انهيءَ مخصوص ذات پات جي نظام جي بنياد تي هتي خاص مذهبي ۽ نظرياتي_فلاسافيڪل سرشتي جنم ورتو جيڪو هندو ثقافت، هندو مذهب ۽ هندو فلسفي ۾ ظاهر ٿيو.
- ذات پات جي نظام هيٺ پيداواري سرگرمي غلامداري نظام کان سست رهي.
- ذات پات جي نظام خود ڪفيل ڳوناڻي نظام کي جنم ڏنو ۽ ڳوٺ اندر ماڻهو شيون پنهنجي ضرورت لاءِ ناهيندا هئا جڏهن ته تمام ٿورڙيون شيون مٽاسٽا لاءِ پيدا ڪندا هئا.
- غلامداري سماجي نظام ۾ استحصالي ۽ ڦورو طبقا پنهنجن غلامن جي محنت سان پيدا ڪيل واڌو شيون کپائي ڏوڪڙ حاصل ڪندا هئا ۽ عياشيون ڪندا هئا. انهيءَ مقصد خاطر اولهه ايشيا جي حڪمران طبقن انديا تي حملا ڪيا. انديا جا پنهنجا ڦورو طبقا خود ڪفيل ڳوناڻي سرشتي سبب مزاحمت نه ڪري سگهيا ۽ اڪثر حملي آورن هٿان شڪستون کاڌائون.
- ٻاهرين حملي آورن ڪانپوءِ شين جي مٽاسٽا ۾ جيڪو ٿورو گهڻو واڌارو ٿيو اهو به صرف حڪمران طبقن جي طلب پوري ڪرڻ تائين محدود هو.

- انهن ٻاهرين حملي آورن مان ڪو بہ ذات پات ۽ خود ڪفيل ڳوٺاڻي نظام جي بنيادن کي ڏاهي نہ سگهيو، نتيجو اهو نڪتو جو هندن جي مختلف ذاتين سان گڏوگڏ ”مسلمان ذات“ بہ پيدا ٿي پئي.[41]

اهي ئي سبب هئا جو جڏهن برطانيہ انڊيا تي قبضو ڪيو تہ مارڪس ان کي هڪ حوالي سان پليڪار ڪيو تہ ”انگريزن کي انڊيا ۾ بہ ڪم ڪرڻا آهن: هڪ ڏاهڻ وارو ۽ ٻيو ٺاهڻ وارو، آڳاٽي ايشيائي سماج کي ڏاهڻو اٿس ۽ ايشيا ۾ نئين اولهہ واري معاشري جا مادي بنياد وجهڻا اٿس.“[42] توقع اها هئي تہ برطانيہ جهڙو صنعتي ملڪ انڊيا ۾ وجي اتان جي چڙوچڙ زراعتي پيداواري نظام ۽ ڳوٺاڻي نظام کي ڏاهي اتي هڪ نئون جديد نظام اڏيندو. پر هتي بہ قصو ٺورو الٽ ٿي پيو تہ برطانيہ هتان جي آڳاٽي پيداواري نظام کي هڪ حد تائين تہ ڏاهيو پر ان جي جاءِ تي نئون جديد صنعتي پيداواري نظام نہ اڏيو. جيڪڏهن صرف هڪ شي کي ڏاهجي ۽ ان جي جاءِ تي ڪا نئين شي نہ اڏبي تہ نتيجو بهتري بدران وڌيڪ بدتري ٿيندو ۽ اهو حشر هن خطي سان ٿيو. اهو حشر صرف هن خطي (انڊيا) سان نہ پر جديد يورپي ملڪن پوري ايشيا ۽ آفريڪا سان بہ ڪيو جتي هنن ڪا خاص وڏي تبديلي نہ آندي الٽو انهن کي اڄ ڏينهن تائين ايشيائي ۽ آفريڪي پراڻين وبائن (قبائليت، بادشاهت، جاگيرداري، عورت جي گهريلو غلامي، وحشي رسمن ۽ قانونن) ۾ ڦاسائي رکيو. مارڪس لکيو تہ ”ان ۾ ڪوبہ شڪ نٿو ٿي سگهي تہ انگريزن جي اچڻ کان اڳ هندستان کي جيڪي عذاب ڀوڳڻا پيا، برطانيہ هندستان کي انهن کان وڌيڪ شديد عذاب ڏنا آهن.“[43] ”سرمائيدار تهذيب جي موروثي بربريت ۽ انتهائي منافقت اسانجي اکين اڳيان بي پرده ٿي وئي آهي، جيڪا پنهنجي گهر ۾ انتهائي احترام لائق صورت اختيار ڪيو ويٺي آهي، پر اها ڪالونيز ڏانهن وڃڻ وقت اگهاڙي ٿي پئي.“[44] انهي حُوالي سان جواهر لال نهرو لکيو تہ جڏهن اڪثر دنيا ۾ شهر وڌيا پئي ۽ ٻهراڙين جي ماڻهن شهرن ڏانهن رخ ڪيو پئي تہ عين ان وقت انڊيا ۾ برطانوي سامراجي اقتصادي پاليسين سبب انڊِيا جي شهرن جو ماڻهو بُک، بدحالي ۽ بيروزگاري سبب شهرن مان نڪري ٻهراڙين جو رخ ڪيو. مارڪس لکي ٿو تہ برطانيہ جي تجارتي پاليسي سبب ڍاڪا جي آبادي

جيڪا 150,000 هئي سان بدلجي 20,000 تي وئي. متيان نقطا هڪڙا تاريخي مسئلا آهن ۽ انهن کي سمجهڻ کانسواءِ سنڌي سماج کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪامياب نہ ٿي سگهندي.

جيتوڻيڪ، انهن تاريخي معاشي بيمارين (ايشيائي پيداواري نظام، مُردار جاگيرداري ۽ ذات پات جي نظام) جي پس منظر سميت جديد ٽيڪنالوجي ۽ صنعت جي ڪري هتان جي معاشي تاچي پيٽي ۾ وڏو فرق اچي چڪو آهي. مثال طور، اڳوڻيون وڏيون جاگيرن جي جاءِ ننڍن وڏيرن والاري آهي، ۽ انهن ننڍن وڏيرن جو سياسي ۽ سماجي اثر جيڪو اڳ ۾ پوري تر (ضلعي، تعلقي) تائين ڦهليل هوندو هو اهو هاڻي گهٽجي هڪ ٻن يوسيز تائين سڪڙجي ويو آهي. جنهنڪري، اڳ وارو سياسي وڏيرڪو، پيراڻو ۽ راجوڻو اثر پڻ گهٽجي ويو آهي، هاڻوڪي ووٽر، 50 سالن جي تجربي ڪانپوءِ، اهو سمجهي ورتو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن وڏيري کي ووٽ ڏيڻو آهي تہ وڏيري جي اثررسوخ سان گڏ پنهنجي ذاتي، گروهي ۽ راجوڻي فائدي کي بہ نظر ۾ رکڻو آهي. ڪنهن گهر ۾ جيڪڏهن پنج ڀائر آهن تہ پنجئي مختلف سياسي پارٽين ۽ وڏيرن جي پنيان هلن ٿا تہ جيئن وڏيرن وانگر هر دور ۽ هر حڪومت ۾ انهن جو اثر رسوخ هجي. هاڻي اڳوڻن آدرشن ۽ اصولن بدران ذاتي، گروهي ۽ راجوڻي مفادن جي بنياد تي تعلقات رکيا وڃن ٿا. اها سموري تبديلي معياري نہ پر مقداري نوعيت جي آهي.

هڪ اندازي موجب سنڌ اندر زراعت ۾ ڏڳن بدران مشينون اچي ويون آهن ۽ موسمي يا مستقل هارين بدران ڏهاڙي اجرت تي ڪم ڪندڙ پورهيتن جو تعداد تمام گهڻو وڌيو آهي. ها بلڪل پر اهو صنعتي ۽ شهري مزدور جي پيٽ ۾ ٽڙوپکڙ، غيرمنظم ۽ بي قائده آهي. تنهنڪري، ان کي يونين سازي ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي.

ذات پات واري تاريخي بيماري جا اثر هن وقت بہ سنڌ تي پون ٿا. اُتر سنڌ ۾ ذات جي بنياد سرداري ۽ قبيلائي نظام انتهائي طاقتور سماجي ۽ سياسي اثررسوخ رکي ٿو. هن وقت بہ سنڌ جي هينئين سطح جي سياست نظرياتي ۽ قومي بنيادن تي نہ پر ذات پات تي آڌاريل وڏيرڪي ۽ اليڪشني سياست جي ور چڙهيل آهي.

هن وقت بہ سنڌ ۾ ذات کان ٻاهر رشتيداري کي وڏو عيب سمجهيو ويندو آهي ۽ صدين کان برادري ۽ قبيلائي بنيادن تي محدود

هجڻ سبب مٿيون مائٽيون ۽ رشتا ناتا پڻ سوڙهن، ماساتن ۽ پڦاتن کان ٻاهر نہ جڙي سگهيا آهن. وڏو ڇيھہ ٿيندو تہ ڳوٺ، اجان اڳتي تہ پوءِ پلا ذات، مطلب تہ چانديا چاندين مان، سومرا سومرن سان، مگسي مگسين سان، شاھہ شاهن سان، راڄپر راڄپرن سان، سما سمن سان مٿيون مائٽيون ڪن ٿا. جتيوٽيڪ اهو عمل صرف سماجي بيماري نہ پر جسماني بيماريءَ جو پڻ سبب بڻجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ خاندانن اندر شاديون ڪرڻ سبب موروثي بيماريون بہ منتقل ٿين ٿيون.

جيتوڻيڪ، مذهبي حوالي سان هتان جي آباديءَ جي اڪثريت مسلمان آهي. پر ان باوجود ڪن ذاتين بابت ٽوڪون ۽ ٺٺولون، تہ ڪن ذاتين کي اعليٰ ۽ معتبر سمجهيو ويندو آهي. مختلف علائقن ۾ مختلف ذاتين کي نفرت جي نگاھہ سان ڏٺو ويندو آهي مثال طور ادا فلاڻي ذات "ڏڻير ذات آهي"، فلاڻي ذات "هلڪڙي" ذات آهي، فلاڻا "گهٽ ذات"، "نياڳي" ۽ "نڪمي" ذات وغيره.

پاڪستان ۾ وري گذريل سٺ سالن دوران مختلف فوجي آمرن طرفان متعارف ڪرايل لوڪل باڊيز جي مختلف نمونن سنڌ ۽ پاڪستان اندر موجود ذات پات جي نظام جي باقيات کي ڀيهر جيئاري ۽ سگهارو بڻايو. مطلب تہ ڪابہ سياسي ۽ سماجي جدوجهد هلائڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون آهن انهن ۾ ٻين مصيبتن سان گڏ هتي جو ذات پات جو نظام بہ آهي ۽ اهڙي مصيبت يورپ، روس، چين ۽ ويٽنام ۾ نہ هئي.

جيتوڻيڪ، سنڌ سياسي طور تي ڪنهن بہ ڌاري ملڪ جي سڌي ريت غلام ناهي رهي ۽ سڌي ريت وڏيرا شاهي جي غلام آهي پر ان وڏيراشاهي ۾ وري هڪ ذات آهي جيڪا اٽڪل 5 کان 10 سيڪڙو مس ٿيندي پر سنڌ جي وڏيرڪي سياسي اقتدار جو 40 کان 50 سيڪڙو ان مخصوص ذات تائين محدود آهي. اڻ اعلانيہ سنڌ تي ان ذات جي حڪومت آهي.

جيئن تہ ڪنهن قوم جي سماجي نفسيات، ثقافت، سياست، عقيدا، روايتون ۽ رويا صدين جي سفر ۾ ٺهندا ۽ ڊهندا آهن. انهن مقداري تبديلين باوجود ان تاريخي بيماريءَ (ايشيائي پيداواري سرشتي، مردار جاگيرداري ۽ ذات پات) سبب هتان جا سياسي نظام اڪثر آپيشاهاڻا ۽ آمريتي رهيا آهن، فڪري طور تي ڏُڪار رهيو آهي ۽ سموري زندگيءَ ڏانهن رويو ئي فراريت، "مڙئي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪرڻ"، "ڪجھہ

گذري وئي آ، ۽ ڪجھ گذري ويندي“ قسمت، نصيب ۽ تقدير تي پاڙڻ ۽ عفودرگذر وارو پئي رهيو آهي جنهن جو اظهار هتان جي سياست، اخلاق، فلسفي، مذهب، تعليم ۽ تربيت جي صورت ۾ به ملي ٿو. انهن تاريخي معاشي بيمارين سميت جديد صنعتي بيماري به وڏي مصيبت بڻيل آهي.

## غيرسنڌي سرمائيدار، سنڌي صنعتي مزدور جي اقليت ۽ غيرڪاروباري مڊل ڪلاس

مارڪس 1867ع ۾ ”داس ڪيپٽل“ جي پيش لفظ ۾ جرمني جي صورتحال کي برطانيه جي سرمائيداري سان ڀيٽ ڏيندي لکيو ته ”اسين (جرمن ماڻهو) باقي اولهه يورپ کنڊ جي سيني ماڻهن وانگر، ٻين سمورن معاملن (دائرن) ۾، نه صرف سرمائيداراڻي پيداوار جي ترقي کي، پر ان جي اڻپوري ترقي کي به ڀوڳيون ٿا. جديد بڇڙاين سان گڏوگڏ، ورثي ۾ مليل بڇڙاين جو هڪ پورو سلسلو اسانکي ڪچلي ٿو، جيڪو آڳاٽن پيداواري طريقن جي جامد (غيرمتحرڪ) بچيل حصن، سندن اڻٽر سماجي ۽ سياسي (تاريخي غلطين) دقيانوسي روايتن جي قطار (قافلي train) سان گڏ ايري ٿو. اسين نه صرف زنده، پر مردن (جي مصيبت) کي پڻ ڀوڳيون ٿا.“[45] جيتوڻيڪ، مارڪس ان ۾ 1850ع واري ڏهاڪي جي جرمني جي پنتي پيل حالت جو ذڪر ڪيو آهي ته جرمني نه صرف سرمائيداريءَ جي مصيبتن کي پر اڻپوري سرمائيداريءَ جي بڇڙاين کي منهن ڏئي پئي. پر جيڪڏهن هتان جي حالتن جي جرمنيءَ سان ڀيٽ ڪجي ته اسين ته اڃان ان ڏاڪي تي به نه پهتا آهيون جتي ان وقت جرمني هئي. مادي حالتون ته پري جي ڳالهه پر فڪري طور تي به اسانجو سماج ان ڏاڪي تي نه پهچي سگهيو آهي. هتي مردار جاگيرداري نه صرف وري زنده ڪئي وئي آهي پر اڻپوري سرمائيداري جي مصيبت به آهي ۽ اهم ڳالهه ته اها سرمائيداري به هتان جي اصلوڪن رهواسين جي ناهي.

روس، چين ۽ ويٽنام وٽ (ٿورو گهڻو) پنهنجو سرمائيدار هو، جڏهن ته سنڌ اندر جيتري به سرمائيداري (خاص ڪري ڪراچي، حيدرآباد، نوري آباد ۽ ڪوٽڙي ۾) آهي اها بدقسمتي سان غيرسنڌي (پنجابي، پناهگير، ڪاٺياواڙي ۽ گجراتي ميمڻ) سرمائيدارن وٽ آهي جيڪي سنڌ جي مفادن لاءِ ويڙهه ڪرڻ کي ڇڏ ته پنهنجي لاءِ گار

سمجهن ٿا. جيڪا بہ صنعتڪاري آهي اها وري شهرن ۾ آهي جتي وري يوپي سي پي ڪان آيلن، پناڻن، بنگالين، افغانين، برمين ۽ بلوچن وغيره جي لوڏ ويني آهي. مطلب تہ تاريخي حوالي سان جيڪي بهتر ڪم (جاگيرداري کي ختم ڪرڻ) سرمائيداري کي ڪرڻا هئا، سي تہ ان نہ ڪيا پر سرمائيداري سبب جيڪي بهتر ڪم ٿين ٿا (وڏن شهرن جو اڏجڻ، روزگار جا موقعا، وڏين تنظيمن ناهڻ جا موقعا، ننڍا وڏا ڪاروبار ڪرڻ، بهتر ۽ معياري قسم جي تعليم، بين الاقوامي دنيا سان ڳنڍيل هجڻ، عالمي سطح تي ٿيندڙ تبديلن جا اثر وغيره) تہ بہ انهن جا فائده سنڌي ريت سنڌي عوام کي ناهن مليا. پر ان کان بہ اهم ڳالھ هي آهي تہ مٿين صورتحال سبب سنڌ جي شهرن ۾ موجود ڪارخانن ۾ سنڌي مزدور اٽي ۾ لوڻ برابر پئي رهيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ وقت هندو_مسلمان فساد ڪرائي هتان جي پڙهيل لکيل سنڌي هندو آبادي کي لڏايو ويو جيڪو خال وري ڪارا قانون ٺاهي زوري ٻاهران آيل يوپي سي پي وارن هٿان پريو ويو. معاملو ان حد تائين پهتو آهي جو ڪراچي جهڙي اهم شهر ۾ اقتصادي موقعا تہ پري جي ڳالھ پر خود تعليم جا رستا بہ سنڌي شاگردن لاءِ بند ڪيا ويا آهن.

ويجهڙ واري عرصي ۾ اهو ٿيو آهي جو نوڪرين، شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ۽ يونيورسٽيز جي ڪري سنڌ ۾ سنڌي مڊل ڪلاس (ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل، ننڍو ڪاروبار ڪندڙ، ٽرانسپورٽر، واپاري، سرڪاري ملازم جي صورت ۾) پيدا ٿيڻ شروع ٿيو آهي جيڪو اجان غيرمنظم آهي. ان جو هڪڙو اهم سبب وڏا تعليمي ادارا آهن جتي گذريل 30 سالن کان سياسي غنڊه گردي سبب سنڌ جو مڊل ڪلاس تہ پيدا ٿيو پر اهو سياست کان بيزار بہ ٿي پيو. اهو تاريخي ڏک جن بہ ڪيو انهن کي غدار سمجهڻ گهرجي. هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌ جي تعليمي ادارن کي يرغمال بڻايو ۽ لکين نوجوان شاگردن کي غيرسياسي بڻائي ڇڏيو. مثال طور هن وقت بہ حيدرآباد جي پسگردائي ۾ سنڌ جا چار وڏا تعليمي ادارا (سنڌ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي سميت ٻيا ننڍا وڏا تعليمي ادارا) موجود آهن جتي گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار شاگرد زير تعليم اهن پر گذريل ڪيترن سالن کان انهن تعليمي

ادارن جي شاگردن طرفان قومي، جمهوري، طبقاتي جدوجهد ته پري جي ڳالهه خالص تعليمي مسئلن جي حل لاءِ به ڪا جدوجهد ناهي ٿي سگهي.

ٻيو مسئلو اهو آهي ته مڊل ڪلاس جي اڪثريت ڪاروباري ناهي پر ملازمت پيشه (سروس سيڪٽر) مان پيدا ٿي آهي. جيڪا پڻ غيرسياسي ٿي وئي يا ڪليل سياست نه ڪري سگهي.

### عورت جي غلامي کان بدتر حيثيت:

هن وقت عالمي سطح تي مسلمان دنيا، سياسي ۽ جاگرافيائي حوالي سان انتهائي اهم حيثيت هئڻ باوجود، سيني کان پوئتي پيل آبادي آهي، جتي 21 صدي ۾ به بادشاهي، قبائلي، آمريتي ۽ مذهبي قسم جون حڪومتون انتهائي مضبوط حيثيت ۾ موجود آهن. جيتوڻيڪ موجوده دنيا جي گولي تان عالمي طور تي غلامداري نظام جو خاتمو ٿي چڪو آهي پر هن وقت به مسلمان علائقن ۾ غلامداري دور جون علامتون نمايان صورت ۾ موجود آهن جنهن جو سڀ کان وڏو مثال عورت جي غلامن کان بدتر حيثيت آهي، هن وقت به شادي جي صورت ۾ ٽڪن تي نياڻين جو وڪرو، ڪنهن ڏوهه جي ڏنڊ ۾ عورت کي عيوضي طور ڏيڻ، عورتن جا ننڍپڻ ۾ رشتا طئي ڪرڻ وغيره جهڙيون ڪٽيون رسمون ۽ رواج شامل آهن.

### گهر: سهٽا ۽ ڪليل جيل:

عورت صدين کان وٺي غلام پئي رهي آهي. يورپ هجي توڙي ايشيا ۽ آفريڪا عورت سان تمام گهڻو ظلم ٿيو آهي. پر عورت جي معاملي ۾ جيڪا مصيبت اسانجي ڳچي ۾ پيل آهي اها يورپ توڙي روس، چين ۽ ويٽنام ۾ نه هئي. اهو آهي پردو. توڻي جو، اسانجي معاشري ۾ مرد به مظلوم آهي پر ان کي دانهن ڪوڪ ڪرڻ، گڏجڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ، سماجي ڪاروهنوار ڪرڻ جي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين اجازت پئي رهي آهي پر عورت جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ٿي ته مٿان برقعو وجهيو هلي ته نيڪ نه ته عذاب. يعني چهرو، آواز ۽ ڳالهائڻ ته پري جي ڳالهه پر پردي کان ٻاهر هٿ به نه ٿي ڪڍي سگهي، ڪنهن ڏي نهاري به نه ۽ ٻين سيني مردن کي حق هجي ته اهي ان برقعي ۾ بند عورت کي به سندس پيرن کان مٿي تائين وحشي نظرن سان گهوري گهوري ڏسن ۽ موٽ ۾ وري اها عورت عزت ۽ معاشري

جي ڊپ کان احتجاج به نه ڪري سگهي. ڪنهن به ملڪ اندر ڏوهارين کي سزا ڏيڻ لاءِ جيل ٺاهيا ويندا آهن جتي ڪڪڙ جي چوري کان وٺي زنا ۽ خون جهڙن ڏوهن جي مجرمن کي قيد پوڳڻي پوندي آهي پر ان جو به مخصوص مدو هوندو آهي ۽ وڏن ثبوتن ۽ شاهدين ۽ عدالتي ۽ پوليس ڪارروائين ڪانپوءِ ڏوهاري کي سزا ٻڌائي ويندي آهي پر ان جي بلڪل ابتڙ اسانجي معاشري ۾ عورتن کي بغير ڪنهن ڏوهه جي، بغير ڪنهن شاهدي جي، بغير ڪنهن عدالتي ڪارروائي جي، پيدا ٿيڻ صورت ئي ڪيس ”عورت هجڻ واري ڏوهه“ ۾ ٿوري مدت جي سزا نه پر عمر قيد جي سزا ڏني ويندي آهي جنهن لاءِ سرڪاري جيل نه پر سندن گهر، جن جا دروازا هر وقت ڪليل هوندي به، اهي عورتون انهن دروازن کان ٻاهر نٿيون وڃي سگهن جن کي ڪليل جيل چئي سگهجي ٿو جتي ڪي به سپاهي بيٺل نه هوندا آهن.

### فالج زده آبادي ۽ غيرت:

رسول بخش پليجي لکيو ته ”سنڌ جي ماڻهو ۾ جيڪي بيماريون آهن انهن جو وڏو ڪارڻ مائرن جي غلامي آهي“. ظاهر ڳالهه آهي ته جنهن گهر ۾ هڪ ٻار صبح شام پنهنجي پيءُ هٿان پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ جي بي عزتي ٿيندي ڏسندو هجي ۽ ان تي ڪو به ردعمل نه ڪري. ڇاڪاڻ ته مرد (پيءُ) کي حق آهي ته اهو عورت سان جهڙو وڻيس اهڙو سلوڪ ڪري ڇو ته اها سندس ذاتي ملڪيت هوندي آهي اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيل ٻار ۾ ڪهڙي مڙسي ۽ ڪهڙي غيرت هوندي، جنهن ماڻهو کي ننڍپڻ کان ئي ماءُ ۽ ڀيڻ سان ٿيندڙ ظلم تي غيرت نٿي اچي سو وري ڪيئن قوم، وطن، مظلوم طبقي ۽ ٻين لکين انسانن سان ٿيندڙ ظلم تي ڪهڙي ڪاوڙ ڪندو!؟

ڪنهن به سماج جي آبادي جو اڌ حصو عورت هجي ٿي ۽ جيڪڏهن اها اڌ آبادي ان سماج جي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي ويڙهه ۾ شريڪ نه ٿي سگهي ته ان سماج جو اڳتي وڌڻ ناممڪن هوندو. (جيتوڻيڪ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ٿيندڙ اقتصادي سرگرمي ۾ عورت جو مکيه ڪردار آهي پر موٽ ۾ ڪيس ڪجهه به نه ٿو ملي ۽ الٽو ظلم ۽ جبر به ڪيو وڃي ٿو.) مطلب اڌ آبادي فالج جي مرض ۾ ورتل هجي پلي پوءِ جسم جو ٻيو اڌ ڪيترو به صحتمند ڇو نه هجي اهو ڪجهه به

نہ ڪري سگھندو ۽ جيئري لاش وانگر ڪٽ تي پيو هوندو. نتيجي طور ان سماج جي مرد تي وري ٻيٽو وزن پوي ٿو. مثال طور جيڪڏهن هڪ گھر ۾ هجن 8 ڪان 10 ڀاتي تہ گهٽ ۾ گهٽ 5 ڪان 6 تہ عورتون هونديون ۽ اهي مرد وري غيرت جي نالي ۾ سيني گهرياتين جو وزن پنهنجي ڪلهي تي کڻي هلڻ پنهنجو فرض سمجهندو ۽ سڄي زندگي صرف ئي صرف گهر ئي هلائي سگهندو تہ سمجهبو وڏو ڪم ڪري ڇڏيائين. ۽ پوءِ وري اهوئي مرد سياسي ۽ نظرياتي جدوجهد بہ ڪري، موچڙا بہ کائي، جيل بہ وڃي، مظاهرا بہ ڪري مطلب تہ اهو خود ان مرد لاءِ بہ ٻيٽو عذاب ٿي پوي ٿو. تنهنڪري عورت جي سياسي سماجي جدوجهد ۾ شرڪت نہ ڪرڻ سبب 50 کن مسلمان مُلڪن ۾ ڪٿي بہ سماجي انقلاب نہ اچي سگهيو آهي. اسان جهڙن معاشرن ۾ عورت جي سياسي شرڪت ۽ اڳواڻ دستي واري ڪردار ڪانسواءِ ڪنهن بہ قسم جي سياسي، سماجي آزادي جو تصور ڪرڻ بہ فضول ٿيندو.

عورت جي گهريلو غلامي ۽ غيرت واري عنصر سبب مرد پڻ گهر جو ڪڪڙ ٿي وڃي ٿو. مثال طور هن وقت عراق ۽ افغانستان ۾ موجود آمريڪي فوج کي ڏسي ردعمل ۾ عراقين ۽ افغانين کي سخت ڪاوڙ ۽ غصو ٿيندو هوندو. ۽ جڏهن ڪنهن ملڪ اندر ڪو ماڻهو پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿاريندو ۽ احتجاج ڪندو آهي تہ ملڪ جي پوليس يا فوج مٿس تشدد ڪندي آهي يا ڪيس گرفتار ڪندي اهي ۽ ان تي ماڻهو کي ڪاوڙ ايندي آهي پر جڏهن ڪا قوم اندروني طور تي پنهنجن پنهنجن گهرن اندر هڪڙي ناڪاره، هيسايل، دٻايل، پيڙهيل ۽ ويچاري عورت جي صورت ۾ هڪڙي قسم جي فوج يا پوليس جي گهيري هيٺ هجي ۽ اهو ماڻهو جڏهن سماج ۾ ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي خلاف ويڙهہ ڪرڻ چاهي يا جوکم کڻڻ، وڏو سفر ڪرڻ، ويڙهہ ڪرڻ ۽ ٻاهر وڃڻ چاهيندو تہ اهي عورتون ڪيس صبح شام روڪينديون ۽ حالت اها هوندي تہ ماڻهو ڪاوڙ بہ نہ ڪري سگهندو ۽ مجبور ٿي پنهنجي پنهنجي گهر ٿيو وينو هوندو ۽ ان ڪليل جيل منجهان ڪو قيدي ٻاهر نہ ڀڄي وڃي ان لاءِ غيرت واري چوڪيداري بہ ڪندو.

## ڳوناڻو سرشتو (هڪ مڪمل "دنيا"):

هتان جي ڳوناڻي دنيا سبب هتان جي ماڻهو ۾ سماجي تنگ نظري، نفسياتي لاتعلقي ۽ فڪري ڏڪار رهيو آهي جيڪو ڪنهن بہ

نئين سماجي تعلق، قومي ۽ بين الاقوامي ڳانڍاپي ۽ عقل ۽ سمجھ جي رستا روڪ ڪندو رهيو آهي جنهنڪري هتان جو ماڻهوءَ ”گهر جو ڪڪڙ“ رهندو آيو آهي. اسانجي ٻهراڙين ۾ اڪثر چيو ويندو آهي تہ ”سڄو جهان“ فلاڻي جي خلاف آهي، ”دنيا جهان“ جا ماڻهو هئين چون ٿا، ”سڄي دنيا ۾ هي ڳالھ پئي هلي“، ”سڀ ماڻهو هڪ پاسي باقي تون ٻئي پاسي“. هن وقت بہ اهي لفظ ”سڄو جهان“، ”دنيا جهان“ ۽ ”سڄي دنيا“ اسانجي ٻهراڙين ۾ عام جام ورجايا ويندا آهن جن جو مطلب هوندو آهي اسانجو ”ڳوٺ“.

مارڪس ننڍي کنڊ جي ڳوناٺي نظام بابت لکيو تہ ”اسانکي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ اهي دلڪش ڳوناٺيون برادريون، توڙي جو ظاهري طور تي غيرجارح لڳن ٿيون، سدائين ڪان اوڀر جي مطلق العنانيت (آمريت) جا نوس بنياد رهيون آهن، انهن انساني ذهن کي سڀ ڪان ننڍڙي دائري ۾ قيد ڪري رکيو، ان کي وهمن ۽ عقيدن جو غيرمدافعتي اوزار بڻائي ڇڏيو، ان کي روايتي رسمن جو غلام بڻايو، ان جي سموري جاھ و جلال (شان شوڪت) ۽ تاريخي توانائيءَ ڪان محروم ڪري ڇڏيو.“[46] برطانوي حڪومت جي هڪ رپورٽ جو حوالو ڏيندي مارڪس وڌيڪ لکي ٿو تہ ”ڳوٺن جو حدون مڙئي ڪڏهن ڪو تبديل ٿيون هونديون: ۽ جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺن کي نقصان بہ ٿيو هوندو، ۽ ايتريقدر جو جنگ، ڏڪار يا بيمارين سبب اهي ڳوٺ تباھ ۽ برباد بہ ٿيندا رهيا، پر صدين تائين انهن جا نالا ساڳيا، سرحدون ساڳيون، مفاد ساڳيا، ۽ ايتريقدر جو خاندان بہ ساڳيا ئي رهيا. بادشاهتن جي ورهاست ۽ ٽٽڻ ڳوناٺن لاءِ ڄڻ تہ ڪو مسئلو ئي نہ هو: جڏهن تہ ڳوٺ ساڳيا ئي رهيا، هنن کي پرواھ نہ هئي تہ ڪين ڪهڙين طاقتن جي اقتدار ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي، يا مٿن ڪهڙي حڪومت جو اختيار آهي: ان جي اندروني اقتصادي زندگي تبديل نہ ٿي.“[47]

خود ڪفيل ڳوناٺي نظام اندر ماڻهو شيون پنهنجي ضرورت لاءِ ناهيندا هئا جڏهن تہ تمام ٿورڙيون شيون مٽاسٽا لاءِ پيدا ڪندا هئا. ٻين خطن جي غلامداري سماجي نظام ۾ استحصالي ۽ ٿورو طبقا پنهنجن غلامن جي محنت سان پيدا ڪيل واڌو شيون ڪپائي ڏوڪڙ حاصل ڪندا هئا ۽ عياشيون ڪندا هئا. انهيءَ مقصد خاطر اولهندي ايشيا جي حڪمران طبقن انڊيا تي حملا ڪيا.

تاريخي طور تي انهيءَ خود ڪفيل ڳوناٽي سرشتي سبب خود هتان جي ڦورو طبقن خلاف موثر مزاحمت نہ ڪئي وئي ۽ اڪثر حملي آورن هتان شڪستون بہ مليون.

## ٻاهريون يلغارون ۽ جنگن جو داستان:

جيڪا قوم سدائين ڌارين يلغارن جو شڪار رهي هجي ان جي نفسيات، مزاج، لاڙن، عادتن ۽ ارادن ۾ ان جو عڪس نظر ايندو آهي ۽ ان جي اخلاقي ۽ سياسي سرگرمي ۾ ان جي جهلڪ نظر ايندي رهندي آهي. مثال طور هتي ڪنهن وڏي حادثي ۽ ڏک جي اظهار لاءِ "گهوڙا ڙي گهوڙا" جون دانهون ڪيون ويندڀون آهن. اهي دانهون اصل ۾ انهيءَ تاريخي ۽ سلسلي وار گهوڙي سوار فوجن جي يلغارن جي ياداشت آهن. ننڍي کنڊ تي هميشہ کان ڌارين، آرين، ايرانين، يونانين، عربن، تاتارن، منگولن ۽ انگريزن، هڪٻئي پٺيان ڪيتريون ئي خونريزه ڪاهون ڪيون. ساڳئي ريت سنڌ تي بہ سدائين کان ٻاهرين قوتن ڪاهون پئي ڪيون آهن پر انهن سمورن حملن کان وڌيڪ وڏي ڪاهہ وري يوپي ۽ سي پي جي آبادڪارن ڪئي. جن هتان جي شهرن تي مستقل طور تي قبضو ڪري ورتو آهي.

## انگريز سامراج ۽ پاڪستان:

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ گڏيل هندستان ۾ انگريز سامراج مسلمانن سان تعصب ڪندي هندستان جي موجوده علائقن ۾ تمام گهٽيون تبديليون آنديون، جڏهن تہ ان جي بلڪل ابتڙ، موجوده پاڪستاني علائقن کي هندستان جي ٻين علائقن کان بدتر حالت ۾ رکيو. جنهن جا ڪجهہ مثال هي آهن (1) هنن علائقن ۾ هڪ بہ يونيورسٽي نہ کولي وئي (جڏهن تہ ممبئي، مدراس ۽ ڪلڪتي ۾ يونيورسٽيون کوليون ويون)، (2) هتي ڪارخانا نہ لڳايا ويا، (3) هتي گهڻو زور، خاص ڪري پنجاب مان، فوج ڀرتي ڪرڻ تي ڏنو، (4) سنڌ کي ممبئي سان ڳنڍي ڇڏيو، پختونن جي علائقي کي هڪ فوجي سرحد (فرنٽيئر) جي حيثيت ۾ رکيو ۽ بلوچستان کي تہ صوبي جو درجو بہ نہ ڏنو، پوءِ عليحدگي وقت هترادو مذهبي رتوڇاڻ ڪرائي زبردستي لڏپلاڻ ڪرائي وئي. نتيجي ۾، سنڌ جي ڏورو اڳتي وڌيل (هندو) آبادي هتان لڏي وئي ۽ هتي ڌارين جي لوڏ مڙهي وئي وغيره. مطلب تہ ڪن

تاريخي مسئلن سان گڏوگڏ ان دور جي پيدا ڪيل مسئلن ڪي اڄ ڏينهن تائين سنڌ سياسي، معاشي ۽ انتظامي طور پوڳي رهي آهي. ان تاريخي ورثي جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو فوج، عدليہ، قانونيہ جهڙن اهم رياستي انتظامي ڍانچن ۾ نہ هجڻ برابر رهيا ۽ انهن تي پنجابين ۽ پناهگيرن قبضو ڪري ورتو.

## گهڻ طرفي بالادستي ۽ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو:

گذريل 63 سالن کان اسان صرف ڪنهن هڪ سامراجي بالادستي نہ پر گهڻ طرفي ظلم ۽ جبر جو شڪار آهيون جنهن ۾ (1) آمريڪي سامراج، (پاڪستان اندر فوجي آمريتن جي مدد ڪندڙ، نسلي ۽ مذهبي دهشتگردي جا بنياد وجهندڙ ۽ پالنا ڪندڙ، اقتصادي ۽ انتظامي طرح لولو لنگڙو بنائيندڙ، پاڙيسري ملڪن سان ناتا خراب بنائيندڙ، جاگيرداري ۽ قبائليت جي مدد ڪندڙ، جمهوري حڪومتن ڪي ڊاهيندڙن جي مدد ڪندڙ، سياسي اڳواڻن ڪي مارائيندڙ ڪير؟ جواب آهي سامراج. مطلب تہ پاڪستان جي جمهوري، قومي، سيڪيولر، ترقي پسند ۽ طبقاتي سوالن تي ٿيندڙ جدوجهدن آڏو وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ عالمي سامراج پئي رهيو آهي.) (2) پاڪستان جي مستقل حڪمران ٽولي جي حاڪميت، (3) سنڌ اندر ڌارين جي بالادستي ۽ (4) اندروني طور تي وڏيرن، جاگيردارن، سردار ۽ پوتارن جي غلامي شامل آهن. ان مان ٽيون ۽ چوٿون مسئلو بنيادي نوعيت جو آهي چاڪاڻ تہ ڪنهن بہ ٻاهرين قوت سان وڙهڻ هڪ حد تائين آسان هجي ٿو بہ نسبت ان قوت جي جيڪا اوهان جي گهر ۾ ويٺي هجي ۽ اوهانجي وجود جي دشمن هجي ۽ سڌي ريت اسانجي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي جدوجهد ۾ رڪاوٽ وجهي ۽ ان ڪي نقصان پهچائي ٿي.

دنيا جي سمورا ترقي يافتہ ملڪن جي تاريخ ۾ انهن ملڪن جي رهواسين سان ظلم ٿيو آهي پر تاريخ جي ڪجھ قومن ڪانسواءِ ڪنهن بہ قوم سان هي مسئلو ناهي رهيو. يعني پنهنجي ملڪ اندر رهندڙ آبادي ڪي پنهنجو پاڻ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو هجي. جيئن ريڊ انڊين سان ٿيو.

ايتريقدر جو، اسانجا شهر اسانجا ناهن، دنيا جون مختلف جديد قومون جيڪي پنهنجيون اقتصادي، سياسي جمهوري ڪنديون آهن

انهن کي پهريان محاذ شهر مهيا ڪندا آهن، جتان اهي پوري دنيا سان ڳنڍيل هجن ٿا، ۽ اهي شهري مورچا گذريل سٺ سالن کان، ڄڻ ته، سنڌ کان کسيا ويا آهن. انهي ڌاري آبادڪاري وٽ سياسي اقتدار به آهي، ته نوڪرين تي قبضو به آهي ۽ تعليمي ادارن جا رستا به قانوني طور تي بند ڪيو وينا آهن، جيڪڏهن ائين ڪا ٻاهرين (آمريڪي، برطانوي سامراجي قوت) ڪري ها ته معاملو ٻئي ٿيو هجي ها. مطلب ته اسان تي وزن تمام گهڻو آهي ۽ ٻيو ان کي گهٽائڻ يا حصيدار ٿيڻ جا پاسا بند آهن.

## ننڍي قوم منجهان هجڻ:

انهن ڇئن مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيڪا قوت عام طور تي گهربل هوندي آهي اها بدقسمتي سان اسان وٽ ناهي ڇاڪاڻ ته اسين پاڪستان جي ننڍي قوم منجهان آهيون. اهڙي صورتحال نه روس سان هئي، نه چين سان ۽ نه ئي ويٽنام سان. گهٽ ۾ گهٽ اهي سڀ ڪنهن ٻاهرين سامراجي طاقتن جي ظلم جو شڪار رهيا، روس آزاد ملڪ هو، چين نيم آزاد ۽ ويٽنام مڪمل قبضي هيٺ هو، پر اهي پنهنجن پنهنجن ملڪن جي وڏين قومن منجهان هئا. ٻيو ته سنڌن شهرن تي سنڌن قوم جي مالڪي هئي. جيڪڏهن پاڪستان اندر پنجاب سان اها ويڌن هجي ها ته شايد ڪڏهوڪو کي فتحون ماڻي چڪو هجي ها. ڇاڪاڻ ته اسان هڪ ئي وقت عالمي سامراجي ۽ ملڪي وفاقي بالادستي خلاف ڪمزور ۽ ننڍي قوم هوندي وڙهڻ تي مجبور آهيون.

## پاڪستان: هڪ عسڪري ۽ بيوروڪريٽڪ رياست

بنيادي طور تي پاڪستان جي اصل اقتدار ڌڻين پنهنجي پوري تاريخ ۾ مڪيه طرح ٻن ايجنڊائن، سامراج پرستي ۽ آمريتي راڄ، تي عمل پئي ڪيو آهي ۽ انهن ٻن پاليسين کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ٻيا ڪوڙ سارا ”ڪم“ سرانجام ڏنا آهن. پاڪستان هڪ ”آزاد ۽ خودمختيار“ مملڪت ٿيڻ کانپوءِ برطانيه بدران ٻي سامراجي طاقت جي ڪالوني طور پئي ڪم ڪيو آهي. پاڪستان اندر آمريتي حڪومتون سدائين آمريڪي سامراجي جي مدد سان ئي هليون ۽ وڌيون آهن ۽ آمريڪي سامراج اربين کربين ڊالر ڏئي آمريتي قوتن کي تاتي مواڙ ڪندو رهيو آهي ۽ خود پاڪستان جي بجيٽ جو وڏو حصو پڻ انهن ئي قوتن تي خرچ ٿيندو رهيو آهي. جنهن ڪري دنيا ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ

هڪ عسڪري رياست طور ڪئي وڃي ٿي. نتيجي طور پاڪستان اندر جڏهن به ڪو جمهوري عمل شروع ٿيو آهي يا جڏهن به ڪنهن ننڍي قوم طرفان پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي وئي آهي تڏهن آمريتي راڄ مڙهي انهن قوتن کي ڪچليو ويندو رهيو آهي. سٺ سالن جي تاريخ ۾ جڏهن به ڪنهن ننڍي قوم طرفان مارشلا خلاف جدوجهد ڪئي وئي ته انهن کي غدار سڏيو ويو ۽ اهو چيو ويو ته ”ملڪ جي سالميت“ کي خطرو آهي.

**مضبوط فوجي راڄ ۽ ڪمزور سياست:**

جيڪڏهن مضبوط فوجي راڄ جي حوالي سان پاڪستان جي ڀيٽ روس ۽ چين يا ويٽنام سان ڪئي وڃي ته صورتحال ساڳئي نظر ايندي. ڇاڪاڻ ته روس ۾ انقلاب کان اڳ آمر زارشاهي وٽ هڪ طاقتور فوج هئي، پر انقلاب وارن ڏينهن ۾ اها هڪ هارايل فوج هئي. چين ۾ پڻ چيانگ ڪائي شيڪ جي صورت ۾ فوجي آمريت هئي ۽ ويٽنام ۾ به هئي ۽ انهن ٻنهي ملڪن ۾ سياست حالت جنگ ۾ ٿيندي رهي. پر فرق اهو هو ته انهن فوجي قوتن جي آڏو طاقتور سياسي قوتون به هيون، جڏهن ته پاڪستان ۾ ابتدا کان وٺي فوجي قوتون ئي طاقتور پئي رهيون آهن ۽ سياسي ادارا ڪمزور رهيا آهن. ان جون پاڙون پڻ انگريز راڄ تائين وڃن ٿيون.

پاڪستان ۽ انڊيا جي ورهاڱي ڪانپوءِ انڊيا اندر ڪانگريس جي صورت ۾ هڪڙي مضبوط ۽ تجربيڪار سياسي قوت هئي جنهن اقتدار جون واڳون سنڀاليون. جڏهن ته ان جي ابتڙ پاڪستان نهڻ کان ترت پوءِ جناح گذاري ويو ۽ ان وقت مسلم ليگ جي حيثيت نالي ماتر هئي، ان جي قيادت جي اڪثريت جاگيردارن، نوابن ۽ ٻاهر کان آيلن وٽ هئي جن جون پاڙون هتان جي عوام ۾ نه هيون ۽ انهي ۽ سياسي خال کي بيوروڪريسي ۽ فوج ڀريو. پوءِ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. وڏيرا شاهي وري انهن جي جونيئر پارٽنر رهي آهي. (عوام کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ هتانجي اسٽبلشمينٽ هميشه هر پنجن ۽ ڏهن سالن ڪانپوءِ پنهنجيون ”سياسي جماعتون ۽ اڳواڻ“ پيدا ڪندي رهي آهي، ڪڏهن ”الف“ ليگ، ته ڪڏهن ”ق“ ليگ وغيره.) تاريخي طور تي پاڪستان جي وسيع تر عوام کي سياسي تجربو نه هجڻ ۽ مضبوط

سياسي ادارن جي نہ اسرڻ سبب طاقت جو توازن هميشہ فوجي ۽ سول آمريتن جي پاسي رهيو آهي. تنهنڪري پاڪستان اندر جيڪي مکيہ تضاد آهن انهن ۾ هڪڙو وڏو تضاد فوجي آمريتن ۽ سياسي قوتن وچ ۾ رهيو آهي.

**مذهبي فرقيواريت، جنونيت ۽ خودڪش حملا:**

متين تضاد جو گهرو تعلق عالمي سامراجي طاقتن سان آهي. گذريل سٺ سالن جي سامراجي پاليسين تي عمل ڪندي پاڪستان ڪيترين ئي مصيبتون پوڳيون آهن جن ۾ افغانستان ۾ پاڪستان معرفت مذهبي جنونيت کي هٿي ونرائڻ بہ شامل آهي. انهي سامراج دوست پاليسيءَ جي نتيجي ۾ آمريتي راڄ، انتهاپسندي، مذهبي جنونيت، فرقيواريت، خودڪش حملا، خوف ۽ دهشتگردي جهڙا "تحفا" شامل آهن. اهڙي صورتحال يورپ، روس، چين ۽ ويٽنام سان نہ هئي. تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ گذريل ٽيهارو سالن کان هتي عالمي سامراج ۽ سندس پيدا ڪيل دهشتگردي ۽ انتهاپسندي خلاف جدوجهد ڪرڻ (متين ملڪن جي ڀيٽ ۾ اضافي) ضرورت آهي.

**تجربيڪار سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ جو نہ هجڻ**

جيئن تہ سرمائيداري جي تاريخ گهٽ ۾ گهٽ پنج سو سالن تي مشتمل آهي تنهنڪري انهن وٽ صدين جو تجربو آهي، پوءِ ان جي صورت اقتصادي، سياسي ۽ علمي هجي يا سفارتي، جاسوسي ۽ جنگي. مطلب تہ سرمائيداري نظام وٽ تاريخي طور سوشلسٽ قوتن جي ڀيٽ ۾ هر لحاظ کان تمام گهڻو تجربو ۽ وسيلا موجود رهيا آهن.

جڏهن فرانس ۾ 1879 ڌاري پئرس ڪميون جو انقلاب آيو تہ ان وقت جي سرمائيدار قوتن وٽ ڪنهن سوشلسٽ قوت کي منهن ڏيڻ جو تجربو نہ هو پر جيئن تہ اهو پهريون ۽ ڪمزور انقلاب هو ۽ ان وقت سرمائيدار طبقو طاقتور حيثيت ۾ هو نتيجي طور سرمائيدارن گڏجي ان کي شڪست ڏئي ڇڏي.

جڏهن روس ۾ انقلاب آيو تڏهن ان دور جون ٻاهريون ۽ اندريون مکيہ خصوصيتون هن ريت هيون: (1) ان دور جون عالمي سامراجي قوتون پهرين عالمي جنگ سبب پاڻ ۾ وڙهي ڏانگو تي پيون هيون ۽ تباه حال ٿي چڪيون هيون، (2) عوام جنگ مان بيزار هو ۽ ٿڪل هو

۽ شدت سان امن جو خواهشمند هو، (3) ٻن عالمي سامراجي ڌاڙيل گروهن وچ ۾ ٽڪراء سبب اهي سوويت يونين خلاف گڏ ٿيڻ جي قابل نہ هئا، (4) وسيع ايراضي ۽ ڪمزور رابطي جي نظام سبب (ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾) هڪ ڊگهي خانہ جنگي (گهرو ويڙهہ) کي برداشت ڪرڻ جي گنجائش، (5) سرمائيدار جمهوري انقلابي تحريڪ جو هجڻ (6) يورپ اندر پورهيت طبقي جي طاقتور تحريڪ جو هجڻ. انهن معروضي خصوصيتن کي آڏو رکندي لينن چيو تہ ”اهڙيون مخصوص حالتون هن وقت اولهہ يورپ ۾ موجود ناهن تنهنڪري اولهہ يورپ لاءِ انقلاب جي شروعات ڪرڻ اسان ڪان وڌيڪ ڏکيو ٿيندو.“ ساڳئي وقت، اندروني خصوصيتون (1) وسيع تر پورهيت طبقي جي سرگرم حمايت حاصل هئي (2) انقلابي پارٽي (بالشوڪ پارٽي) (3) ڪمزور روسي سرمائيدار ۽ جاگيردار (جنهن کي هاري بغاوتن تباهہ حال ڪري ڇڏيو هو) (4) رد انقلاب کي منهن ڏيڻ لاءِ وسيع تر علائقي ۽ نئين رياست جي موجودگي (5) رد انقلاب خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ وسيلن جو هجڻ (6) خود روس اندر حڪمران ڌر سخت ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ بحرانن ۾ ڦاٿل هئي.

مٿين ٻنهين معروضي ۽ اندروني خصوصيتن سان گڏ، موجوده دور جي ڀيٽ ۾، ٻين ڪيترن نرالين خصوصيتن مان هڪ هي بہ هئي تہ ڪنهن سوشلسٽ قوت کي شڪست ڏيڻ ۽ ان کي روڪڻ ۽ منهن ڏيڻ جو عالمي سامراجي قوتن وٽ تجربو نہ هئڻ برابر هو.

ٻئي طرف جڏهن چين ۾ انقلاب آيو تڏهن (1) ساڳئي ريت ان دور جون عالمي سامراجي قوتون ٻين عالمي جنگ سبب پاڻ کي تباهہ ڪري چڪيون هيون (2) موجوده دور جي ڀيٽ ۾، ڪنهن نئين ايرنڊڙ سوشلسٽ کي منهن ڏاڍو ڏکيو ٿي چڪو هو (3) موجوده دور جي ڀيٽ ۾، ان وقت هڪ عالمي طور تي فاتح عالمي سوشلسٽ بلاڪ موجود هو (4) چين جي اندروني طور گهرو ويڙهہ ۽ جاپان خلاف جنگ سبب حڪمران طبقو سخت بحرانن کي منهن ڏئي رهيو هو. (5) چين وسيع ايراضي ۽ وڏي آبادي وارو ملڪ هو ۽ جاپان ننڍي ايراضي ۽ ٿوري آبادي وارو ملڪ هو.

موجوده دور ۽ اسانجي حالتن جي ڀيٽ ۾، جڏهن ويٽنام ۾ انقلاب آيو تڏهن ڪجهہ هڪجهڙائين سان گڏوگڏ ان جون ڪجهہ نراليون خصوصيتون هي هيون (1) عالمي سامراج ۽ سوشلسٽ بلاڪ ۾ سرد

جنگ هلندڙ هئي (2) ان وقت ويٽنام کي سوشلسٽ بلاڪ جي مدد حاصل هئي وغيره

جنهن وقت هتي انقلابي قوتون اجان پکيون ۽ پختيون ئي مس ٿيون هيون ته (1) سوويت يونين ڍير ٿي پئي ۽ ڪئي وئي (2) عارضي طور عالمي سامراج اڪيلي فاتح وانگر دنيا مٿان لامارا ڏئي رهيو هو ۽ آهي (3) عالمي سامراج وٽ سوشلسٽ قوتن کي روڪڻ، انهن کي ڪچلڻ ۽ شڪست ڏيڻ جو گذريل ڏيڍ سو سالن جو تجربو حاصل آهي (4) عالمي طور تي ڪوبہ سوشلسٽ بلاڪ موجود نہ آهي (5) عالمي ميدان تي، بظاهر، مکيہ ويڙهہ عالمي سامراج ۽ سوشلسٽ قوتن بدران عالمي سامراج ۽ سندس پيدا ڪيل انتهاپسند ۽ دهشتگرد قوتن جي وچ ۾ هلندڙ آهي.

## فڪري رجعت پرستي ۽ وهم پرستي:

يورپ جي پيٽ ۾ تاريخي طور تي هتي سائنس، فلسفي، سياست، تاريخ، جنگ، سفارتڪاري، اقتصاديات ۽ سماجيات جي شعبن ۾ ڪي وڏا سائنسدان، فلسفي، سياستدان، تاريخ نويس، جنرل، سفارتڪار، معيشيت دان ۽ سماجي ماهر پيدا نہ ٿيا آهن پر الٽو عقيدن، وهمن وسوسن جي صورت ۾ فڪري رجعت پرستي پڻ هتي جنم ورتو. ان جا ڪهڙا سبب هئا؟ ان حوالي سان اينگلس لکيو تہ ”جتي آڳاٽا پنجائتي (Communes) معاشرا قائم رهيا اُتي (يعني انڊيا ۽ روس ۾) اينڊڙ هزارين سالن تائين مشرقي مطلق العنانيت (آمريت) (Oriental Despotism)، جي صورت ۾ رياست جي سڀ کان بي رحم صورت جا بنياد ملن ٿا. فقط اُتي ئي ماڻهن ترقي ڪئي جتي انهن آڳاٽين پنجائتن جي خاتمي بعد غلامن جي پورهيي سان پيداوار ۾ سڌارو آندو ويو. پورهيي جي وسيع ورڇ ئي پيداواري قوتن ۾ اضافي، تجارت ۾ واڌ، رياست ۽ قانون جي نهڻ، ادب ۽ سائنس جي ترقي کي ممڪن بڻايو. چاڪاڻ تہ غلاميءَ سبب آباديءَ جو هڪ حصو جسماني ڪم کان آجو ٿي وڃي ٿو. (۽ اهو حصو دنيا جهان، فطرت ۽ انساني سوچ جي پيچيدگين بابت غورويچار ڪري سگهي ٿو.) آڳاٽي يوناني دنيا بہ غلاميءَ جي ڪري ئي اهي ڪارناما سرانجام ڏنا.“[48]

يورپي سماج جا بنياد يوناني عقل تي بيٺل آهن، ان جي پيٽ ۾ اسين هڪ اهڙي ڪنڌ سان تعلق رکون ٿا جنهن هن وقت جي عالمي

مذهبن کي جنم ڏنو. مثال طور يهوديت، عيسائيت، هندو ڌرم، ڪنفيوشس، ٻڌ ڌرم، سک مت، تائو مت ۽ جين مت وغيره. اهي سڀ جو سڀ ايشيا جي پيداوار آهن، جيتوڻيڪ انهن جا يورپ تي وڏا اثر پيا پر اهي يورپ جي پيداوار ناهن. مارڪس اينجلس ڏانهن موڪليل پنهنجي هڪ خط ۾ سواليہ انداز ۾ پڇي ٿو تہ اوڀر جي تاريخ مذهبن جي تاريخ وانگر ڇو ٿي لڳي؟ ان جي جواب ۾ لکي ٿو تہ اوڀر جي سمورن لقائن جي بنيادن جي باري ۾ برنيئر بلڪل درست سمجهي ٿو (ترڪي، ايران ۽ هندستان جو حوالو ڏيندي) تہ اهو (بنياد) آهي زمين ۾ ذاتي ملڪيت جو نہ هجڻ. ايتريقدر جو اوڀر جي جنتن (جي تصورن) جي بہ، اها آهي اصل ڪنجي.“ مطلب تہ هتان جي سياسي ۽ مذهبي تاريخ جي بنيادن کي سمجهڻ جي اصل ڪنجي زمين ۾ ذاتي ملڪيت جو نہ هجڻ آهي.

انهن عقيدن سبب هتان جي ماڻهو هن دنيا کي دشمن سمجهڻ، مڙئي مهمان ٿي رهڻ، زندگي سان محبت نہ ڪرڻ، مطلب تہ هن دنيا کي بهتر بنائڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي ۽ الٽو قدرت ۽ نصيب تي ڀاڙيو جنهن جي نتيجي ۾ صدين تائين فڪر، سوچ ۽ عقل کي تالو لڳل رهيو ۽ خود اهو اهم سبب آهي تہ هتي اڄ تائين فڪري غلامي طاقتور آهي ۽ اهو ئي سبب آهي تہ هتان جي اڪثر مفڪرن شاعري جي زبان ۾ سچ ڳالهايو ۽ سائنس جا دروازا جيڪي ٿوري عرصي لاءِ کليا ها سي وري اڄ ڏينهن تائين ناهن کلي سگهيا. پر اسين جتي رهون ٿا ان تي وري انڊيا جي تهذيب جو وڏو اثر رهيو آهي. جڏهن تہ ٻئي پاسي وارن عقيدن ۾ ٿوري گهڻي ويڙهہ جي ڳالهہ ٻولهہ ٿيل آهي، پر هن پاسي وري ماٺ ڪري ويهڻ، جنگلن، ريگستانن ۽ جبلن ڏانهن منهن ڪرڻ، ايتريقدر جو پنهنجي جسم کي عذاب سمجهڻ، مطلب تہ پنهنجي جسم مان نجات حاصل ڪرڻ کي ئي مسئلن جو حل سمجهڻ، يعني سڀني براين جي جڙ آهي ئي انساني جسم، تنهنڪري جيسيتائين جسم هوندو تيسين برائي هوندي. ان حد تائين جو گانڌي جهڙي ماڻهو بہ چيو تہ شاديون ئي نہ ڪجن تہ مسئلو حل آهي، نہ شادي ڪندا ۽ نہ ئي ٻار ڄڻيندا ۽ نہ ئي انساني نسل پيدا ٿيندو، نہ ئي ڪو انسان هوندو نہ ئي ڪو مسئلو ۽ ائين سڀني کي مڪتي ملي ويندي.

يورپ هزار سالن جي اونداهي دور ڪانپوءِ عقيدن جي نظام خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو ۽ ان مان هڪ حد تائين پنهنجي جان آجي

ڪرائي ۽ نتيجي طور اتي نئين سجاڳي، سائنس، صنعت ۽ سماجي انقلاب آيا. پر ٻئي طرف اهي ئي يورپي قومون جيڪي خود صدين تائين ظلم جو شڪار رهيون انهن وري ٽين دنيا اندر هڪ حد تائين تبديلي آندي پر ساڳئي وقت جاگيرداري، عقيدي پرستي، بادشاهت ۽ فوجي راڄ جهڙين مصيبتن کي نہ صرف جيئن جو تيئن برقرار رکيو پر ڪٿي ڪٿي وڌيڪ مضبوط بڻايو.

پر روس ۽ اوپر جي ٻين ملڪن جي پيٽ ۾، وڏي مصيبت اها ٿي تہ پاڪستاني اسٽبلشمينٽ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ پنهنجي اقتدار کي مستقل بنائڻ لاءِ پاڪستاني رياست کي ئي مذهبي رياست بڻائي ڇڏيو، ۽ اصلوڪين قومن جي سڃاڻپ ختم ڪئي وئي ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو مسئلو اسانجي ڳچي ۾ پيل آهي. هن وقت، اسانجي علائقي جي هر ننڍي وڏي شهر، هر يوسي ۽ ڳوٺ ۾ يا ان جي پرسان قبرستان ضرور هوندو ۽ هڪڙي درگاهہ بہ هوندي. انهن ٻنهين روايتن سبب اسان وٽ پيدا ٿيندڙ مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جا حل ڪڍڻ لاءِ عقل، رٿابندي ۽ بندوبست ڪرڻ بدران ڌاڳي ڦيٽي، تعويذن ۽ باسون باسڻ جا ذريعا ڪتب آندا وڃن ٿا. نفسياتي بيمارين کي بيماريون سمجهڻ بدران جن، ڀوت ۽ اثر سمجهي ڀوپن سان رجوع ڪيو وڃي ٿو.

قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ سڀ کان پهريائين اهو لازم ٿئي ٿو تہ ان قوم جي وسيع تر آبادي کي سندن دشمنن ۽ سڃڻن جي باري ۾ تعليم مليل هجي تہ جيئن اهي دوست ۽ دشمن جي پرک ڪري سگهن. ان لاءِ نظرياتي جدوجهد ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيسيتائين ان کي صحيح سياسي تعليم نہ مليل هوندي تہ هو دشمن کي دوست ۽ دوست کي دشمن سمجهندو رهندو ۽ نتيجو اهو نڪرندو جو سدائين بيوقوفي جو شڪار ٿيندو رهندو.

سنڌ اندر اقتصادي ۽ سياسي غلامي تہ آهي ئي آهي پر اهم ڳالهہ تہ نظرياتي غلامي ۽ فڪري غلامي بہ آهي. فڪري غلامي جي هڪڙي صورت سياسي عقيدي پرستي ۽ پيرپرستي بہ آهي. مطلب تہ هتي اڳواڻ ۽ انهن جا خيال ۽ عمل پاڪ، صاف ۽ مقدس ٿين ٿا جن بابت سچ لکي يا ڳالهائي نہ ٿا سگهو جيڪڏهن لکندا تہ پوءِ اوهين ٿي ويندا "واجب القتل".

جيتوڻيڪ ڪنهن بہ قوم جي آزادي لاءِ مختلف قسم جون اقتصادي، سياسي ۽ سماجي پرامن توڙي هٿياربند جدوجهد ڪان اڳ ۾ ان قوم جو

اديب، دانشور، شاعر ۽ ليڪ سڀ ڪان پهريائين نظرياتي جدوجهد ذريعي ميدان صاف ڪندا آهن پر هتان جا اڪثر اديب، شاعر ۽ ليڪ موقعي پرست ۽ ٽڪي پيسي جي نوڪري وٺڻ وارا رهيا آهن ۽ پوءِ مصلحتون ۽ مفاهتون ڪندي ڪنهن به قسم جي قومي، جمهوري ۽ عوامي انقلاب تان ئي هٿ ڪڍي ويا ۽ اهي ئي خبرون ڪيائون ته ”ادا مارڪسزم پراڻي زماني جي ڳالهه آهي.“ ”اجان آسرو ڪيو وينا آهيو ڇا!“

**موجوده دور جون خاصيتون**

ملڪ جي مختصر 63 سالا تاريخ ڪانپوءِ سنڌ جي بنيادي ڍانچي (Basis) ۽ مٿئين پرت (Superstructure) ۾ ڪهڙا نوان فائديمند ۽ نقصانڪار عنصر پيدا ٿيا آهن؟

- جديد ٽيڪنالوجي (ٽيليوزن، ريڊيو، موبائل ۽ انٽرنيٽ وغيره) ۽ روڊ رستا ۽ ٽرانسپورٽ، هيٺين ۽ مٿين سطح تي سنڌي سماج کي گڏائي ڇڏيو آهي.
- سنڌ اندر زراعتي پيداوار ۾ مشينن ۽ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهتين ۽ ساڳئي وقت، شهرن ۾ ننڍن وڏن ڪاروبارن ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف زراعتي پيشي کي ڇڏي ڪاروبار طرف پڻ رجحان وڌي رهيو آهي.
- سنڌ ۾ شهرن ڏانهن تيزرفتاريءَ سان منتقلي ٿي آهي. (گذريل ٻن سالن وارين ٻوڏن ۽ برساتن کان اڳ سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ پلاٽن جون قيمتون آسمان سان پئي لڳيون.)
- 60 سالا قومي، عوامي، انقلابي ۽ فڪري جدوجهد جي تجربي ۽
- اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي وڌندڙ اثر سبب
- سنڌي عوام ۾ قومي احساس ۽ شعور وڌيڪ منظم ۽ سگهاري صورت ورتي آهي. اهوئي سبب آهي جو وفاق پرست، مذهبي ۽ نسلي دهشتگرد تنظيمون به اڄڪلهه قومي سوال کي ٻاڃ پاس نه پيون ڪري سگهن.
- عوام طرفان پنهنجن ننڍن مسئلن تي خودرو احتجاج ڪرڻ جو رجحان وڌي چڪو آهي.

- مڊل ڪلاس جي تعداد ۾ واڌارو ٿيو آهي. (خاص ڪري يونيورسٽين ۽ شهرن ڏانهن ٿيل لڏپلاڻ جي ڪري)
- ڇهن ڏهاڪن جي سياست ۾ مليل دوکن ۽ نڳين، اقتداري وڏيرڪي، ۽ ڪٽر قومپرست ۽ دهشتگرد سياست سبب، هڪ طرف عوام جي سياست کان لاتعلقي ۽ بيزاري به ملي ٿي، ۽ ٻيو وري وڏيرڪي سياست واري ذاتي، راڄوٽي ۽ گروهي مفادن جي سياست وارو رجحان به مليو ٿو ته انهن ٻنهي جي ابتڙ نئين قسم جي سياست جي خواهش به ملي ٿي.
- وڏيرن جي اثرن جو دائرو گهٽجي ويو آهي پر انهن جي تعداد ۾ اضافو به ٿيو آهي. (گذريل ڇهن ڏهاڪن دوران ڦرلٽ ۽ ڪرپشن سبب ڪيترائي نوان وڏيرا به وجود ۾ آيا آهن.)
- ملڪ ۾ وڌندڙ غربت ۽ سامراج پرست پاليسين سبب ملڪ اندر مذهبي ڪٽرپڻي ۾ اضافو ٿيو آهي.
- نظرياتي ڇٽاپيٽيءَ جي گهٽجڻ سبب سياسي عدم برداشت ۽ تنقيدي عمل بدران سياسي عقيدي پرستيءَ جو رجحان به زور وٺندو پيو وڃي.
- ڇهن ڏهاڪن جي حڪمرانن جي پاليسين سبب عالمي برادريءَ ۾ ملڪ جي سفارتي ساک بلڪل تباهه ٿي چڪي آهي.
- رياستي عمارت جو ڍانچو کوکلو ٿي چڪو آهي. معيشيت، انفراسٽرڪچر، زراعت، تعليم سميت انتظاميه، قانونيه ۽ عدليه اندروني طور تي تباهه ٿي چڪا آهن.
- سامراجي بالادستي ۽ ملڪي خودمختياري جي وچ ۾ تضاد، ملڪ اندر وڏي قوم ۽ ننڍين قومن ۾ تضاد، وفاق ۽ صوبن ۾ تضاد ۽ فوجي راڄ ۽ سياست جهڙا پراڻا تضاد وڌيڪ شديد ۽ نروار ٿي ويا آهن. (مٿين نقطن سميت جديد دور جي تضادن جو تفصيلي ۽ نوس جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي اهو ڪم ٻئي حصي ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.)

انهن سڀني معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري عنصرن سبب هتان جي سياسي، سماجي ۽ معاشي ۽ اخلاقي پرت پيچ ڊاهه جو شڪار ٿي چڪي آهي. پر ان ۾ به مسئلا آهن هڪ ته اهي سمورا روايتي ذريعا ۽

گس انتهائي سست رفتاريءَ سان معاشري کي بدلائيندا، ۽ توڙي جو، اها سموري تبديلي معياري نہ پر مقداري نوعيت جي آهي پر اها ڪيڏي مهل بہ معياري چال ڏئي سگهي ٿي ۽ ٻيو تہ غيرپيداواري نتيجا بہ ڏئي سگهي ٿي. مثال طور، هن وقت سنڌ ۾ تعليم جي نظام، نصاب ۽ ڪاپي ڪلچر جي ڪري پورو جو پورو نسل ڊگري يافتہ جاهل نسل پيدا ٿي چڪو آهي.

40 يا 50 سال اڳ جي ڀيٽ ۾، هن وقت پورهيت ليننِي پارٽي ناهڻ، ۽ جيڪڏهن اڳ ۾ نهيل آهي تہ ان کي قائم رکڻ ۽ وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي ضرورت آهي چاڪاڻ تہ هاڻي حالتون وڌيڪ فائديمند آهن. پر ان ۾ هڪڙي کوٽ نظرياتي مواد جي آهي. ڊگهي نظر ۽ ڊگهي مدت واري مقصد تائين سفر ڪرڻ لاءِ گهربل ديرپا ۽ مستحڪم سائنسي ايمان جي ضرورت آهي جيڪا روايتي علم ۽ روزمرهہ جي تجربن مان حاصل نہ ٿي سگهندي. ان لاءِ پراڻن ڪتابن تان دز ۽ مٽي هٽائي وري پڙهڻ، ان سموري عرصي جي تجربي ۽ سڀ کان وڌي ۽ اهم ڳالهہ تہ موجوده دور ۾ ٿيندڙ نظرياتي واڌ ويجهہ جي ڄاڻ رکڻ اشد ضروري آهي.

### ماضي جو بهترين ورثو

انهن سمورين تاريخي، معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري رڪاوٽن ۽ مصيبتن کي ختم ڪرڻ ۽ هڪ نئون معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري نظام اڏڻ لاءِ ماضي جي مصيبتن سان گڏوگڏ اسانکي ڪيترين قومي، جمهوري، عوامي ۽ انقلابي روايتون بہ ماضيءَ مان مليون آهن جيڪي موجوده نسل جي ڀيٽ ۾، اسان کان اڳ وارن نسلن کي نہ مليون هيون. مثال طور 1776 وارو آمريڪي انقلاب، 1789 وارو فرانسيسي انقلاب، 1848 وارا يورپي جمهوري انقلاب ۽ پيرس ڪميون وغيره. پر سڀ کان اهم مجموعي طور تي ڏيڍ سوءِ سالن جو سوشلسٽ قوتن جو (ڪامياب ۽ ناڪام) تجربو آهي. اسين ماضي ۽ حال جي مختلف موقفن ۽ عملن جي بنياد تي جڙيل (ڪامياب ۽ ناڪام) سوشلسٽ ماڊلن کي آڏو رکندي ڪو بهتر ماڊل جوڙي سگهون ٿا. انهن ۾ (الف) مارڪسزم: سموري انساني تاريخ جو فڪري ۽ عملي نچوڙ جدلياتي ۽ تاريخي ماديت، فرسٽ انٽرنيشنل ۽

ٻي انٽرنيشل جو پورهيت عالمگير تجربو. (ب) ليننزم: حالتون مڪمل سازگار نہ هجڻ باوجود، هڪ پنتي پيل ملڪ ۾ پهريون سوشلسٽ انقلاب، بالشوڪ پارٽي، پهرين پورهيت رياست جو قيام، هڪ ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ، گهرو ويڙهہ، مارڪسزم خلاف ٿيل نظرياتي ويڙهہ ۾ سوپ ماڻڻ، پورهيتن جي ٽين انٽرنيشنل، سماجوادي نظام جي تعمير، سامراجي دور جي مارڪسزم جي صورت ۾ ليننزم موجود آهي. تنهن ڪانپوءِ عالمي سامراجي ڪالونيل نظام کي ڊاهڻ، فاشزم کي شڪست ڏيڻ، ٻين پورهيت ملڪن ۾ انقلابن جي مدد وغيره. (ت) فڪر مائوزيتنگ: پنتي پيل، زرعي، نيم جاگيردار، نيم سرمائيدار، نيم ڪالونيل ملڪ ۾ عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ، قومي آزادي، عوامي جنگ جو فن ۽ سائنس، متحده محاذ، ثقافتي انقلاب وغيره جي صورت ۾ فڪر مائوزيتنگ جو تحفو مليو آهي. (ث) ويٽنامي انقلاب: پنتي پيل، (چين جي پيٽ ۾) گهٽ آبادي ۽ ايراضي وارو ڪالونيل ملڪ، ٻن طاقتور سامراجي ملڪ جي قبضي ۽ پالتو ويٽنامي جاگيردار خلاف قومي عوامي جمهوري انقلاب آڻڻ، تنظيم سازي جي سائنس جو ڪمال، عوامي ثقافتي جمهوري ادب ۽ فن جو ورثو وغيره (ف) ڪوريائي، ڪيوبن انقلاب جا تجربا وغيره شامل آهن ۽ خاص طور تي پاڪستان ۽ سنڌ اندر گذريل 63 سالن کان ٿيل قومي، عوامي، انقلابي ۽ فڪري جدوجهدن جو تجربو آهي.

### ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سڀ کان پهريائين تہ ان ڊگهي تجربي دوران جيڪي مخصوص نظرياتي ۽ عملي تفصيل پيش ڪيا ويا آهن، انهن تفصيلن مان عام نتيجا ڪڍڻ ۽ اصول ترتيب ڏيڻ (Generalizations) جي ضرورت آهي. اهوئي ڪم ڪارل مارڪس، اينگلس ۽ لينن بہ سرانجام ڏنو هو.

پوءِ انهن انقلابي نظرين ۽ تجربن جو گهرو مطالعو ڪري انهن کي پنهنجين حالتن پٽانڊڙ عمل ۾ آڻڻ لاءِ (1) ڊگهي مدي وارو بنيادي نظرياتي خاڪو (پروگرام، رٿا، منصوبو) ناهڻ گهرجي ۽ انهيءَ ڊگهي مدي واري رٿا کي (2) سالياني، ڇهہ ماهي، ماهوار ۽ ايتريقدر جو روزاني جي مدت وارن معاملن سان ڳنڍجي. ڊگهي مدي ۽ مختصر مدي وارا هدف طئي ڪرڻ ڪانپوءِ انهن ڏانهن ويندڙ (3) درست رستي

جي چونڊ ڪري انهن تائين پهچڻ لاءِ (4) وسيلا ۽ (5) اوزار هٿ ڪجن. انهن اوزارن کي استعمال ڪرڻ جو (6) طريقو سڪجي.

ماضيءَ کان مليل انهن نرالين تاريخي، معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري حالتن ۽ بيمارين کي روڪڻ، ختم ڪرڻ ۽ نوين قوتن ۽ رشتن کي پيدا ڪرڻ لاءِ عام ۽ تاريخي ترقي جي نظرين، رستن، طريقن، وسيلن ۽ اوزارن سميت نرالي مخصوص نظريي، رستي، طريقي ۽ اوزار جي به ضرورت آهي.

عام ۽ تاريخي انقلابي ڪمن کي ٽن دائرن ۽ سطحن، مثال طور، اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي دائرن ۽ عالمي، ملڪي ۽ تنظيمي سطحن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مثال طور نظرياتي دائري ۾ مارڪسزم، ليننزم ۽ فڪر مائوزيتنگ سميت جديد دور جي سمورن عوام دوست، ترقي پسند ۽ انقلابي مفڪرن ۽ نظريدانن جي ڪيل واڌارن جو زبردست نموني مسلسل دفاع ڪرڻ، انهن جو تنقيدي جائزو وٺندي انهن ۾ نيون تخليقون ۽ واڌارا ڪرڻ، جديد دور جي سائنسي، تاريخي، اقتصادي مواد جي بنياد تي انهن جي تشريح ڪندو رهڻ، موجوده دور ۾ جنگ ۽ انقلاب جي تعلق کي سمجهڻ، ڪوڙن سامراج پرست نظرين کي اگهاڙو ڪرڻ، تنقيد ۽ بحث مباحثي کي جاري رکڻ جهڙا ڪم شامل آهن.

عالمي سطح تي پورهيت بين الاقواميت ۽ قوميت جي گڏپ، سامراجي مداخلت کي روڪڻ لاءِ بين الاقوامي متحده محاذ ناهڻ، ٽين عالمي جنگ جي رستا روڪ ڪرڻ، پوري دنيا ۾ ٿيندڙ هٿيارن جي ڊوڙ کي گهٽائڻ، عالمي ماحولياتي گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ گڏيل عالمي سرشتو جوڙڻ، سوشلسٽ پارٽين طرفان هڪٻئي سان دوستاڻا تعلق رکڻ، ٻين ملڪن جي سوشلسٽ پارٽين جي اندروني معاملن بابت تجزيا ۽ تبصرا ڪرڻ جهڙا ڪم شامل آهن.

سياسي ۽ تنظيمي دائري ۾ شعور، جمهوري مرڪزيت، رازداري ۽ سخت ضابطي واري ليننی تنظيم (اوزار) ناهڻ، مرڪزيت ۽ جمهوريت جي توازن کي قائم رکڻ، پارٽين اندر جمهوري عمل کي هٿي وٺرائڻ، مرڪزي توڙي هيٺين ادارن ۾ تنقيد ۽ خود تنقيد جهڙن اصولن کي ڪتب آڻڻ، انقلابي صفن ۾ ڪيريئرازم، فرقيواريت، ذاتي مفادپرستي جهڙن رجحانن کي روڪڻ، سامراجي جاسوس ادارن ۽

سازشن کي جوابي جاسوسيءَ ذريعي منهن ڏيڻ لاءِ موثر چوڪسيءَ جو بندوبست ڪرڻ، انقلابي صفن ۾ وينل انقلاب دشمنن خلاف موثر قدم کڻڻ، سائنسي ايمان ۽ ويساھ کي سگهارو بنائڻ ۽ انڌي عقيدي پرستي کي روڪڻ، عوام جي مزاج، مسئلن، ضرورتن ۽ ڳڻتين کي سمجهڻ، مزدور جماعتن ۽ ٻين عوامي تنظيمن جي ڪردار کي ترقي وٺرائڻ جهڙا ڪم ضروري آهن.

ملڪي ۽ معاشي دائري ۾ رياستي اختيارن ۽ معيشيت ۾ مرڪزيت ۽ جمهوريت جي توازن کي قائم رکڻ، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب وسيلي پيداواري قوتن کي تيزيءَ سان جديد بنائڻ، موثر، غيربيوروڪريٽڪ ۽ نسبتي مرڪزي رٿابنديءَ وارو انتظامي اقتصادي نظام، سٺي ٽرانسپورٽ ۽ تيزيءَ سان مارڪيٽ جي ڊماند پوري ڪرڻ، سائنسي ۽ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب آڻڻ ۽ پيداواري قوتن کي جديد بنائڻ جهڙا ڪم شامل آهن.

اهي اقتصادي، سياسي ۽ نظرياتي دائرا ۽ عالمي، ملڪي ۽ تنظيمي سطحون (عنصر) آهن جيڪي هر معاشري جي ڪاروهنوار کي هلائين ٿيون پر طبقاتي معاشري ۾ انهن عنصرن جو ڪردار (انهن جي تاريخي واڌ ويجھ کان هٽي ڪري) مٿان کان هيٺ يعني معيشيت، سياست ۽ فڪر جي ترتيب ۾ ڪم ڪندو آهي جڏهن تہ نئين ۽ ڪمزور ڌر جي لاءِ انهن بنيادي عنصرن جو ڪردار هيٺان کان مٿي، فڪر، سياست ۽ معيشيت، جي سائيڪل ۾ ڪم ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سياسي طاقت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪنهن معاشري جي اقتصادي ڍانچي کي نٿو بدلائي سگهجي. وري اها سياسي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ پهريائين وسيع تر عوام کي سياسي تعليم ڏيڻ ضروري هوندي آهي پر اها تعليم ڏيڻ لاءِ ان معاشري جي اڳواڻ دستي (سياسي تنظيم) جي فڪري ۽ نظرياتي تعليم ضروري هوندي آهي. (پر ان سموري هيٺ کان مٿي ۽ مٿي کان هيٺ واري سائيڪل کي ڪنهن بہ صورت ۾ مشيني انداز ۾ نہ ورتو وڃي ڇاڪاڻ تہ) سماج جي ترقي مشيني انداز ۾ نہ پر جدلياتي انداز ۾ ٿيندي آهي ان ۾ بنيادي ۽ غيربنيادي عنصر، هڪٻئي ۾ سمايل، هڪٻئي تي اثرانداز ٿيندڙ ۽ هڪٻئي تي آڌار رکندڙ گهڻ طرفي چرپر ۽ تبديليءَ ذريعي سماجي واڌاري جي صورتگيري ڪن ٿا.

عالمي سامراجيت، قومي جبر، فوجي آمريت، سرمائيدار ۽ وڏيرڪي ڪوڙي جمهوريت، مذهبي جنون ۽ تنگ نظري خلاف هٽي

قومي، عوامي، جمهوري، انقلابي، سيڪيولر ۽ سامراج مخالف گهڻ طرفي جدوجهد ڪرڻي پوندي. ان سان گڏوگڏ انهن مان هرهڪ معاشي، سياسي ۽ فڪري رڪاوٽ کي ختم ڪري نئين شي پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته دشمنن کي سياسي ۽ اقتصادي ميدان تي شڪست ڏيڻ کان پهريائين فڪري ۽ نظرياتي ميدان تي شڪست ڏجي. ان لاءِ سخت نظرياتي ۽ علمي جدوجهد ڪرڻي پوندي. هوئن به ڪنهن معاشري ۾ نئين اڀرندڙ طاقت لاءِ نظرياتي جدوجهد کانسواءِ دشمن کي معاشي ۽ سياسي ميدان تي هارائي نٿو سگهجي. ان نظرياتي سائنسي جدوجهد آڏو وڏي رڪاوٽ فڪري رجعت پرستي آهي. ان ڪري لينن لکيو ته "(انڌي) عقيدي پرستي خلاف ويڙهه جو تاريخي ڪم انقلابي اڳ ۾ سرمائيداريءَ کي ڪرڻو آهي، ۽ اولهه ۾، انقلابن جي دورن يا جاگيرداري ۽ قبائليت تي حملي وقت اهو ڪردار گهڻي حد تائين سرمائيدار جمهوريت ادا ڪيو پر روس ۾، سرمائيدار جمهوري انقلاب جي حالتن سبب، ان ڪم جي ذميواري به پورهيت طبقي جي ڪلهن تي پوي ٿي."[49]

يورپي ۽ آمريڪي، معاشرن جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ فڪري رجعت پرستيءَ جون گهريون پاڙون آهن تنهنڪري هتي فڪري رجعت پرستيءَ خلاف سائنسي، تاريخي، سياسي ۽ نظرياتي تعليم لاءِ سخت، لڳاتار ۽ اڻٿڪ محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ، رسول بخش پليجي جي بقول، سڀ کان پهريون ۽ آسان، بهترين ۽ سستو طريقو آهي ته دنيا جي ٻين ٻولين ۾ لکيل علم کي، ترجمن، تجزين، مقالن، تاريخن وارن ڪتابن، ڪالمن، چوپڙين جي صورت ۾، سنڌي عوام تائين پهچائجي. ساڳئي ريت، ملڪ اندر موجود عوام دشمن سياسي فڪر کي نروار ڪري ان جي اصليت کي دليلن ۽ ثابتين سان رد ڪندو رهجي.

جيئن ته اسانجو تعلق پاڪستان سان آهي ۽ جيڪو پاڪستان هن وقت آهي ظاهر ڳالهه آهي ته ان جون پاڙون ماضي ۾ ڪتل هونديون ۽ جيسيتائين سنڌ ۽ پاڪستان جي وسيع تر عوام کي اهو معلوم نه هوندو ته سندن تاريخ ۾ ڇا ڇا ٿيو ۽ ڪير ڪير ان جا ذميوار هئا؟ سندن قوم ۽ وطن کي تباهي ڪناري ڪنهن ڪنهن پهچايو؟ ڪهڙا

غدار هئا ۽ ڪهڙا سچڻ؟ ڪهڙن ماڻهن پاڪستان ناهڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪهڙن ان کي تباهه ڪرڻ جو ڪم ڪيو؟ انهن حقيقتن کي عوام اڳيان پڌرو ڪرڻ ضروري آهي.

سياسي ميدان ۾ فوجي، بيوروڪريٽڪ ۽ وڏيرڪي بيگهيءَ کي ٽوڙڻ ۽ انهن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ انهن جي ئي طريقن (اليڪشن ۽ جڳاڙي شهري حڪومتون وغيره) ۽ اوزارن (رياستي تنظيمون) بابت مڪمل دسترس حاصل ڪندي نوان عوام دوست طريقا ۽ اوزار استعمال ڪجن. اها ڳالهه چٽي ۽ واضح آهي ته مفاهمتي ۽ مصلحتي، ترميم پرست ۽ اصلاح پرست رجحان رکندڙ اوزارن سان آمريتي اوزارن کي منهن نٿو ڏئي سگهجي. تنهنڪري، انهن آمريتي اوزارن جو مقابلو شعور، مرڪزيت، رازداري، سخت ضابطي واري ليننی تنظيم (اوزار) سان ڪري سگهجي ٿو.

سماجي طرح اسانجي معاشري ۾ عورتن جي غلامن کان بدتر حثيت آهي. تنهنڪري، يورپي، چيني ۽ ويٽنامي معاشرن جي پيٽ ۾ هتي سياست ۾ عورتن جي نه صرف شموليت پر انهن جي اڳواڻ دستي واري ڪردار کانسواءِ ڪاميابي حاصل ڪرڻ ناممڪن ٿيندي. جيڪڏهن عارضي طور تي اهڙي سوڀ ملي به ويندي ته اُها اڌوري ڪاميابي هوندي. (مٿين ملڪن جي پيٽ ۾) هتي نسلي، قبيلائي ۽ مذهبي دهشتگردي خلاف جدوجهد ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي. هتي جيڪا سادگي، فراريت، لاتعلقي ۽ غيرمدافعتي نفسيات رهي آهي ان جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هن دنيا ۽ زندگيءَ سان پيار ڪرڻ جو درس ڏيڻ ۽ دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ويڙهه جي فن کان واقفيت ڏيارڻ انتهائي ضروري آهن. هن جديد ٽيڪنالوجي واري دور ۾ جڏهن رابطي جي ذريعن (ٽيليوزن، ريڊيو، موبائل، ٽرانسپورٽ وغيره) ٻهراڙين ۽ شهرن کي، بنيادي طور تي نه سهي پر مٿاڇري سطح تي، ڳنڍي ڇڏيو آهي، تڏهن خالص ٻهراڙين تي ڀاڙڻ بدران ٻهراڙين ۽ شهرن جي گڏپ سان دشمنن جو گهيرو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته اقتصادي، سياسي ۽ فڪري جدوجهد ڪجي ڇاڪاڻ ته موجوده نسل نه صرف مارڪس، لينن ۽ مائو جهڙن انقلابين کان پر خود رسول بخش پليجي، حيدربخش جتوئي ۽

فاضل راهو جهڙن اڳواڻن کان به وڏيڪ خوش نصيب آهي چاڪاڻ ته انهن کي ورثي ۾ ڪو به انقلابي پليجو، جتوئي ۽ راهو نه مليا هئا. جيڪڏهن روس، چين ۽ ويٽنام جهڙن سماجن ۾ مارڪسي ”معجزا“ ٿي سگهن ٿا ته پوءِ هئي ڪنهن هنڌ چو نه؟ بلڪل ٿي سگهن ٿا. ان لاءِ مائو جي ڏسيل ڪاميابيءَ جي عوامي منطق تي مستقل مزاجيءَ سان عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## ناڪامي ۽ ڪاميابي جي سامراجي ۽ عوامي منطق

مائوزيتنگ لکيو ته سامراجين جي منطق عوام (جي منطق) کان ڪيترو نه مختلف آهي! پنهنجي ناڪاميءَ تائين...... مصيبت پيدا ڪرڻ (ايذائڻ)، ناڪام ٿيڻ، وري مصيبت پيدا ڪرڻ، وري ناڪام ٿيڻ؛ عوام جي مقصد کي منهن ڏيڻ جي اها آهي سامراجين ۽ دنيا جي سمورن رجعت پرستن جي منطق، ۽ اهي ڪڏهن به ان منطق جي خلاف نه ويندا. اهو هڪ مارڪسي قانون آهي. پنهنجي فتح تائين ....... وڙهڻ، ناڪام ٿيڻ، وري وڙهڻ، وري ناڪام ٿيڻ، وري وڙهڻ؛ اها آهي عوام جي منطق، ۽ اهي پڻ ڪڏهن به ان منطق جي خلاف نه ويندا. اهو آهي ٻيو مارڪسي قانون. روسي عوامي انقلاب انهيءَ قانون جي پوئواري ڪئي، ۽ چيني عوامي انقلاب به ائين ئي ڪيو.[50]

وري ٻئي هنڌ لکي ٿو ته ”ڪيترن ئي ڏهاڪن ڪانپوءِ، چيني عوامي جمهوري انقلاب جي فتح کي جيڪڏهن ٿورو پوئتي نظر وجهي ڏسبي ته هڪ ڊگهي ڊرامي جي فقط هڪ مختصر تمهيد لڳندي.“ ”اها ڳالهه پارٽي ۾ چٽي طرح ذهن نشين ڪجي. ڪامريڊن کي پنهنجي ڪم جي طريقه ڪار ۾ جلدبازي ۽ غرور کان آزاد رهڻ ۽ سمجهو ۽ خاڪسار رهڻ سيکاريو وڃي. سادي نموني زندگي گذارڻ ۽ سخت جدوجهد جو طريقه ڪار سيکاريو وڃي.“[51]

ٻئي هنڌ لکيائين ته ”اسانجي پارٽيءَ جي 28 سالا جدوجهد هڪ ڊگهو عرصو آهي جنهن ۾ اسان فقط هڪڙي شي حاصل ڪئي ته اسان انقلابي جنگ ۾ بنيادي فتح ماڻي آهي. پر اسانکي اجا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي، اسانجي ماضيءَ جو ڪم ڏهه هزار ميل (لي) واري هڪ ڊگهي لانگ مارچ جي فقط پهرين وک آهي.[52] چيني وڙهيا، ناڪام ٿيا، وري وڙهيا، وري ناڪام ٿيا ۽ وري وڙهيا ۽ 109 سالن جو تجربو گڏ

ڪيو، سياسي ۽ فوجي، اقتصادي ۽ ثقافتي، خونريزي سان ۽ خونريزي کانسواءِ، سوين ننڍين ۽ وڏين جدوجهدن جو تجربو گڏ ڪيائون ۽ صرف تڏهن ئي اڄوڪي بنيادي ڪاميابي حاصل ٿي. اهي اخلاقي شرط آهن جن کانسواءِ انقلاب ڪامياب نٿو ٿي سگهي.[53]

"تاريخ منصف آهي....... پورهيت، (عدالتي سزا تي) عمل ڪرائيندڙ."[54] - ڪارل مارڪس

(1856ع ۾ عوامي اخبار جي سالگرهہ تي ڪيل تقرير)

Endnotes

---

[1] The Decline & Fall of the Roman Empire, by Edward Gibbon, Vol-6, p, 562
[2] Marx & Engels Correspondence, Letter from Engels to Sorge, Feb 8, 1890
[3] Revolution in China and In Europe, by Karl Marx in New York Daily Tribune, June 14, 1853 (Collected Works: Vol 12, p, 93)
[4] Great Captains Unveiled, by  Liddell Hart, p, 28-29
[5] Marx & Engels Correspondence, Letter from Engels to Danielson, 22 Sep, 1892
[6] Communist Manifesto, by Karl Marx & Fredrick Engels, p, 19 (Selected Works, Vol-I, Moscow, 1969, p, 98-137)
[7] Grundrisse, by Marx (Karl Marx: Selected Writings, Oxford University Press, 1977) P, 394
[8] Marx's Letter to J. Weydemeyer in New York, March 5, 1852 (Selected Correspondence, Moscow, 1965, p, 69)
[9] Communist Manifesto, by Marx/Engels, Selected Works, Vol-1, p. 98-137
[10] Ibid, p. 98-137
[11] Ten Days that Shook the World, by John Reed (Ch: 2)
[12] Lenin: Building the Party, by Tony Cliff, p, 16
[13] Ibid, p,
[14] Ibid, p, 13
[15] Ibid, p, 16
[16] Ibid, p, 36
[17] Left-Wing Communism: an Infantile Disorder, by Lenin (*Collected Works*, Volume 31, p. 17-118)
[18] Class Struggle in France, by Karl Marx (1858) (Karl Marx: Selected Writings, Oxford University Press, 1977) p, 313
[19] The End of History and the Last Man, by Francis Fukuyama (The Free Press, 1992)
[20] The State & Revolution, by Lenin, Collected Works, Vol-25, p, 465
[21] Clash of Civilizations and the Remaking of World Order, by Samuel P. Huntington, p, 33, 183, 321 (Simon & Schuster, 1996)
[22] Clash of Fundamentalists, by Tariq Ali
[23] Economic & Philosophic Manuscripts of 1844, by Karl Marx (First Published by Progress Publishers, Moscow 1959) p, 29
[24] Ibid, p, 5
[25] UN sponsored report: Guatemala, Memory of Silence, by the Historical Clarification Commission in nine Volumes (9-11-2001)
[26] U.S. Arms Transfers to Indonesia 1975-1997: Who's Influencing Whom?. East Timor Background
[27] Rise of China & Demise of the Capitalist World Economy, by Minqi Li, p, 183-4
[28] Materialism and Empirio-Criticism, by Lenin, p, 260-61-62 (Collected Works, Volume 14, 1972)

[29] Science in History, by J. D. Bernal (Vol-4: The Social Sciences & Conclusion, Penguin Books, 1965) p, 1021-22
[30] Ibid, p, 1020
[31] October Revolution & Tactics of Russian Communists, by Stalin, (J. V. Stalin Works, Vol 6, p, 377, Foreign Languages Publishing House, Moscow, 1953) Vol 25, p. 205
[32] The Eighteenth Brumaire of Louis Napoleon, by Marx, Selected Works in One Volume, Progress Publishers, 1968, p, 97
[33] From a Publicist's Diary, by Lenin, Collected Works, Vol-25, p, 285, Progress Publishers Moscow, 1964
[34] Roads to Socialism, by James West, (Article in Political affairs, May 1996)
[35] State and Revolution, by Lenin, Collected Works, Vol-25, p, 417 (Progress Publishers Moscow, 1964)
[36] Ibid, p, 417
[37] On the Peoples Democratic Dictatorship, by Mao Tse Tung, Selected Works, Vol-4, p, 422 (Foreign Languages Press, Peking 1961)
[38] The Bolshevik Revolution, by E. H. Carr, A History of Soviet Russia, 1917-26, Volume-I, p, 15-16
[39] Marx-Engels Selected Correspondence, p, 82
[40] Anti-Duhring, by Engels, p, 108 (Progress Publishers 1947)
[41] A History of Indian Freedom Movement, by E. M. S. Namboodiripad, p, 20-21
[42] Karl Marx, New York Daily Tribune, August 8, 1853
[43] The British Rule in India, by Karl Marx, 1857-69, p, 15
[44] The Future Results of the British Rule in India, by Karl Marx,
[45] Karl Marx, Selected Writings, p, 452-3 (Oxford University Press, 1997)
[46] The British Rule in India, by Karl Marx, MECW Volume 12, p. 125
[47] Ibid, p, 125
[48] Ibid, p, 217
[49] The Attitude of the Workers' Party to Religion, by Lenin, Collected Works, Volume 15, pp. 402-413
[50] Selected Works, by Mao Tse Tung, Vol-4, p, 428
[51] Ibid, p, 374
[52] Ibid, p, 422
[53] Ibid, p, 426
[54] Selected Works, by Marx/Engels, Volume One, p. 500 (Progress Publishers, Moscow, USSR, 1969)